
اخلاقي قدر
(ٻاراڻو ادب)
ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

# اخلاقي قَدر

اخلاقي (Ethical) ۽ علمي (Educational)

**(ڏهن سالن کان سورهن سالن جي ٻارن لاءِ مضمون)**

## ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

**ڊجيٽل ايڊيشن**

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

2024ع

ڪتاب جا سڀئي حق ۽ واسطا ليکڪا وٽ محفوظ آهن.


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | اخلاقي قَدر |
| موضوع: | مضمون نويسي |
| ليکڪا: | ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ<br>03332766564 |
| ڇاپو : | پهريون 2010ع، ٻيو 2015، ٽيون 2020ع.<br>چوٿون ڊجيٽل ايڊيشن سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2024ع |
| ڪمپوزنگ: | گلزيب |

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

**books.sindhsalamat.com**

**2024ع**



# انتساب

ٻاراڻي ادب جو هيءُ ڪتاب پنهنجي گلن جهڙن ٻارن محمد مجتبيٰ (پٽ)، محمد مير ۽ محمد ولي (ڏوهٽن) محمد عارض (پوٽي) ۽ محمد عفان (پوپٽي) جي نانءُ ٿي ڪريان، شل ڏٽي سڳورو ڪين نيڪ نيت، نيڪ دل ۽ نيڪ عمل انسان بنائي. (آمين)

## سنڌسلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ پاران ٻارن لاءِ لکيل مضمونن جو مجموعو ”اخلاقي ۽ علمي قَدر“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.

هن ڪتاب ۾ ڏهن سالن کان سورهن سالن جي ٻارن لاءِ 27 اخلاقي (Ethical) ۽ علمي (Educational) مضمون شامل آهن. ڪتاب ۾ ننڍن ننڍن موضوعن کي کڻي انساني اخلاقن جي اهميت تي زور ڏنو ويو آهي ۽ هي ڪتاب بنيادي طور تي ٻارن جي لاءِ ئي لکيو ويو آهي، پر جيڪڏهن والدين ۽ استاد بہ غور سان پڙهندا ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ ڪتاب ۾ ڏسيل نيڪ نقطن جي روشنيءَ ۾ پنهنجن ٻارن ۽ شاگردن جي تربيت ڪندا تہ اسان جو سماج ۽ انهيءَ سماج جي هونهارن کي مستقبل جي زندگيءَ ۾ بهتر ڪردار ادا ڪرڻ جي واٽ ملي پوندي.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 2010ع ۾ ۽ ٽيون ڇاپو 2020ع ۾ ڇپايو ويو. چوٿون ڇاپو سنڌ سلامت پاران ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ آندو ويو آهي. ٿورائتا آهيون ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست



| | |
|---|---|
| مُهاڳ: ولي رام ولڀ | 9 |
| اخلاقي قدرن معرفت ڏسيل نيڪ نقطا: يوسف سنڌي | 10 |
| ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ شخصيت ۽ فن: سليم چنا | 11 |
| ٻه اکر: (پهريون ڇاپو 2010) ڊاڪٽر پروين موسيٰ | 16 |
| نئين ڇاپي لاءِ ٻه اکر: (ٻيو ڇاپو 2016) ڊاڪٽر پروين موسيٰ | 17 |
| قوم جو آئيندو قوم جا ٻار آهن: (ٽيون ڇاپو 2020)ڊاڪٽر پروين موسيٰ | 18 |

مضمون

| | | |
|---|---|---|
| 1. | اول الله عليم | 21 |
| 2. | حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جا اخلاق مُبارڪ | 23 |
| 3. | سهُڻا اخلاق ايمان جي مضبوطي آهن | 25 |
| 4. | ٻارن جي تربيت ۾ سهڻي اخلاق جي ضرورت | 30 |
| 5. | والدين ۽ اولاد جي رشتي جي اهميت ۽ اولاد جي تعليم ۽ تربيت ۾ والدين جو ڪردار | 34 |
| 6. | جنت ماءُ جي قدمن هيٺ آهي تہ پيءُ جي رضا ۾ الله جي رضا شامل آهي | 38 |
| 7. | دوستيءَ جو بنياد خُلوص ۽ صداقت | 42 |
| 8. | سادگيءَ جا فائدا ۽ فضول خرچيءَ جا نقصان | 44 |
| 9. | وطن جي حُب | 51 |
| 10. | عدل ۽ انصاف جي سماج ۾ ضرورت ۽ امن جي اهميت | 54 |
| 11. | سچ جي طاقت لالچ کي روڪي ٿي | 57 |
| 12. | فرض شناس باهمت ۽ بهادر آهن | 60 |

| | | |
|---|---|---|
| 63 | محنت جي عادت قدرت طرفان عظيم تحفو | .13 |
| 66 | اميد جي قوت ڇا آهي؟ | .14 |
| 68 | شيرين زباني ۽ بدزبانيءَ ۾ فرق | .15 |
| 72 | رحمدلي، عظيم پيغمبري صفت | .16 |
| 74 | حسد ۽ ساڙ ڪان بچڻ گهرجي | .17 |
| 76 | سماج جا تهذيبي ۽ ثقافتي قدر | .18 |
| 77 | ”روحانيت“، اخلاقي قدرن جو اعليٰ درجو | .19 |
| 82 | علم ڇا آهي؟ | .20 |
| 87 | علم لا زوال دولت آهي | .21 |
| 90 | تعليم سڀن لاءِ | .22 |
| 92 | استاد قوم جا معمار آهن | .23 |
| 95 | شاگرد استادن جي قدمن مان اَپري ٿو | .24 |
| 98 | شاگرد جي زندگيءَ جو مقصد | .25 |
| 101 | ڪمپيوٽر سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جا فائدا | .26 |
| 103 | ڪتاب دنيا جي عظيم ترين سوغات آهن | .27 |
| 105 | ليکڪا ۽ سندس ڪتابن جو تعارف | |

# مُهاڳ

”اخلاقي قدر“، مانائتي ڀيڻ پروين موسيٰ ميمڻ جو اهم ڪتاب آهي، جيڪو هن نئين ٽهيءَ جي شاگردن جي اخلاقي قدرن جي زوال پذيري ۽ انحطاط کي سامهون رکي. انهن کي نئين سر ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هُن اخلاقيات کي ڪلاسيڪي فلسفي جو مستقل ۽ هڪ اهم موضوع سمجهندي، اڄ جي دور ۾ ان جي گهٽتي ضرورت تي زور ڏنو آهي. پراڻي دور جي اهم ۽ نامور فيلسوفن پنهنجي سوچ ۽ فڪر جو ڏانچو ان وقت تائين مڪمل نہ سمجهيو جيستائين هنن انهيءَ موضوع تي پنهنجي سوچ ۽ راءِ يا نظريئي جو اظهار نہ ڪيو هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسان کي انهن سيني زبانن ۽ تهذيبن ۾ سُٺا ۽ معياري ڪتاب ملن ٿا، جن ۾ فلسفي جي حوالي سان ڪم ڪيو ويو آهي.

هيءُ ڪتاب ظاهر آهي تہ نئين نسل جي لاءِ دلچسپي ۽ افاديت جو باعث ضرور ٿيندو، پر اُن سان گڏوگڏ عام پڙهندڙ بہ هن ڪتاب مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. هن ڪتاب ۾ اخلاقيات جي موضوع جي حوالي سان جيترو مواد پيش ڪيو ويو آهي، ان ۾ موضوع جي جيترن پهلوئن جو احاطو ڪيو ويو آهي اهو پنهنجي جاءِ تي اهميت جو حامل آهي.

فاضل ليکڪا، مصنفہ جيئن تہ هڪ ذميوار استاد، شفيق والده آهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ هڪ ذميوار شهري آهي، سندس تصنيف ڪيل ڪتابن مان سندس ادب سان لڳن اورچائي ۽ ڪمٽمينٽ بکي رهي آهي، جنهن جو ثبوت اهو آهي جو سندس ڪتاب لاڳيتو شايع ٿيندا رهن ٿا.

مون کي اُميد آهي تہ تحقيق جي صلاحيت رکندڙ هن مصنفا جو قلم تخليق ۽ تنقيد جي ميدان ۾ آئينده بہ وڌيڪ بهتر صورتن ۾ پنهنجي صلاحيتن جو اظهار ڪندو رهندو.

**ولي رام ولڀ**

# اخلاقي قدرن معرفت ڏسيل نيڪ نقطا

گذريل ڪافي سالن کان سنڌي ادب ۾ جيڪي خواتين لکيڪائون انتهائي محنت، لگن ۽ جستجو سان سنڌي ادب جا گهڙا ڀري رهيون آهن، محترمہ پروين موسيٰ ميمڻ جو نانءُ انهن ۾ سڀني کان مٿانهون آهي، ٻين سنڌي ليکڪائن جي ڀيٽ ۾ پروين موسيٰ ميمڻ ان ڪري بہ منفرد حيثيت رکي ٿي تہ سندس ميدان، تحقيق، ترتيب ۽ تدوين آهي. جڏهن تہ ٻين سنڌي ليکڪائن جو لاڙو فڪشن ڏانهن آهي. پروين موسيٰ ميمڻ جي لکيل ڪيترن ئي ڪتابن کي نہ رڳو مختلف ادارن پاران ڇپيو ويو آهي، پر ڪيس پنهنجي ان علمي پورهئي تي ڪيترا انعام ۽ ايوارڊ پڻ ملي چڪا آهن. جنهن مان اها ڳالهہ چٽي ٿي بيهي ٿي تہ سندس علمي ۽ تحقيقي ڪم معياري ۽ وقت جي گهرجن موجب آهي.

آپا پروين موسيٰ جو هي ڪتاب ”اخلاقي قدر“ بہ انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي، جنهن ۾ ننڍين ننڍين موضوعن کي ڪٺي انساني اخلاقن جي اهميت تي زور ڏنو ويو آهي ۽ هي ڪتاب بنيادي طور تي ٻارن جي لاءِ ئي لکيو ويو آهي، پر جيڪڏهن والدين ۽ استاد بہ غور سان پڙهندا ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ ڪتاب ۾ ڏسيل نيڪ نقطن جي روشنيءَ ۾ پنهنجن ٻارن ۽ شاگردن جي تربيت ڪندا تہ اسان جو سماج ۽ انهيءَ سماج جي هونهارن کي مستقبل جي زندگيءَ ۾ بهتر ڪردار ادا ڪرڻ جي واٽ ملي پوندي. مون هي ڪتاب ڏاڍي دلچسپيءَ ۽ ڌيان سان پڙهيو ۽ خواهش اٿم تہ سڀ مائرون، پيئرون، والدين ۽ استاد بہ غور سان پڙهن تہ جيئن اسان سماجي، معاشي ۽ اخلاقي قدرن جي اهميت جو انداز لڳائي سگهون.

**يوسف سنڌي**

# ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ شخصيت ۽ فن

پروين موسيٰ ميمڻ پهريان تعليم ۽ پوءِ ادب جي حوالي سان تمام گهڻي ڄاتل سڃاتل، سڄاڻ، ساڃاهه وند، استاد ۽ اديب طور پاڻ مڃرايو آهي اهو سنڌس ڀاڳ آهي جو سنڌس سياڳ ان خاندان ۽ شهر سان لاڳاپيل آهي جنهن جي مٽيءَ ۾ محنت ۽ عظمت جي مٺيا شامل آهي. هن شهر جي ڪٽنبن ۾ هنن جو کهول علمي، ادبي ۽ سماجي رتبي ۾ هميشه اڳيرو تي پاڻ مڃائي سرخرو تي ويو آهي. هنن جي ويڙهي، پاڙي ۽ ڪٽنب، ڏس، گس ۽ ڏاهپ جو ڏيئو ٻاري ڏيپلي جي اهڙي ته جوت جياري ۽ جلائي آهي، جو اهو ٿر جو وارياسي ريگستاڻو ڳوٺ (هاڻ شهر) پنهنجي نالي سان دنيا سڄي ۾ پهتل، پڙهيل لکيل، سڌريل ۽ سلجهيل ماڻهن جي ڪري مشهور ۽ معروف ٿي ويو آهي، ۽ لک شاباسون هجن انهن عظيم ماڻهن کي جن پنهنجي جنم ڀومي ڏيپلي تي ناز ڪندي وڏي فخر سان پاڻ کي ڏيپلائي سڏايو آهي.

اسان جي هن لائق فائق استاد، اديبه، پي ايچ ڊي ڊاڪٽر ۽ سماج سڌارڪ مثالي عورت به پنهنجون نور پريون اکيون سال 1958ع ۾ ڏيپلي شهر جي معزز شخص محمد موسيٰ ميمڻ جي گهر ۾ کوليون، پرائمري تعليم مٺي، عمرڪوٽ، ماتلي، ننڍي ۽ ڏيپلي ۾ پڙهي سيڪنڊري تعليم سانگهڙ، ڏيپلي ۽ ميرپورخاص مان ورتائين، ان جو سبب سندس مختيارڪار پيءُ جون سرڪاري بدليون هيون.

ايم اي سنڌي ادب ۾ ڪرڻ بعد 1991ع ۾ پبلڪ سروس ڪميشن پاس ڪري ليڪچراري ماڻيائين ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر جي مان مرتبي تائين پهتي، الله تعاليٰ کيس سنڌس علمي، ادبي، سماجي ۽ تدريسي خدمتن جو موقعو ايترو ته گهڻو ڏنو جو خود ڏيپلو هن جو نالو کڻي پنهنجي سڃاڻپ ايئن ڪرائي ته آئون اهو شهر آهيان، جنهن ۾ پروين موسيٰ ميمڻ ڏيا، ڏيا ٻاري ڏيپلي کي ڏيئن (علم جي جوت) جو شهر بنائي ڇڏيو آهي، 54 سالن جي عمر ۾ هن همت ۽ محنت سان 2012ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي جو امتحان پاس ڪري ورتو، پروين کي پي ايچ ڊي ڊاڪٽر ٿيڻ لاءِ 08 سال

محنت ڪرڻي پئي، جيڪا ڳالهه ثابت ڪري ٿي تہ هيءُ عورت هجڻ جي باوجود انتهائي حوصلا مند ۽ ثابت قدم آهي، سندس ننڍپڻ جي تعليم کان وٺي هيل تائين هوءَ مسلسل جاکوڙ ڪري سنڌي ادب جي لاءِ پنهنجو ڪارائتو ڪردار ادا ڪندي پئي اچي.

پروين جي 19 سالن جي عمر ۾ پنهنجي پڦي جي پٽ انجنيئر انور خان سان سال 1976ع ۾ شادي ٿي ڪيس هڪ نياڻي نالي ثمر رفيق الرحمان ڊاڪٽر آهي، پٽ ياسر رضا ڊاڪٽر (Dentist) آهي، ٻنهي ڌيءَ ۽ پٽ جي شادي ڪرائي ڇڏي اٿس، جيڪي ماشاءَ الله صاحب اولاد بہ آهن. سندس ننڍو پٽ محمد مجتبيٰ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهي NED يونيورسٽيءَ مان انجنيئر ٿيو آهي. سندس پٽ ڊاڪٽر ياسر رضا بہ پيٽارو ڪاليج مان پڙهيو تہ سندس گهر وارو انجنيئر انور خان بہ پيٽارو مان پڙهي نڪتو هو. پروين جا ڀائر، ڀائيٽيا ۽ ڀاڻيجا بہ گهڻي ڀاڱي پيٽارو ڪاليج مان پڙهي وڏن وڏن عهدن تي وڃي پهتا آهن. ايئن هيءَ گهراڻو پاڻ کي "پيٽارين" سڏائيندي فخر محسوس ڪري ٿو. ڪجهہ حوالن مان معلوم ٿيو تہ پروين ۽ سندس گهر واري نہ رڳو پنهنجي اولاد پر ڀائرن ۽ ڀينرن جي اولاد لاءِ بهتر تعليم ۽ تربيت جو ماحول پيدا ڪيو.

پروين موسيٰ ميمڻ باقاعده 2004ع کان پنهنجي علمي ۽ ادبي پورهئي کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ شروع ڪيو. سندس لکڻ جي شروعات ڪهاڻين ۽ مضمونن جي صورت ۾ 1980ع کان ٿي جنهن مان ڪهاڻي "چري"، ڪهاڻي .ماءُ جو دِلاسو" ۽ ڪجهہ مضمون چند رسالن ۾ ڇپيا، 2004ع ۾ ئي سندس پهريون ڪتاب، "سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات" ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان پوءِ "سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس" ۽ "وکر سو وهاءِ" ڪتاب 2008ع ۽ 2011ع ۾ هائر ايجوڪيشن اسلام آباد مان شايع ٿيا. پروين جا ٻيا ڪتاب "اٿي رائو ريل"، "سون ورنيون سوڍيون"، "آديسين ادب آهي اکڙين ۾" ۽ ٻيا ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيا. ڪيس سال 2009 ۾ ڪتاب "اٿي رائو ريل" تي سنڌي ادبي سنگت طرفان بهترين تحقيق ۽ تنقيد جو ايوارڊ

مليو ۽ ”اخلاقي قدر“ کي ٻاراٽي ادب ۾ نيشنل بڪ فائونڊيشن پاران بهترين ڪتاب جو سرٽيفڪيٽ مليو. پي ايچ ڊي جي تحقيقي مقالي تي انجمن ترقي پسند مصنفين پاران بهترين تحقيق جو ايوارڊ ڏنو ويو. سندس هڪ ضخيم ڪتاب ”سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو“، سي ايس ايس جي 2015ع جي نئين نصاب مطابق ڇپيو. چوٿون ڇاپو 2020ع ۾ آيو آهي جيڪو لاهور، اسلام آباد، ڪراچي ۽ سنڌ جي وڏن شهرن جي بڪ اسٽالن تي موجود آهي ته سي ايس ايس اڪيڊمين ۾ به پڙهايو وڃي پيو. ۽ اجا به ڏهن ڪتابن کي مڪمل ڪرڻو اٿس، جيڪي به انشاءَ الله ڇپجي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچندا.

پروين موسيٰ ميمڻ هڪ استاد جي حيثيت ۾ پنهنجي زندگي جي سڦلتا وارو سفر شروع ڪيو ۽ علم جي مشعل کي اجهامڻ نه ڏنو. هن هڪ عورت هجڻ جي ناتي عورتن جي ڀرپور نمائندگي ڪندي پنهنجي پي ايچ ڊي جو عنوان چونڊيو. ”سنڌي نثر جي تاريخ ۾ عورتن جو حصو 1985ع تائين تحقيقي اڀياس“ رکيو. سندس پسند جا راڳي آهن، علڻ فقير، جيجي زرينه بلوچ، سرمد سنڌي ۽ لتا منگيشڪر ۽ جيڪي شاعري ۾ کيس گهڻو متاثر ڪري ويا اهي آهن شاهه لطيف، شيخ اياز، تنوير عباسي، استاد بخاري، فيض احمد فيض ۽ پروين شاڪر.

ڊاڪٽر پروين ميمڻ جي ڪتابن کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ داڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر فهميده حسين، ٻين ادب دوستن، اديبن ۽ دانشورن تمام گهڻو ساراهيو آهي ۽ حقيقت ۾ ڊاڪٽر پروين جو اهو حق به آهي ته ڏيپلي جي هيءَ ڏياتي ڏيهه پرڏيهه ۾ روشني جو ايئن شماءُ تي نڪري نروار ٿي آهي جيئن ساموندي جهازن لاءِ ٽاور آف لائيٽ هوندي آهي. منهنجي دعا آهي ته الله تعاليٰ کيس هميشه خوش ۽ چاڪ چڱو ڀلو رکي، جيئن هوءَ اڃان وڏيڪ علم، ادب ۽ ڏاهپ جي جوت جلائي، سنڌي ادب جو ديس پرديس تائين پيغام رسائي انسان ذات جي خدمت ڪندي رهي. آمين ثم آمين.

هاڻي اچو تہ سندس ٻاراڻي ادب تي لکيل ڪتاب "اخلاقي قدر" مان ڪي ڪارائيتيون ڳالهيون ڪي گلن جون ڪليون، ڪن گلن ڦلن جي سونهن ۽ سُندرتا ڏسون ۽ معصوم ٻارن جيان مُرڪي سُرهاڻ ۽ خوشبوءَ سان واسجي وڃون، ها تہ اچو هاڻ هي "اخلاقي قدر" کولي ڏسون تہ هن ۾ ڪهڙو انمول خزانو آهي.

"اخلاقي قدر، ڪتاب جو نالو ئي ٻڌائي ٿو تہ ليکڪا پنهنجي عمر، مطالعي، مشاهدي ۾ جاڻ جي کاڻ آهي. ڇو تہ هن ڪتاب ۾ آيل سيئي مضمون انسانذات جي چڱاين سان لاڳاپيل آهن، هيءَ دنيا چڱن عملن جي ڪري ئي پر امن خوشحال ۽ ترقي يافتہ ٿي سگهي ٿي، ڇو تہ چڱا عمل ئي اخلاقي قدرن کي جنم ڏين ٿا ۽ اخلاقي قدر قبيلن، قومن، ملڪن ۽ ڪنڊن جي تاريخ تهذيب، تمدن، امن، خوشحاليءَ ۽ ترقي جا امين هوندا آهن.

مضمون، "سُهڻا اخلاق" ۾ موضوع تي ڀرپور لکندي ليکڪا، قرآن شريف جون نندڍيون آيتون، شاهہ لطيف جا بيت، مرزا قليچ ۽ تنوير عباسيءَ جي شاعري، رابندر ناٿ ٽئگور ۽ علامہ اقبال جا چيل قول ۽ هڪ ڏاهي جي قول کي لکي، ٻارن کي آسان ۽ سولي انداز سان جاڻ ڏئي ٻُڌايو آهي تہ، سُهڻا اخلاق ايمان جي مضبوطي آهي، مضمون، استاد ۽ شاگرد جو تعلق ۾ شاگرد جو با ادب هجڻ ۽ استاد جو مان ۽ مرتبو بلند ڄاڻايل آهي. دوستيءَ جي موضوع تي تمام سٺو لکيو ويو آهي، استاد بخاريءَ جي شعر هن مضمون ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن ۽ هڪ انگريزي قول ڏئي دوستيءَ ۾ معاف ڪرڻ جي خصلت کي سامهون آندو ويو آهي، ٻارن جي تربيت ۾ سهڻن اخلاق جي اهميت تي مضمون، حُسن اخلاق جي تعريفن ۽ خصلتن سان ڀرپور آهي، سمجهاڻيءَ طور حوالا ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي قول جو ذڪر ڪري مانواري ليکڪا ٻارن لاءِ سهڻي اخلاق کي انتهائي اهم قرار ڏنو آهي. قائد اعظم ۽ ٻين جا حوالا بہ هن مضمون جي اهميت وڌائن ٿا. اهڙي طرح هن ڪتاب ۾ انتهائي اهم موضوعن تي مضمون آيل آهن.

ڊاڪٽر پروين جو ڪمال آهي تہ هن وڏي محنت سان موضوعن تي لکيل شعر ۾ انهن بابت قرآن ۾ حديث منجهان حوالا ڳولي ٻارن کي مختصر لفظن ۾ تمام وڏي معلومات مهيا ڪئي آهي.

هن ڪتاب جي خوبي اها آهي تہ هي ڪتاب بين الاقوامي ٻارن جو ڪتاب آهي، هن کي جنهن بہ زبان ۾ ترجمو ڪيو ويندو تہ ان ملڪ جي ٻارن لاءِ مروج چاڻ جا موضوع اهي ئي ساڳيا هوندا. جن ۾ قرآن ۾ حديث کان وٺي دنيا جي وڏن شاعرن، اديبن ۾ دانشورن جا حوالا تمام گهڻو نظر ايندا.

ڇو تہ دنيا جو هر ٻار جڏهن بہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ پڙهندو تہ کيس مٿيان موضوع نوان يا اجنبي نہ لڳندا. اها ئي هن ڪتاب جي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحبہ جي مضمونن واري چونڊ بہ علمي دنيا واري ئي آهي. شاگرد تہ ڇا پر وڏا بہ هن ڪتاب ۾ آيل مختصر مضمونن مان وڏو لاڀ حاصل ڪري سگهن ٿا.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ صاحبہ پنهنجي هن ننڍڙن مضمونن واري ننڍڙي ڪتاب ۾ تمام وڏا ۽ اهم موضوع ڏئي انهن کي سمجهائڻ لاءِ حوالا بہ تمام وڏا ڏنا آهن، جي هن ڪتاب جي سونهن، ساڃاهہ ۽ سوچ کي اهميت ڏين ٿا. دعا ٿو ڪريان تہ شل الله تعاليٰ ليکڪا جي قلم ۾ اجان بہ وڌيڪ ترقي ڏئي ڪيس انهيءَ صدقہ جاريا، جاري رکڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين ثم آمين.

**سليم چنا**

قاسم آباد، حيدراباد

23_09_2016

# ٻه اکر

نوجوان نسل پاڪستان جي سر زمين جو ناياب سرمايو ۽ بقا جو نشان آهي، انهن جي تعليم تربيت ۽ سڌاري لاءِ جيترا به اپاءُ ورتا وڃن، جيتريون به ڪوششون ڪيون وڃن گهٽ آهن. اسان جي نئين نسل جي ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جي ڪُنجي سندن اخلاقي تربيت ۽ اعليٰ تعيلم حاصل ڪرڻ ۾ آهي، اهوئي سوچي پنهنجي قوم جي مستقبل جي معمارن لاءِ هيءُ اخلاقي ۽ علمي مضمونن جي ڪتاب لکيو اٿم.

هي ڪتاب هڪ ڊگهو مضمون چئجي يا ننڍن ننڍن موضوعن جي مضمونن جي سلسليوار احوال تي مشتمل ننڍو ڪتاب چئجي. پر انهيءَ جي مقصديت، موضوع مطابق انساني اخلاقي قدرن جي اپٽار آهي، جنهن جي اڄ جي دور ۾ هر ننڍي وڏي، مرد ۽ عورت مطلب ته سماج جي هر فرد کي ضرورت آهي، انسان جي انفرادي حياتيءَ جو دارومدار، سماجي زندگيءَ تي آهي ۽ هو پنهنجي ئي ترتيب ڏنل سماج جو هڪ جزو آهي ۽ هر فرد پنهنجي ليکي سماج جو هڪ ضروري ۽ اهم جزو آهي. دنيا ۾ گهڻائي ڌرم/ مذهب آهن، جن سيني ۾ ڪيترائي علمي، اقتصادي، سياسي ۽ مذهبي فلسفا ۽ نظريا آهن، پر گهڻي ڀاڱي سيني جي عمارت جو بنياد ”انساني اخلاقيات“ جي فلسفي تي ٻيڌل آهي، جيستائين انسان کي اها خبر نه پوندي ته هو پاڻ ڇا آهي ۽ سندس زندگيءَ جي مقصديت ڇا آهي؟ تيستائين هُو ڪڏهن به هن ڌرتيءَ لاءِ ۽ پنهنجو پاڻ لاءِ ڪارائتو فرد نٿو ٿي سگهي ۽ سماج ۾ سندس هئڻ ۽ نه هئڻ سان ڪو به فرق نٿو پوي. ماڻهوءَ کي ماڻهپي ڏي موڙڻ ئي اخلاقيات جو بنياد آهي.

هن ڪتاب معرفت انساني اخلاقي قدرن کي معاشري جي معاشي، سماجي، سياسي، ديني ۽ علمي حالتن جي حوالي سان سمجهايو ويو آهي. اميد ته شاگردن کي پسند ايندو ۽ هُو پنهنجي مطلب جا موتي هِن ڪتاب مان حاصل ڪري پنهنجي شخصيت کي سنوارڻ ۾ مدد حاصل ڪندا ته پوءِ آئون سمجهنديس ته منهنجو پورهيو صاب پيو.

**پروين موسيٰ ميمڻ**
2010_10_02

# نئين ڇاپي لاءِ ٻه اکر

”اخلاقي قدر“ ڪتاب جو نئون ڇاپو شايع ٿيڻ تي آئون انتهائي مُسرت محسوس ڪري رهي آهيان. هيءُ ڪتاب نيشنل بڪ فائونڊيشن جي هڪ اشتهار Promotion of Children Literature هيٺ لکيو هئم، جيڪو قومي مقابلو هو ۽ مون ضروري سمجهيو ته انهيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻاراڻي ادب جي شموليت هئڻ گهرجي، موضوع مضمون نويسي گهربل هو جنهن جو مون کي سدائين شوق رهيو آهي. بنيادي طور آئون مضمون نگار ئي آهيان، هن ڪتاب لکڻ لاءِ ڪي حدون (Limits) پڻ مقرر هيون. يعني صفحن جو تعداد، موضوع مطابق ۽ 16 سالن جي عمر تائين جي ٻارن لاءِ لکيل هجي. انهيءَ مضمونن جي ڳتڪي جو عنوان معاشي قدر ڏنل هو. جنهن جا ذيلي عنوان اخلاقي قدر، سماجي قدر ۽ معاشي قدر هئا جنهن ۾ مون اخلاقي قدرن کي فوقيت ڏيئي اخلاقي قدرن جي مختلف موضوعن جيئن دوستي، حُسن اخلاق، امن، لالچ، پيار، محبت، سچ، فرض شناسي، بهادري، محنت، وقت جو قدر، خود اعتمادي ۽ ٻين موضوعن تي مختصر مضمون لکي هيءُ ننڍڙو اخلاقي قدرن جو گلدستو سجايو، جيڪو ٻارڙن سان گڏ سندن والدين ۽ استادن ۾ پڻ مقبول ٿيو ۽ اڄ شدت سان ضرورت پئي محسوس ٿئي ته اسان جو نئون نسل اهڙن اڻ ملهه اخلاقي قدرن سان واقف ٿيئي، جن جو حڪم قرآن پاڪ ۽ حديثن ۾ آيل آهي ۽ جن جي هئڻ سان مستقبل جا اهي معمار سماجي طور ڪارآمد ٿيندا ۽ سماج ۾ اهم مقام حاصل ڪندا (آمين).

**ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**
2016_2_6

# قوم جو آئيندو قوم جا ٻار آهن

انساني اخلاقي قدرن جي گلدستي جي هڪ هڪ پنکڙي هن سماج جي هر شخص جي فطرت لاءِ ضروري آهي، جيڪڏهن اهي سڀ چڱا گڻ جن سان هڪ نيڪ دل ۽ نيڪ عمل ماڻهوءَ جي مزاج جي تعمير ٿي ٿئي سي هر هڪ ۾ واسجي وڃن ته هوند هيءَ دنيا جنت ۽ ڌرتيءَ جو هر هڪ ذرو گلستان بنجي وڃي. هن ڌرتيءَ جي ٽڪري ڪي اڄ جيتري ضرورت امن سڪون ۽ اخلاق جي آهي، ايتري ڪڏهن به نه هئي، اسين ڪيتريون امن ميٽنگون ڪيترائي سيمينار ۽ ڪانفرنسون هن ڏس ۾ ڪونايون ٿا ۽ جلسا جلوس ڪريون ٿا ته امن ۽ سڪون قائم ڪيو وڃي پر ناڪام ٿيون ٿا. لڳي ايئن ٿو ته اسين حقيقت ۾ ايئن ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهيون. جنهن جا ڪيترائي سبب هجن پر اهو مڃڻ گهرجي ته اڄ جي ماڻهوءَ مان ماڻهپو موڪلائي ويو آهي، سنڌ جي ڏاهي اديب امر جليل ڪتاب ”ٽيون وجود“ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته، ”تاريخ جي هر دور ۾ انسان ڪي انسان مذهب ۽ قوميت جي نالي تي ڪُٺو آهي، ايڏي تعداد ۾ نه قدرتي آفتن، نه وبائن ۽ نه بلائن انسان ڪي ماريو آهي، جيتري تڪليف ڪيس هن اشرف المخلوقات ڏني آهي، هن پنهنجي اشرف المخلوقات هئڻ جي نفي ڪئي آهي ۽ ان ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي آهي هن پنهنجو ”پرائيڊ آف پرفارمنس “ موليٰ ڪي موٽائي موڪليو آهي“.

مٿين حقيقت جي هوندي به هتي آئون اهو چونديس ته جيئن هر نئون ڇاول ٻار اها شاهدي ٿو ڏئي ته ڏٽي سڀڳورو اڃان انسان مان نااميد نه ٿيو آهي، تيئن اهو ضرور ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته نيڪيءَ ۽ بديءَ جي ٽڪراءُ واريءَ هن ڌرتيءَ تي نيڪي وڏي واڪي ڄاڻائي ٿي ته ”آئون موجود آهيان“ ۽ بدي خودبخود نامراديءَ ۽ زوال جي صورت اختيار ڪري ٿي.

شاعر، اديب ۽ عالم پنهنجي قومن جا سفير آهن ۽ سندن قلمي سفر قوم ڪي ماڻهپي ڏي موڙڻ آهي. اهو سفر ڪٺن هوندي به قوت وارو آهي. قلم جي طاقت آهستي آهستي لفظن جي ذريعي سڌي روح تي اثر انداز ٿي دلين ڪي فتح ڪري ٿي. ٽئگور، ٽالسٽاءِ، شيڪسپيئر، ڪاليداس، هرمن هريس، ڊانٽي، ورجل، هومر، ملٽن، گورڪي، رومي، جامي، حافظ، لطيف، اياز، بخاري، تنوير عباسي ۽ ڪنهن به ڏيهي/پرڏيهي اديب يا شاعر ڪي پڙهي ڏسو ته انساني

عظمت، محبت ۽ ڀائيچاري جي فلاسافي ڏسڻ ۾ ايندي، سندن قلمن جا چٽيل نقش سدا بهار ۽ سدا قائم رهڻ وارا آهن. ڇو تہ قلم جي ئي قوت آهي جا علم جو بنياد ۽ قومن جي تقدير جي پاسبان آهي. **ڪنهن بہ قوم جو آئيندو ان قوم جا ٻار آهن**، اسان جو ايندڙ نسل تڏهن ڪاميابي ۽ ڪامراني ماڻيندو جڏهن سندن تعليم ۽ تربيت انساني اخلاقي معيارن مطابق ٿيئي نوجوان نسل هن ڌرتيءَ جو ناياب سرمايو ۽ بقا جو نشان آهن. انهن جي تعليم، تربيت ۽ سڌاري لاءِ جيترا بہ اُپاءُ ورتا وڃن جيتريون بہ ڪوششون ڪيون وڃن اهي گهٽ آهن. هن ڪان اڳ مون تحقيق، تنقيد، تاريخ، لطيفيات ۽ ٻين موضوعن تي ٽيهہ کن ڪتاب لکيا آهن. اخلاقي ڪتاب ڪي ڏاڍي ذوق ۽ شوق سان لکيو اٿم، جنهن کي نيشنل بُڪ فائونڊيشن وارن مئرٽ تي سيڪنڊ ڪئٽيگري ۾ منظور ڪري سرٽيفڪيٽ ڏيٺو ڪيو آهي.

آئون سمجهان ٿي تہ منهنجو هي ڪتاب سنڌي قوم جي ٻارن جي لاءِ مقصديت ۾ فائديمند ثابت ٿيو آهي. جو ٽي ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. جنهن مان يقيناً ڪين مطالعي ۽ محنت جو شوق ٿيندو ۽ هو مضمون نويسيءَ جي اهم ادبي صنف ڏي بہ مائل ٿيندا، هونئن بہ جيستائين چڱو ادب ڇپبو رهبو، تيستائين انسانيت جو مستقبل اونداهو نہ رهندو. سو اڄ جي ٻارن کي سهل پسنديءَ مان ڪڍي کين معياري مطالعي ڏي موڙڻ ضروري آهي، مطالعو ئي آهي جو سندن ذهن کي مهٽي، رڱڙي، چمڪائي، اڇو اجرو ڪري، کين نوان گس ۽ راهون ڏسيندو.

درسي طور مضمون نويسيءَ جي تمام گهڻي اهميت آهي، عام طور (Creative writing) يا مضمون نويسي شاگردن کي ٻوليءَ جي سبجيڪٽ يعني انگريزي، سنڌي ۽ اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ سيکاري ويندي آهي، اڄڪلهہ تہ اسڪولن ۾ ننڍين ڪلاسن کان ئي (Creative writing) جي عادت وڌي پئي وڃي تہ جيئن هو ننڍين ننڍين موضوعن تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪن. انهيءَ سان شاگردن جون سوچڻ ۽ سمجهڻ جون صلاحيتون وڌن ٿيون ۽ Vocabulary يعني لفظن جي سرمايي ۾ اضافو ٿئي ٿو. کين ٻوليءَ ۾ گرامر جي صحيح استعمال جي خبر پوي ٿي. انهيءَ لحاظ کان جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ شاگردن لاءِ ضروري آهي تہ هو مختلف موضوعن تي مضمون لکڻ جي مشق ڪن، موضوع تي تفصيلي غور ويچار ڪري، لکڻ جي ڍانءَ کان

واقف ٿين. اسان وٽ رائج موضوعن کان هٽي ڪري جيڪڏهن ڪو ٻـ موضوع شاگردن وٽ لکڻ لاءِ پيش ٿيندو آهي تـ هو گھبرائجي ويندا آهن. ان جو سبب اهو آهي تـ ڪين اڪثر هنڌن تي مضمون ياد ڪرايا وڃن ٿا. حالانڪ جيڪڏهن ڪين مضمونن جا موضوع سمجھايا ۽ لکڻ جا طريقا سيکاريا وڃن تـ هوند اهي رٽو لڳائڻ کان بچي وڃن. انهيءَ لاءِ ضروري اهي تـ سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ مضمون نويسي تي مختلف ۽ منفرد موضوعن سان سجيل ڪارائتا ڪتاب لکيا وڃن. مضمون نويسيءَ جا مقابلا منعقد ڪيا وڃن ۽ مضمون لکڻ جا اصول سمجھايا وڃن تـ پوءِ يقينن شاگرد ٻوليءَ جي سٺاءُ ۽ سونهن کان ۽ علم ادب جي هن اهم صنف کان صحيح با خبر ٿيندا. هيٺ مضمون لکڻ لاءِ ڪجھ اصول پيش ڪجن ٿا:

(1) مضمون نويسيءَ جو تعلق سڌو سنئون نثر نويسيءَ سان آهي. شاگردن لاءِ نثر نويسيءَ جي اصولن ۽ ڄاڻ جو مطالعو ضروري آهي. (2) مضمون نگاريءَ لاءِ موضوع مطابق مطالعو، مشاهدو، بياني قوت جو ڍنگ، ادبي انداز، عام فهم ۽ اثرائتي ٻوليءَ جو استعمال ضروري آهي. (3) مضمَون يا مقالي کي ٽن حصن ۾ ترتيب مطابق ورهائي لکيو وڃي، جنهن ۾ پهرين موضوع جو تعارف، ٻئي حصي ۾ موضوع کي مثالن سان سمجھايو وڃي تـ ٽئي حصي ۾ سڄيءَ ڄاڻ جو تتِ پيش ڪيو وڃي. (4) مضمون ۾ خاص طور اختصار، جامعيت، مقصديت، لطافت ۽ انفراديت هئڻ ضروري آهي. درسي طور مضمون نويسيءَ جي اهميت سمجھائڻ ڪانپوءِ پڙهندڙن کي انساني اخلاقي قدرن جو هيءُ ڪتاب انتهائي مفيد محسوس ٿيندو. هن ڪتاب جا ٽي ڇاپا ڇپجي چڪا آهن ۽ هيءُ چوٿون وڌايل ايڊيشن سنڌ سلامت آن لائين ڪتاب گھر تي رکائي رهي آهيان. اميد تـ قبول پوندو.

(2)

**ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

**نومبر، 2023ع**

# اول الله عليم

اَوَلِ اَللهُ عَلِيمِ، اعليٰ، عالَمَ جو ڌڻي،
قادِرُ پنهنجي قُدرت سين، قائم آهِ قَديِمِ،
والِي، واحِدُ، وَحدَهٗ، رازِقُ، رَبُ رَحيِمِ،
سو ساراهہ سچو ڌڻي، چئي حَمدُ حَڪِيمُ،
ڪري پاڻ ڪَرِيمِ، جوڙُون جوڙَ جهان جي.

(1_1 ڪلياڻ، شاهہ لطيف)

سڀ تعريف ان ربَ پاڪ کي ئي جڳائي، جيڪو هن عالم جو ڌڻي ۽ مالڪ آهي. جنهن جي قدرت ۽ ڪبريائي بيان ڪرڻ انسان جي وس کان مٿي آهي. هو زمين، آسمان بلڪ ڪل ڪائنات جو مالڪ آهي. هن نہ ڪنهن کي ڄڻيو آهي ۽ نہ ئي هن کي ڪنهن ڄڻيو آهي. سچو قرآن پاڪ خدا پاڪ جي عظمت جو بيان آهي. صرف سورة ”اخلاص“ ۽ ”الحمد شريف“ جي معنيٰ تي صحيح نموني غور ڪريون تہ معلوم ٿئي ٿو تہ ربَ پاڪ جي عظمت اعليٰ ترين آهي. قرآن پاڪ ئي هڪ اهڙو ڪتاب آهي جيڪو ڌڻي سڄوري انسانن جي رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ رسول پاڪ صلعم جن تي نازل ڪيو ۽ اسان کي انهيءَ کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ تعظيم ڪرڻ جي تلقين ڪئي. هڪ هڪ لفظ مبارڪ سچو سون آهي، جيڪڏهن اسين دِل سان هنڊايون ۽ عمل ڪريون. قرآن ۾ ڪيترين ئي جڳهين تي الله تعاليٰ جي عظمت ۽ ڪبريائيءَ جا مثال بيان ڪيل آهن. رب پاڪ اڪيلو آهي ۽ قائم دائم آهي. وڻ، ٽڻ، گل ڦل، سج، چنڊ ۽ هي ڪل ڪائنات سندس تابع آهي. هو پروردگار، قادر، عليم، خبير، حڪيم، حليم، قدير، سميع، بصير، حافظ، وهاب، ستار، جلال، غفار، قهار، عزيز، باسط، قوي ۽ نہ ڄاڻ ڪيترين صفتن ۽ خوبين وارو آهي. الله تعاليٰ جا 99 نالا قرآن پاڪ ۾ آهن جن کي ”اسماءَ الحسنيٰ“ چئجي ٿو. هر نالو سندس صفت جو مظهر آهي، هن واليءَ واحد جي وحدانيت جي واکاڻ ڪرڻ جو نہ فقط رب جو حڪم آهي، پر انهيءَ جي تعميل انسانذات کان سواءِ سندس خلقيل هر مخلوق ڪري رهي آهي ۽ ڪندي رهندي، خدا پاڪ جو

حڪم آهي تہ، ”سڄيءَ دنيا جا وڻ قلم ٿي وڃن ۽ سمنڊ مس ٿي وڃن تہ بہ ربَ پاڪ جون ڳالهيون ختم نہ ٿين“. انهيءَ ڪري اسان کي ڄاڻڻ گهرجي تہ ايمان جي پختگي ئي اڻ ڏٺي تي ايمان آهي. ضروري آهي تہ اسين دليلن ۾ منجهڻ جي بدران يقين جي قوت سان خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي مٿس ايمان آڻي ڪلمي تي قائم رهون ۽ دل ۽ دماغ سان اهو مڃيون تہ بيشڪ رب پاڪ ئي وحده لاشريڪ له آهي ۽ اها ايمان جي قوت ئي آهي جيڪا ٻانهي ۽ ربَ جي رشتي کي مضبوط بنائي ٿي.

# حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جا اخلاق مُبارڪ

رسول پاڪ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي شخصيت ۽ اعليٰ اخلاق مبارڪ جي ذڪر سان ڪيترائي ڪتاب سينگاريل آهن ته به سندن چڱا گُڻ ۽ نيڪ خصلتون بيان ڪرڻ جڻ ته انساني قُوت کان مٿي آهي. پنهنجي پياري حبيب جي لاءِ رب پاڪ هيءُ جنسار جوڙيو ڪل ڪائنات جي ذري ذري کان ڪيس معتبر ۽ مٿانهون ڪيائين. سندن شرف ۽ اعليٰ حيثيت کي ڪلمي جي ذريعي ثابت ڪيائين. مٿن درود پڙهيائين ۽ ايمان وارن کي ڄاڻايائين ته ”بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ درود پاڪ پڙهن ٿا. نبيءَ سڳوري تي اي ايمان وارو توهين به درود ۽ سلامتي موڪليو نبي پاڪ صلعم تي “ (آيت 56، رڪوع 6، سورت الاحزاب، سيپارو 22)

”انهيءَ کان وڏيڪ ڪا عظيم ذات هوندي جنهن جي واکاڻ ۽ ساراهه خود ربَ پاڪ ڪئي هجي. رسول پاڪ صلعم جن رحمت اللعالمين ۽ شفيع المذنبين آهن، ڏينهن قيامت لاءِ ڇوٽڪارو آهن. سندن ذات مبارڪ ڪل عالم لاءِ رحمت ۽ شفاعت آهي.

رسول پاڪ صلعم جن 12 ربيع الاول سومر جي ڏينهن اٽڪل پندرهن سئو سال اڳ مڪي پاڪ ۾ پيدا ٿيا. پاڻ سڳورن جو جنم هاشمي قريش خاندان ۾ ٿيو. والد جو نالو حضرت عبدالله ۽ والده جو نالو بيبي آمنه آهي. رسول پاڪ جن کي سندن والد جي وفات جي ڪري پهرين ڏاڏي عبدالمطلب ۽ پوءِ چاچي ابو طالب پاليو. پاڻ ننڍيءَ عمر کان ئي بااخلاق ۽ سچار مشهور هئا. جنهن جي لاءِ ڪيترائي واقعا اسلامي تاريخ ۾ ذڪر ٿيل آهن. پياري رسول پاڪ جي چڱن گُڻن جي ڪري ئي عرب جي جهيڙاڪ قوم متاثر ٿي ۽ اسلام قبول ڪيو. سندن ڏنل اسلام جي تعليم طبقاتي فرق ختم ڪري ڇڏيا. پاڻ مسلمانن کي واضح طور سمجهايائون ته ”توهان سڀ آدم جي اولاد آهيو ۽ آدم مٽيءَ جي پيدائش آهي. اوهان مان ڪنهن کي ڪنهن تي فوقيت حاصل نه آهي. سواءِ پرهيزگاريءَ جي. “ ”بيشڪ توهان مان الله وٽ ويجهو اهو آهي جيڪو پرهيزگار آهي.“(الحجرات/13)

الله جي رسول مسلمانن کي زندگيءَ گذارڻ جا صحيح اصول سمجهايا. ڪين ڄاڻايو تہ عورت جا مرد تي، مرد جا عورت تي، مزور جا مالڪ تي ۽ مالڪ جا مزور تي، اولاد جا والدين تي ۽ والدين جا اولاد تي، استاد جا شاگرد تي ۽ شاگرد جا استاد تي ڪهڙا حق ۽ فرض آهن. زندگيءَ جي هر رخ کي موقعي مهل مطابق سمجهائي، ڪيترن ئي مسئلن کي عملي طور زندگيءَ ۾ ثابت ڪيائون. سندن سچائي، نيڪي، نرم خوئي، محبت، همدردي، امانت، صداقت، صبر، سخاوت، عدل و انصاف ۽ ذمہ داريءَ جو احساس ۽ ٻيون ڪيتريون ئي خوبيون هيون جن ماڻهن جي من کي موهي وڌو. پاڻ هميشہ صبر، استقلال، عفو ۽ درگذر کان ڪم وٺندا هئا. ٻارن سان پيار ۽ شفقت ۽ عورتن سان عزت سان پيش ايندا هئا. يتيمن جا همدرد ۽ غلامن جا مولا هئا. قول ۽ فعل جو فرق کين سخت ناپسند هو. رسول اڪرم جن جيڪي چوندا هئا اُنهيءَ تي عمل ڪندا هئا. پاڻ فرمايو اٿن تہ : **”منهنجي اصل پونجي معرفت آهي، مون کي اعليٰ اخلاق جي تڪميل لاءِ موڪليو ويو آهي. نيڪ اخلاق منهنجو بنياد آهي ۽ علم منهنجو هٿيار آهي. الله جو ذڪر منهنجو ساٿي آهي، صبر منهنجي دوا آهي. عاجزي منهنجو سرمايو آهي. نماز منهنجي اکين جي لاءِ ٺڏ آهي!“.**

پيارا ٻارو! اسان کي گهرجي تہ خدا پاڪ جي پياري رسول جي چڱن اخلاقن مان سبق پرايون ۽ ساڻن محبت رکون. مٿن درود ۽ سلام موڪليون تہ جيئن دين ۽ دنيا ۾ سوڀارا ٿيون.

# سهڻا اخلاق ايمان جي مضبوطي آهن

خُلق وارا دوست، دشمن سان رهن خوش خُلق ٿا،
جيڪي بَد خو ٿيا، اُهي بد خُو رهن سڀ سان سدا،
تڏهن هلي کھڙو ٻه ڪيئن؟ ان کي نه بَد چئو اي ”قليچ“!
نيڪَ سان ڪر نيڪي پر بد سان ٻه نيڪي ڪر ادا!
(مرزا قليچ بيگ)

ڪائنات جي خالق پنهنجيءَ پياريءَ اشرف مخلوق کي ”احسن تقويم“ طور دنيا ۾ موڪليو ۽ سڀوري رسول پاڪ معرفت قرآن پاڪ ۾ ڄاڻايو ته هُن انسان کي پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي. پر گڏوگڏ ڪيس دنيا ۾ سٺيءَ حياتي گهارڻ لاءِ اُٿڻ ويهڻ، ڪائڻ پيئڻ، رزق ڪمائڻ، علم حاصل ڪرڻ ۽ ٻين معاشي ۽ معاشرتي معاملن جا ادب ۽ اصول سمجهايا ويا. سندس رهنمائيءَ لاءِ ڪيترائي نبي ۽ رسول موڪليا ويا ته صحيفا ۽ آسماني ڪتاب نازل ڪيا ويا ته جيئن هي رب جو نائب خليفو هن ڌرتيءَ ۽ سماج لاءِ هڪ ڪارائتو انسان ثابت ٿي سگهي. ڏٺي سڀورو هر وقت حاضر ۽ ناظر، قائم ۽ دائم آهي، جنهن کي اسين دنيا ۾ ڪنهن خاص جاءِ تي ڳولهڻ جي بجاءِ پنهنجي ذات ۽ پنهنجي روح ۾ تلاش ڪنداسين ته ڪڏهن ٻه مايوسي پلئه نه پوندي. فقط فطرت تي ئي غور ڪري ڏسون ته الله تعاليٰ جي هستيءَ جي مڪمل طور موجود هئڻ جو احساس مضبوط ٿيندو.

انسان نه فقط رب جي پياري ترين مخلوق آهي، بلڪ مضبوط ترين ۽ عظيم هستي پڻ آهي، جنهن ۾ انيڪ خوبيون آهن ته بشري تقاضائن هيٺ هُو خامين سان پڻ ڀرپور آهي. رب پاڪ جي حڪم سان دنيا ۾ اچڻ ڪانپوءِ، هُن بنجر ۽ بيابان زمينن کي زرخيز ڪيو ته نسل جي واڌاري سان ڌرتيءَ کي وڌايو ۽ ويجهايو ۽ اهڙيءَ ريت اڳيان هلي انساني نسل جا ڪيترائي گروهه، شاخون ۽ قبيلا ٿيا. پر سندس ذات جي مٽانهينءَ جو محور ڏٺيءَ سڀوري پرهيزگاريءَ کي قرار ڏنو. اهي قومون ۽ قبيلا ته فقط سندس سڃاڻپ لاءِ مقرر ٿيا نه ته، سڀ انسان بلڪل برابر آهن. ڪنهن عجميءَ کي عربيءَ تي، ڪنهن ڳوري کي

ڪاري تي ڪا بہ فضيلت نہ آهي. فقط ۽ فقط فوقيت آهي تہ پرهيزگاريءَ ڪي آهي.

حضرت آدم عليہ السلام کان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تائين سوا لک پيغمبر ۽ رسول هن ڌرتيءَ تي آيا, جن ڌرتيءَ واسين جي سڌاري لاءِ پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏنيون, صحيح زندگي گهارڻ جا گس ڄاڻايا. سڀني ۽ ڪارائتي جيون گذارڻ ڪي ترجيح ڏيندي الهامي ڪتابن, دنياوي مثالن ۽ پنهنجي ذاتي نيڪ عملن ذريعي انسان ذات جي حياتيءَ کي بهتر بنائڻ جون ڪوشش ڪيون. سندن تعليمات جي دائري جو دارومدار خود انسان جي ذاتي اصلاح جي چئوطرف گهمندڙ رهيو. ديني عبادتن ۽ جسماني رياضتن سان گڏ گهڻي ۾ گهڻو اندر اجارڻ تي زور ڏنائون. شاهہ صاحب چواڻي تہ,

اکرُ پڙهہ اَلف جو, وَرَقَ ٻيا سڀ وِسارِ,
اندَر تُون اُجارِ, پنا پڙهندين ڪيترا.

(يمن ڪلياڻ, 5_29)

اڄ اسين الحمد الله! مسلمان قوم آهيون ۽ اسلام مذهب هڪ مڪمل مذهب طور پوريءَ دنيا جي مذهبن جي رهنمائي ڪري ٿو. اسلام جي تعليم ۾ اخلاقيات تي تمام گهڻو زور ڀريل آهي. آخري نبي حضرت محمد ﷺ جن ڪيترن ئي هنڌن تي چڱن گڻن جي هدايت ڪئي آهي. سندن پنهنجي حياتي مبارڪ مڪمل طور اعليٰ اخلاق جو نمونو هئي. قرآن پاڪ ۾ پياري رسول جي چڱن اخلاقن کي هن ريت بيان ڪيو ويو آهي: وَ اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ(القلم /4) **ترجمو: بيشڪ محمد ﷺ توهان اخلاق جا بلند آهيو.** اهي سندن چڱا اخلاق ئي هئا, جن عرب کان عجم تائين جي ماڻهن جي مَن کي موهيو ۽ انيڪ قومن اسلام قبول ڪيو.

جڏهن اسين هن مادي دنيا جي نفسا نفسيءَ واريءَ ڊوڙ ۾ پنهنجي آس پاس جي حياتيءَ تي نظر ٿا ڪريون, تڏهن اهو غور ڪرڻ جو اهم نُڪتو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا اڄ اسين اهڙيءَ ريت زندگي گذاري رهيا آهيون, جهڙيءَ ريت اسان جا

رهبر، رهنما ۽ هادي هدايت ڪري ويا هئا؟ ڇا اسان وٽ انهن جوڏسيل رستو موجود نہ آهي؟ ڇا اسان پنهنجي مذهبي، اخلاقي، علمي، تهذيبي ۽ سماجي قدرن تي عمل ڪري رهيا آهيون؟ ڇا اڄ جو انسان انسانيت جي عظيم جذبي ۽ عملي قوت کان واقف آهي؟ جيڪڏهن اسين مٿين سڀني سوالن جو جواب فقط علامہ محمد اقبال جي هن چوڻيءَ ۾ ڏينداسين تہ بہ مطلب چٽو تي سامهون ايندو. علامہ اقبال صاحب فرمائي ٿو تہ **”انسان جي بقا جو راز انسانيت جي احترام ۾ آهي. جيستائين سڄي دنيا جون تعليمي قوتون پنهنجو سمورو توجهہ انسان جي احترام ڏانهن نہ ڪنديون، تيستائين هيءَ دنيا حيوانن ۽ درندن جي بستي ٿي رهندي“.**

هاڻي هتي اها چٽائي بلڪل ٿئي ٿي، تہ انسان جو انسان بنجڻ ئي ان جي فتح آهي، انسانيت جي بغير واري حياتي مٿيءَ جي ڍير موجب آهي.

حقيقت ۾ ماڻهوءَ جي حياتيءَ جو مطلب اهو ڪونهي تہ هن کي نيٺ قبرستان ۾ پهچايو وڃي. بلڪ سندس حياتيءَ جو ڪو مقرر مقصد ضرور هئڻ گهرجي، نہ تہ هن جي جمڻ جو ضرور ئي ڪونہ هو. بي مقصد زندگي هڪ ريگستان مثل آهي، جنهن ۾ هر طرف ويراني هجي ٿي. پر جيڪڏهن صحيح ۽ مقصدي حياتي گذارجي ٿي تہ اها گلستان مثل آهي ۽ زندگيءَ جو ڏک اهو بہ ڪانهي تہ ماڻهو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو بلڪ صدمو اهو آهي تہ هن جي اڳيان ڪو بہ مقصد مقرر ڪونہ هو. مقصدِ حيات مقرر ڪرڻ ئي ڪوشش آهي. ڪوشش آخر تہ ڪاميابيءَ جي ڪُنجي ثابت ٿيندي. مسلسل ڪوشش واري زندگيءَ ۾ حياتيءَ جون حقيقتون، سچايون، رعنائيون، فطري فرحتون پنهنجي اندر ۾ اوتڻ ۽ نفس ۾ سمائي لطف اندوز ٿيڻ سان ڏک سکن ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. هن حياتيءَ ۾ خوشيون آهن تہ غميون پڻ، فرحتون آهن تہ مصيبتون ۽ مشڪلون پڻ، چئوطرف عجيب رنگ پيا پسجن، تہ بہ حياتي ايتري مختصر ڪانهي جو اسين ان ۾ ڪجهہ حاصل ڪري نہ سگهون، هڪ ڏاهي موجب تہ،

**“life is long enough and sufficiently generous amount has been given to us for highest achievements, if it were well invested.”**

ڪيترين ڪمزورين جي هوندي بہ انسان کي الله تعاليٰ بهادر، باهمت ۽ مضبوط ناهي، ڪيس ئي انسانيت جي خدمت لاءِ مقرر ڪيو آهي. بنگال جو مهاڪوي نوبل انعام يافتہ ليکڪ رابندر ناٿ ٽئگور چوي ٿو تہ: ”مون کي ان ڳالهہ جي خوشي آهي جو مان انسان آهيان. **منهنجو مذهب آهي انسانيت جنهن جو مان قائل آهيان**“ (ٽئگور)

حقيقت ۾ هر شيءِ جي ڪانہ ڪا قيمت هوندي آهي، پر انسان جي قيمت سندس ذاتي خوبيون ۽ چڱا اخلاق آهن. جن سان سندس ايمان مضبوط رهندو. اڄ جنهن معاشري ۾ اسين آزاديءَ سان جِي رهيا آهيون، اسان کي انهيءَ تي خوش ٿيڻ گهرجي. الله تعاليٰ جا لک شڪر آهن، جو پاڪستان هڪ آزاد اسلامي ملڪ آهي، جنهن ۾ اسين شانَ ۽ مانَ سان حياتي گذاري رهيا آهيون. پر هتي ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن، جن مان هن ملڪ ۽ قوم کي خطرا درپيش آهن. انهيءَ جو اهم سبب اسان جي زندگي گذارڻ جي طور طريقن ۾ نقص آهن. سماج ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ اسان وٽ زندگيءَ جا اصول ۽ ماپا ڪهڙا آهن؟ اخلاق قدرن جو مانُ ۽ معيار ڇا آهي؟ انهيءَ تي سوچ ويچار ضروري آهي. اسان جو ايندڙ نسل ڪهڙيءَ ريت پروان چڙهندو؟ ڇا اسان کين مذهب جو مڪمل واقفيت سان گڏ قومي جذبي ۽ ذاتي سُڃاڻپ لاءِ ڪجهہ سمجهايو آهي؟ لامحالہ ٻار اهو ئي سکندو، جيڪي وڏن کي ڪندي ڏسندو. جيڪڏهن اسين پنهنجي نوجوان نسل جي بهتري چاهيون ٿا ۽ پنهنجي ملڪ جو مانُ مٿانهون ڪرڻ ۽ پنهنجي آخرت سڌارڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي انهن ٽڙندڙ گلن جي سار سنڀال تي ڌيان ڌرڻو پوندو. کين جديد تعليم جي هلندڙ تقاضائن سان گڏ اخلاقي مضبوطيءَ جي تربيت ڏانهن موڙڻو پوندو تہ جيئن هو سنا انسان سنا مسلمان ۽ سنا پاڪستاني سڏجن.

ماڻهو آهي تہ مٽيءَ مُٺ، پر سندس ماڻهپو ڪيس ملائڪن کان بہ مٿانهين منزل تي پهچايو ڇڏي. وڏن ماڻهن جي حياتين جا احوال پڙهڻ سان معلوم ٿيندو تہ منجهن ڪي اهڙا شخصي گُڻ هئا. جن سان انهن نہ فقط مشڪل مسئلن کي شڪست ڏني پر ايندڙن لاءِ پڻ پنهنجي پويان هلڻ جا ڪيترائي مثال ڇڏي ويا. هُو نيڪي ۽ ڀلائيءَ جا ڪم ڪندڙ ۽ انهن ڪمن ڏانهن ٻين کي موڙيندڙ هئا. سندن حياتيءَ جو سُتو رُخ، نيڪ گفتار، نيڪ نيت، نيڪ ڪردار ۽ نيڪ صحبت هئڻ رهيو. جيڪي زندگيءَ جون اهم ۽ اعليٰ نشانيون آهن. هُو محبت، محنت، عمل، عقل ۽ علم سان گڏ سچائيءَ سان سينگاريل هئا. مضبوط ارادن، مسلسل جدوجهد ۽ محبت سان هنن دنيا فتح ڪئي ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ جنهن ماڻهوءَ ۾ علم، هنر، صبر، صداقت، نرم خوئي، محبت، عبادت ۽ رياضت، عدل ۽ انصاف، دانائي، سچائي، سخاوت ۽ نيڪيءَ ڏانهن لاڙو ڪونهي، سو نہ فقط پنهنجو پاڻ لاءِ بوجھہ آهي، پر هن ڌرتيءَ لاءِ بہ بوجھہ آهي، **سهڻا اخلاق، فضيلت جي درجي تائين پهچائڻ ۽ ايمان کي تقويت ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.**

ماڻهوءَ جو ماڻهپو ۽ فضيلتون سندس قول ۽ فعل مان ظاهر ٿينديون آهن. جن ۾ فرق نہ هئڻ ڪري ئي هُو مانائتو هوندو. فرق مان مراد تہ اسين چئون ڪجهہ ۽ ڪريون ڪجهہ. اهو ئي قول ۽ فعل جو تضاد سڏبو. يعني ڪوڙ ڪپٽ، ڪوڙ جو ضد ”سچ“ هڪ اهم قوت آهي، جنهن سان سيني خوبين جي نشاندهي ٿئي ٿي. سچ ئي ”ماڻهپي“ جو معراج آهي، مطلب تہ چڱايون انساني حياتيءَ جي اوچائي آهن.

**چڱا ڪن چڱايون، مٺايون مٺن،**
**جو وڙ جُڙي جن سين، سو وڙ سي ئي ڪن.**
(شاهہ عبداللطيف ڀٽائي)

# ٻارن جي تربيت ۾ سهڻي اخلاق جي ضرورت

ٻارن جي تربيت ۾ شخصي خوبين جي گهڻي اهميت آهي. جنهن سماج جي گڏيل ماحول ۾ اسين جيئون ٿا، ان ۾ هر ماڻهوءَ جو ڪٽنب جي ڀاتين، استادن، سنگتين، ساٿين، پاڙيوارن، ملڻ جلڻ وارن ۽ ٻين ڪيترن واسطو رکندڙ ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ ٿئي ٿو. جن سان هاڪاري نموني سان لهه وچڙ سان شخصيت جي تعمير ٿئي ٿي. هر ماڻهو پنهنجي آس پاس ۽ ماحول مان ئي سکندو آهي. گڏ تعليم ۽ مطالعو سندس دماغ کي وسعت ڏيندا آهن. هتي اڄ جي ماحول جي حوالي سان شاگردن جي تربيت ۾ جيڪي اهم ڳالهيون هئڻ گهرجن، جيڪي سندن اخلاقي قوتن ۽ نيڪ گڻن کي مضبوطي ڏين. انهن تي بحث ڪنديس، پر انهن سڀني جي سکڻ ۾ اسان کي مائيٽن، استادن، بزرگن، مٽن عزيزن، سنگتين ساٿين مان مدد ملي ٿي مطلب ته سماج ۾ اٿڻ ويهڻ سان شخصي طور اسين سڀ سماج جو اهم جزو آهيون ۽ پنهنجي چئوطرف مان ئي سڀ ڪجهه سکون ٿا. جنهن ۾ خاص طور گهر ۽ اسڪول جو وڏو هٿ آهي.

اخلاق جي اهميت ۽ سماج ۾ انهيءَ سان ايندڙ هاڪاري تبديلين سان گڏ ايندڙ نسل جي تعليم ۽ تربيت ۽ رشتن ناتن تي سهڻي اخلاق جي اثرن لاءِ موضوع کي وڏيڪ کولي بيان ڪرڻ لاءِ اڇو ته ڏسون ته ”اخلاقيات“ جي معنيٰ ڇا آهي ۽ اهي ڪهڙا ”اخلاقي قدر“ آهن؟ جن مطابق گهاريل ماڻهوءَ جي حياتي نه فقط سدس پنهنجي لاءِ ڪارائتي آهي. پر هُو سماج جو به هڪ اهم ۽ ڪمائتو فرد ٿي گذري ٿو.

”اخلاقيات“ لفظ ”خلق“ جو جمع آهي. جنهن جي معنيٰ آهي”چڱا لڇڻ“ ”سنيون عادتون، نيڪ ۽ چڱن عملن جو مجموعو ”حُسنِ اخلاق“ سڏجي ٿو. جن ۾ انيڪ خوبيون ۽ خاصيتون اچي وڃن ٿيون. جنهن سان ڪنهن انسان جي شخصيت نهي ٿي. نيڪ گُڻن جو دائرو تمام وسيع آهي. ڪجهه خاص خوبيون جيئن صبر، همٿ، احسان، شفقت، رحمدلي، قناعت، سچ، سادگي، نهٺائي، پاڪيزگي، بردباري، شرم ۽ حيا، سخاوت، بهادري، پيار، عزم جي پختگي، پرهيزگاري، نياز ۽ نوڙت، حب الوطني، غيرت، فرض شناسي، امن

پسندي، قرباني، مهمان نوازي، نيڪ نيتي، عبادت، علميت ۽ ٻيون خوبيون نيڪين ۾ ڳڻجن ٿيون، تہ بي صبري، بي رحمي، سستي، تڪبر، ناشڪري، بي حيائي، بزدلي، بخل، فضول خرچي، لالچ، مايوسي، بي غيرتي، ارادي جي ڪمزوري ۽ ٻيون بداخلاقيون برين عادتن ۽ بڇڙن ڪمن ۾ شمار ٿين ٿيون. خراب گڻن وارا فرد بدڪردار ۽ بي عمل شمار ٿين ٿا. نيڪ اخلاق انسان جو وڏي ۾ وڏو سرمايو ۽ سندس شخصيت جي قوت آهن. جن جا اهم ترين ٿنڀا، سچائي، ايمانداري، پاڪائي، پريم ۽ ڀلائي آهن. هر چڱو گڻ انساني عظمت جو اهڃاڻ آهي. هر بُرو عمل ۽ بداخلاقي شيطاني قوتن جو عڪس آهي. نيڪ اخلاقن سان ماڻهوءَ جي سيرت ٿي گهڙجي "دين"، "حُسنِ اخلاق" جو ٻي نالو آهي". (صحيح مسلم ـ ڪتاب الايمان، حديث نمبر 82)

**"سُهڻو اخلاق وزن ۾ سڀ کان ڳرو آهي. جهنم جي باهہ ان تي حرام آهي، جيڪو نرم خُو نرم طبيعت ۽ نيڪ طبيعت هجي" (حديث پاڪ)**

**"ايمان ان جو مڪمل آهي، جنهن جا اخلاق سُهڻا آهن"** (حضرت علي رضي الله) اخلاق جي قوت ماڻهوءَ ۾ شخصي، انساني، مذهبي ۽ قومي فرضن جي ادائگيءَ لاءِ صلاحيتون پيدا ڪري ٿي. انساني زندگي هڪ فرد واحد جي ڪٿا ڪانهي، بلڪ جمڻ کان مرڻ تائين ان جو هڪ هڪ پل ٻين سان جڙيل آهي. خليل جبران چوي ٿو تہ: **"زندگي عيش ۽ عشرت کي نٿو چئجي، پر مقصد ۽ ان جي امنگ جو نالو آهي. موت، فنا ۽ نيستيءَ کي نٿو چئجي، پر مقصد کان مايوسي ۽ نااميد ٿيڻ کي چئبو آهي"** ۽ اها مايوسي ۽ نااميدي فقط ڪمزور انسانن ۾ ايندي آهي. هتي ڪمزور مان مراد جسماني طور ڪمزور نہ، پر اخلاقي طور ڪريل ۽ ڪمزور انسان آهن، جيڪي ننگيءَ جي ٿاهَن تي پاڙي، کوکلي حياتي ڪٽي آخر اندران ٽُٽي ڪمزور ٿي ويندا آهن. آخر تہ دنيا فاني آهي ۽ هر ڪنهن کي فنا ٿيڻو آهي. جسماني طور فنا ٿيڻ کان اڳ هن دنيا ۾ زنده رهڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڪم ڪيو وڃي ۽ اهڙو ڪم جيڪو ٻين جي لاءِ هجي، ٻين مان مراد هتي اهو ايندڙ نسل آهي، جيڪو اسان کانپوءِ هن زمين جو مالڪ بڻبو. اسان کي پنهنجي ايندڙ نسل جي مستقبل ۽ مستقل

خوشين جي لاءِ هڪ مقصد مقرر ڪري مصروف رهڻ گهرجي، جو سياڻي جو نوجوان ايئن نہ چوي تہ اسان جي وڏن اسان لاءِ ڇا ڪيو؟

سڌريل قومن پنهنجي جيون جي سهڻي جياپي لاءِ ڪجھ ماپا ۽ ملھ قدرن جي صورت ۾ قائم ڪيا آهن، جيڪي پنهنجي طور سماج جي فردن جي سُٺي سڀنڌ ۽ ان سماج جي ترقيءَ لاءِ ڪافي ڪارگر آهن. هونئن بہ ڏٺو وڃي تہ ڪو بہ ماڻهو اڪيلي سر حياتي نٿو گهاري سگهي. سماجي تبديلين جو اثر بہ انفراديت کان اجتماعيت تي پوندو آهي. ماڻهن جا شخصي عمل سماج جي اجتماعيت تي اثرانداز ٿيندا آهن. اهڙن عملن جي ڇاڻ ان سماج جي سڌريل انسانن جي علم ۽ ادب مان پوندي آهي.سڌريل انساني قدرن ۾ ”تهذيبي ۽ ثقافتي قدر“، ”معاشي قدر“، ”مذهبي قدر“، ”علمي قدر“، ”اخلاقي قدر“ ۽ ٻيا قدر آهن، جن جو مجموعو ماڻهوءَ جي شخصيت جي مڪمل تعمير آهي پر ڏٺو وڃي تہ سيئي قدر هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن. هتي ”اخلاقيات ۽ قدر“ جي موضوع مطابق انساني اخلاقن جي ان گلدستي تي روشني وجهجي ٿي، جنهن جي هر هڪ پنکڙي سماج جي هر شخص جي فطرت جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهي سڀ چڱا گُڻ جن سان هڪ باعمل ۽ بااخلاق انسان جو وجود ٺهي، سي سماج جي هر هڪ ماڻهوءَ ۾ واسجي وڃن تہ هيءَ دنيا جنت ۽ زمين جو هڪ هڪ ذرو گلستان بنجي وڃي.

مٿي ڄاڻايل اخلاقي خوبين کان سواءِ ٻيون پڻ ڪيتريون ئي خوبيون ۽ خاصيتون آهن، پر هتي چند اهم خوبين تي جدا جدا نظر وجهنداسين تہ جيئن شاگردن کي موضوع سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ۽ گڏوگڏ اهو بہ ڄاڻايان ٿي تہ اڄ جيتري ضرورت هن مشيني دور ۾ انهن اخلاقي قوتن ۽ خاصيتن جي آهي، ايتري ڪڏهن بہ نہ هئي. ۽ انهن خوبين جي غير موجودگيءَ سان آهستي اهستي معاشرو ڪيئن هيناهين طرف مڙي رهيو آهي ۽ وقت گذرڻ سان ڪيئن هٿراڌو ۽ هٿ ٺوڪين قدرن جاءِ والاري آهي، جن جو نہ اسلام جي دينَ سان واسطو آهي ۽ نہ ئي اهي ڪنهن بہ ريت ڪنهن سٺي سماج جي اوسر ۾ ڪارائتا آهن. مضبوط ارادو، مسلسل جدوجهد ۽ محبت دنيا کي فتح ڪن ٿا

۽ انسان جي وجود جي جنگ لاءِ اهي ٽي هٿيار اهم آهن. قائد اعظم محمد علي جناح قوم کي **”يقين محڪم عمل پيهم ۽ محبت فاتح عالم“** جهڙو اهم سخن حياتيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ ڏسيو آهي.

ڏٺو وڃي ته يقين جي قوت ۽ مضبوط ارادو ماڻهوءَ جي ڪنهن ۾ ڪم ڪرڻ جي شروعات ۽ بنيادي ڏاڪو آهي. ماڻهن ۾ طاقت جي گهٽتائي نه هوندي آهي. پر ارادي جي قوت ۾ ڪوتاهيءَ جي ڪري هو مقصد حاصل ڪري ڪونه سگهندا آهن. هڪ انگريزي چوڻي آهي ته:

“If we thing, we can we can”

سو جيڪڏهن اسين پنهنجي خوفن ۽ وهمن کي ختم ڪري يقين جي قوت کي ساٿ بنائي فقط اهو سوچيندا سين ته اسان کي هيءُ ڪم ڪرڻو آهي ته پوءِ اسين بلڪل اهو ڪم ڪري ويندا سين. باقي جيڪو شخص صرف خيال ٿو پچائي، پر عمل نٿو ڪري، سو پنهنجي لاءِ تڪليفن ۽ رڪاوٽن جو ٻج ٿو ڇٽي. اها به هڪ اهم چوڻي آهي ته: “light comes from faith” سو يقين حياتي گهارڻ جو هڪ ناياب جذبو آهي ۽ گڏ مضبوط عمل محنت ۽ محبت فتح جي نشاني آهي. انسان خود عظيم نه هوندو آهي، بلڪه هن جا عمل ۽ ڪرداري خوبيون کيس عظيم بنائيندا آهن. سچي انسان جي زندگي اصولن جي، ته ڪوڙي انسان جي زندگي مفادن جي تابع هوندي آهي.

# والدين ۽ اولاد جي رشتي جي اهميت ۽

# اولاد جي تعليم ۽ تربيت ۾ والدين جو ڪردار

انساني سماج گروهن ۾ ورهايل آهي ۽ هر گروهہ ۾ مرد، عورتون، ٻار ۽ ٻُڍا شامل هوندا آهن. مرد ۽ عورت جي تعلق يعني شاديءَ سان اولاد جنم ٿو وٺي ڏيءَ ۽ پٽ جي صورت ۾ پيدا ٿيل اهو اولاد ماءُ جي تہ جگر جو ٽڪرو آهي ئي آهي، پر پيءُ جي بہ اکين جو تارآهي، محنت ڪندڙ پيءُ سڄي ڏينهن جو ٿڪ ۽ تڪليف پنهنجي ٻچڙن جي شڪل ڏسي محسوس بہ نہ ڪندو آهي. جيڪڏهن سندس اولاد مان ڪو بہ ڪنهن مشڪل ۾ ڦاٿل آهي تہ سندس راتين جي ننڊ ۽ ڏينهن جي ٻُک اڏامي ويندي آهي. انساني اخلاقي قدرن ۾ والدين ۽ اولاد جي رشتي جي عزت ۽ محبت جي وڏي اهميت آهي.

والدين ۽ اولاد جو رشتو اڻ ٽُٽ آهي، جنهن جي محبت جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ لڳا ڪنهن بادشاهہ پنهنجي شيدي غلام کي حڪم ڪيو تہ، ”دنيا جي پياري ۾ پياري شيءِ مون وٽ حاضر ڪر“! شيدي غلام اهو حڪم ٻُڌي پريشان ٿي ويو، پر پوءِ گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ هُو پنهنجو ننڍڙو پُٽ وٺي ٻئي ڏينهن محلات ۾ پهتو ۽ بادشاهہ جي حيران ٿيڻ تي ورندي ڏنائين تہ، ”قبلا سلامت! منهنجي نظر ۾ تہ دنيا جي پياري ۾ پياري ۽ سهڻي ۾ سهڻي شيءِ منهنجو پُٽ آهي“.

غلام شيديءَ ۽ بادشاهہ کان وڏيڪ تاريخ ۾ معتبر مثال اسان وٽ حضرت ابراهيم عليہ السلام (خليل الله) جو آهي، جنهن کي خدا پاڪ خواب ذريعي حڪم ڏنو تہ **”اي ابراهيم! پنهنجي پياري ۾ پياري شيءِ الله پاڪ جي راهہ ۾ قربان ڪر“.** ۽ حضرت ابراهيم سئو اُٺن جي قرباني ڏني ۽ ساڳي ريت بہ راتيون مسلسل خواب ڏٺائين ۽ اُٺ قربان ڪيائين، پر ٽين رات خواب ۾ کين اها پڪ ٿي تہ اهو اشارو پياري اولاد لاءِ آهي، سو پنهنجي فرمانبردار پٽ حضرت اسماعيل عليہ السلام (ذبيح الله) کي ٻُڌاياٸون. جنهن نہ فقط شفيق پيءُ کي پنهنجو پاڻ کي قربان ڪرڻ جي صلاح ڏني، پر خدا جي حڪم جي

تعميل ۾ اڳڀرو رهيو. حضرت ابراهيم بسم الله ڪري تڪبير پڙهي، اسماعيل عليہ السلام جي گلي تي ڇُري رکي تہ غيب مان آواز آيو تہ، ”اي ابراهيم! بيشڪ تو پنهنجو خواب سچو ڪري ڏيکاريو“.

۽ اسماعيل عليہ السلام جي بدران خدائي حڪم سان گهيٽو ليٽيل هو جنهن کي ابراهيم عليہ السلام ذبح ڪيو. پر سندن سچي نيت، عمل جي پختگي، الله جي راهہ ۾ جان جي قربانيءَ جي همت کي هميشہ لاءِ اسلام جي اهم رُڪنن يعني حج جي ادائيگيءَ ۾ تہ مقرر ڪيو ويو پر مسلمانن جي لاءِ عيد الضحيٰ جي خوشي ۽ قربانيءَ کي سنت طور قائم رکيو ويو آهي. اهڙي فرمانبردار اولاد ۽ ثابت قدم والد سان ئي اسلام جو نالو روشن ٿيو آهي.

اولاد جي تعليم ۽ تربيت ۾ والدين جو ڪردار اهم آهي، سماج ۾ اولاد جي تعليم ۽ تربيت والدين جي لاءِ بوجهہ ۽ جوابداري نہ پر هڪ فرض آهي. ڪو بہ مائٽ تيستائين اولاد جو سچڻ ۽ گهڻ گهرو چوائڻ جو مستحق نہ آهي جيستائين هو پنهنجي ٻچڙي جي تعليم ۽ تربيت تي نظر نٿو رکي. ڌيءَ توڙي پٽ اولاد جي حيثيت ۾ مائٽ لاءِ ٻئي برابر آهن. ڌيءَ جو پڻ تعليم حاصل ڪرڻ جو ايترو ئي حق آهي، جيترو پُٽ جو آهي.

عورت هن سماج جي هڪ ڪارآمد شهري آهي. مرد ۽ عورت حياتيءَ جي هن وهنوار ۾ برابر جا ڀاڱيوار فرد آهن. سماج ۾ عورت جي عزت، اهميت ۽ حيثيت مٿانهين هئڻ گهرجي، ڇو جو هوءَ نہ فقط هن دنيا جي واڌ ويجهہ کي تخليقي قوت سان عمل ۾ آڻي ٿي، پر ماءُ جي حيثيت ۾ سندس هنج ئي آهي، جنهن مان نئون نسل وڌي وڏو ٿئي ٿو. ان ڪري عورت جي تعليم ۽ تربيت تي سماج جو دارومدار آهي. حديث پاڪ آهي تہ، ”علم جي طلب هر مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض آهي“. سماج ۾ عورت جي ڪردار جي خاص اهميت آهي. تعليم يافتہ ۽ سڌريل عورت بهترين ماءُ، ڌيءُ، زال، ننهن ۽ سَسُ تہ ٿيندي آهي پر سندس چڱن گُڻن ۽ خوبين سان گهر گلدستي وانگر پيو واسبو آهي، هوءَ سلجهيل، سمجهہ واري ۽ سليقہ پسند هجي ٿي. پڙهيل لکيل، مهذب عورتون گهٽي ڀاڱي فضول خرچيءَ کان پڻ بچنديون آهن. غير ضروري خرچن کان

پاسو ڪري اهي بچت ڪري. گهر جي اهم ضرورتن جو پورائو ڪن ٿيون. جنهن سان ملڪ ۾ معاشي معاملن ۾ فائدو ٿئي ٿو. اولاد ۾ بچت جي عادت پوي ٿي، ٻي ڳالهه تہ نياڻيءَ جي تعليم تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. حديث آهي تہ **”نيڪ اولاد، نفعو ڏيندڙ علم ۽ جاري ٿيندڙ دين جو ڪم جاري رهندڙ صدقو آهي.“**

ڌنو وجي تہ پڙهيل لکيل ماءُ پنهنجي ٻچي کي سُٺي تعليم ۽ تربيت ڏئي جاري رهندڙ صدقي جا بہ اهم ڪم ڪري ٿي. جيڪو هڪ احسن ترين عمل آهي. مطلب تہ اولاد جي تعليم ۽ تربيت ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي جي مڪمل طور گڏيل جوابداري آهي. رسول پاڪ ﷺ جن فرمايو آهي تہ **”پيءُ جو پٽ لاءِ ان کان وڏيڪ ڪو بہ عطيو ڪونهي تہ هُو ان کي عمدي تعليم ۽ تربيت ڏئي“** (حديث نبوي)

نيڪ اولاد ئي اڳيان هلي نيڪ والدين ٿي سڌريل سماج جو بنياد مضبوط ڪندا آهن. والدين کي پنهنجي اولاد سان محبت، پيار ۽ نرميءَ سان هلڻ گهرجي. هيءُ اعتبار ۽ اعتماد جو رشتو آهي. جنهن جي ٽُٽڻ سان گهرن جا گهر نہ فقط تباهہ ٿي وڃن ٿا، پر بدنصيبين جو راڄ قائم ٿي وڃي ٿو. اولاد لاءِ اطاعت ۽ فرمانبرداري ۽ والدين جي اولاد لاءِ محبت ۽ شفقت ۽ وقت سر سمجهاڻي ضروري آهي.

اڄ والدين ۽ اولاد ۾ جنريشن گيپ وڌندو ٿو وڃي. مائيٽ پنهنجي دور جي فرمانبرداري، علميت ۽ عبادت جي زعم ۾ آهن تہ اولاد هن ظاهري مهذب ۽ پُر آسائش دور (مادي طور) ۾ روحانيت کان وانجهيل هئڻ سبب نہ سندن نظر ڏي ٿو نهاري ۽ نہ ئي دل سان کين پنهنجو دوست ۽ هڏڏوکي ٿو تسليم ڪري اها دوري ۽ اهو ويڇو نئين نسل جي تربيت ۾ رُڪاوٽ آهي.والدين کي گهرجي تہ جديد تقاضن کي سمجهي، وقت جي ضرورت تي ڌيان ڏين. پنهنجي ٻچڙن کي پنهنجو ڪل سرمايو ڄاڻي، سندن تعليم ۽ تربيت کي سُٺو بڻائڻ لاءِ ويچار ڪن، موجوده زماني جي تعليم سان روشناس ڪرائڻ سان گڏ کين مذهبيت ۽ روحانيت سان لاڳاپين. هيءُ دور نہ نصيحتن جو آهي، نہ واعظن جو نہ گار گند جو آهي نہ مار موچڙي جو ٻار تہ معصوم، پاڪ ۽ گلن جهڙا آهن، جيڪي اسان کان فقط پيار، توجهہ، وقت، عزت ۽ شاباس ٿا گهرن، هُو

ٿوري تي خوش ٿيڻ وارا آهن. اڄ جنهن مهل اولاد فارغ آهي ته والدين مشغول آهن ۽ جيڪڏهن والدين واندڪائيءَ ۾ آهن ته اولاد وٽ وقت ڪونهي، حقيقت ۾ اهو وقت ئي آهي. جنهن تي اسان کي گرفت مضبوط ڪرڻي پوندي، ڇو جو ائين نه ٿئي ته اهو وقت واريءَ جي ذرن جيان اسان جي هٿن جي وٿين مان نڪري وڃي ۽ اسين هٿ مليندا رهجي وڃون. اولاد کي پنهنجي زماني جي چال چلن تي هيرائڻ جي بجاءِ اسين سندن اصلاح سندن ئي زماني جي طور طريقن سان جيڪڏهن ڪنداسين ته موجوده ترقي يافته ۽ ميڊياجي مضبوط دور ۾ هُو اسان کي سمجهندا به ۽ ويجها به ٿيندا. پنهنجي ان فرض ادائيءَ ۾ اجائي ڳڻتيءَ جي بجاءِ عملي طور سندن سکيا ڪجي. نتيجو رب تي ڇڏي ڏٽيءَ در دُعاڳو ٿجي. هو هادي حڪيم ڪُلَ جهان جون جوڙون جوڙ بنائڻ وارو آهي. مرزا قليچ بيگ صاحب هن موضوع تي پنهنجي لکيل هڪ غزل بعنوان ”والدين جي ڳڻتي“ ۾ لکي ٿو ته.

**ڏي پلي تعليم علم ۽ عقل جي، جا ٿي سگهيئي،**
**۽ هنر سيکار پڻ، صحبت سان ڪر تن کي سليم.**
**پنهنجي قسمت ۽ لياقت پوءِ انهن کي ايندي ڪم،**
**قسمت ۽ دولت، هدايت، هٿ رکي پنهنجي حڪيم.**

(مرزا قليچ بيگ)

جيڪي ”باادب“ آهن سي وڏي واڪي پنهنجي ايندڙ نسل کي چئي سگهن ٿا ته،

**جيئن چنڊ چمڪائي ٽڙ جي پٽن کي،**
**او تنوير! جڳ تيئن اجاري ڇڏيوسين.**

(تنوير عباسي)

# جنت ماءُ جي قدمن هيٺ آهي تہ پيءُ جي رضا ۾ الله جي رضا شامل آهي

ناهي جيجل تنهنجي اُلفت ساڻ مٽ ٻي حُب ڪا،
۽ دُعا سان تنهنجي پڻ، بابِ اجابت ٿو کُلي.

”ماءُ“ جو لفظ ذهن ۾ ايندي ۽ چپن مان ادا ٿيندي، هڪ عجيب تذڪار جو احساس ٿو ٿئي. سڄيءَ دنيا ۾ ماءُ جو لفظ ساڳئي مفهوم ۾ ٿوري گهڻي هجي جي هير ڦير سان ادا ٿئي ٿو. جيئن ممي، امي، امان ۽ ٻيا ان نموني جا لفظ سڀ ساڳيءَ ئي هستيءَ جا نالا آهن، جنهن جي پيرن هيٺيان جنت مقرر آهي. اَلْجَنَّةُ تَحْتَ أَقْدَامِ الْأُمَّهَاتِ :**ترجمو: جنت ماءُ جي پيرن هيٺ آهي (حديث نبوي)**
ماءُ جو رشتو دنيا جي سڀني رشتن کان اهم آهي، ماءُ جي دعا عرش عظيم تي پهچي قبوليت جي شرف سان نوازبي آهي. خدا پاڪ ماءُ جو اولاد کي پيٽ ۾ رکڻ، کير پيارڻ ۽ نپائڻ کي هڪ احسن عمل ڪوٺيو آهي جيڪو الله تعاليٰ جي حڪم سان ٿيئي ٿو پر اُن ۾ ماءُ جو جذبو ۽ تخليقي مرحلن جون تڪليفون ۽ اوجاڳا واڪاڻ جوڳا آهن ماءُ جي همت ۽ صبر کي سلام آهي، چوندا آهن تہ ”پيءُ مئي اولاد اڌ ڇورو ۽ ماءُ مئي سڄو ڇورو ڇنو آهي“

سچ پچ تہ ماءُ اولاد لاءِ ڍڪ آهي، ماءُ جي دعا غريب کي امير، فقير کي گدا ۽ بدبخت کي نيڪ بخت ٿي بنائي، ماءُ جا تہ پير ڌوئي پيئڻ کپن. سندس پيرن جي مٽيءَ کي سرمو بنائي اکين ۾ وجهڻ کپي، رسول پاڪ صلعم جن کان ڪنهن پڇيو تہ **”يا رسول الله آئون ڪهڙو نيڪ عمل ڪريان جو رب پاڪ مون مان خوش ٿئي“ پاڻ فرمايائون تہ ”ماءُ جي خدمت ڪر“ ٽي دفعا ماءُ جي خدمت جو فرمائڻ کانپوءِ چوٿين دفعي پياري نبيءَ جو حڪم ٿيو تہ ”پنهنجي والدين جي خدمت ڪر“** معنيٰ تہ ماءُ جي خدمت دنيا جو اعليٰ ترين ڪم آهي. پاڻ اهو بہ فرمايائون تہ **”جيڪڏهن تنهنجي ماءُ ڪونهي تہ ماسيءَ جي خدمت ڪر ۽ جيڪڏهن اها بہ ڪونهي تہ کير پيارينڊڙ ماءُ جي خدمت ڪر“**، ماءُ جي محبت جو جذبو ربَ پاڪ ايترو تہ پسند ڪيو آهي جو

پنهنجي ٻانهي سان پنهنجي ذاتي محبت کي 70 مائرن جي محبت سان ڀيٽيو آهي. يعني ماءُ جي دل ۾ ٻچي لاءِ محبت رب پاڪ جي ٻانهي سان محبت جو حصو آهي.

ماءُ جي فرضن ۾ اهم ڳالهه آهي ته هن کي اهو ڄاڻڻ گهرجي ته ٻار سنو يا برو ماءُ کان ئي سکندو. ماءُ جي جوابداري تمام وڏي آهي. سندس ئي تعليم ۽ تربيت ٻار جي زندگي ٺاهي ۽ بگاڙي ٿي. ماءُ کي گهرجي ته ٻار کي پيار بيشڪ ڏئي پر بي جا لاڏ يا پيار سان گمراهه نه ڪري تمام گهڻو پيار نقصانڪار به ٿي سگهي ٿو. ماءُ جي ٻار تي ڪڙي نظر ئي کيس برائين کان بچائيندي. اولاد جي لاءِ مائيتن طرفان سٺي تعليم ۽ تربيت ئي انمول تحفو آهي انهيءَ ڪري ماءُ کي پنهنجي فرض ادائيءَ کان غفلت نه ڪرڻ گهرجي نيڪ اولاد مائٽ جي نصيب جي بلندي ۽ بي ادب ۽ بداخلاق اولاد سندس جي لاءِ ئي سور آهي. ماءُ جي دل سان گهريل دُعا ته بيشڪ اولاد جو نصيب ٿي سنواري سندس چپن تي ته هميشه اها دعا هوندي آهي ته **"شل سندس اولاد کي ڪو سو واءُ به نه لڳي"** پر ڪڏهن ڪڏهن اولاد خود ئي پنهنجي غفلت سان هن عظيم رشتي جي بي قدري ڪري پنهنجي لاءِ دعا جا در بند ڪندو آهي پر ماءُ وري به ماءُ آهي. سندس هميشه اها خواهش هوندي آهي ته هن جو اولاد سکيو ۽ ستابو هجي ۽ ڪڏهن به مٿانس غم جو ڪکر نه لڙي.

ماءُ هڪ اهڙي عظيم تخليقڪار آهي جا پنهنجي تخليق تي ساهه سر صدقو ڪرڻ لاءِ هر دم تيار آهي، اسان کي اُهو پليءَ پت ڄاڻڻ گهرجي ته ماءُ جي هستي مقدس آهي جيڪا نه صرف قربانيءَ جو مجسمو آهي پر اولاد لاءِ هڪ وڏو ڍڪ ۽ دعا جو در آهي ته

**پيءُ جي رضا ۾ الله جي رضا شامل آهي.(حديث پاڪ)**

سنڌيءَ ۾ عام چوڻي آهي ته **"باادب با نصيب ۽ بي ادب بي نصيب"** معنيٰ ته نصيب ۽ بي نصيبي قدرت جي طرفان مقرر هوندي به انساني اعمالن جو حصو آهي نيڪ ۽ صالح انسان باادب هوندو آهي. اولاد ۽ والدين جي رشتي

ڪان ئي جيڪڏهن هن چوٽيءَ جو جائزو ورتو وڃي ته معلوم ٿيندو ته باادب اولاد، پنهنجي ۽ پنهنجن والدين لاءِ ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو. بي ادب ۽ بداخلاق ٻار ۾ ساڄهه جو ثمر نه هوندو ۽ هو پنهنجي مائيٽن لاءِ سور ۽ پريشاني ته هوندو پر سندس پنهنجي زندگي به ڪونه سڌرندي.

نيڪ اولاد ئي اڳيان هلي نيڪ والدين ٿيندا آهن. والدين کي گهرجي ته پنهنجي اولاد سان تمام سٺي هلت هلن ۽ انهن جي منهن تي سهڻو، سٺو ۽ سٻاجهو ڳالهائين. ٻارن کي پيار ۽ محبت سان هلائي، مٿن اعتماد ڪن، مائيٽ ۽ اولاد جي وچ ۾ اعتماد جو رشتو تمام اهم آهي، جيڪڏهن مائيٽ پنهنجا فرض صحيح ادا ڪري ۽ پنهنجي اولاد جي صحيح تعليم ۽ تربيت ڪري ٿو. ڪيس دنيا جي تعليم سان گڏوگڏ نماز ۽ قرآن پاڪ پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي عادت وجهي ٿو ته سندس اولاد نيڪ ۽ صالح ٿيندو. اڳئين زماني جا مائيٽ اولاد تي ڪرڙي نظر رکي کين سختيءَ سان هلائيندا هئا ۽ اسڪولن ۾ به ماستر ٻارن کي سختيءَ سان سنڀاليندا هئا. اهو رويو ٻارن کي سڌارڻ ۾ ڪارگر به هو ته وقت مطابق رائج هو ۽ ٻار سڌري به ويندا هئا. ايئن ڪونهي ته هن وقت جو اولاد ڪپوت آهي پر هاڻي والدين جي آزمائش وڌيڪ سخت آهي جيئن ته هي ميڊيا جو دور آهي ۽ سڄي دنيا ڪيبل، ڪمپيوٽر ۽ ٻين سهولتن جي ڪري هڪ نقطي تي جمع ٿي وئي آهي ۽ سڄيءَ دنيا جي حالتن جي تبديلين جو اثر ٻارن ۽ نوجوانن تي پوي ٿو. هن دور ۾ تعليمي ادارن ۾ شاگردن تي سختي ڪرڻ جي سخت منع ٿيل آهي ۽ ٻارن کي آزاد ڇڏيو ويو آهي ته هو پنهنجو ٻرو ڀلو پاڻ چونڊين انهيءَ ڪري به والدين جي روڪ ٽوڪ اولاد کي بري ٿي لڳي ۽ هو برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن.

هن مسئلي جو درحقيقت حل اهو آهي ته مائيٽن کي گهرجي ته هو روزگار جي ڊوڙ ۾ ڪيترا به مشغول هجن پر پنهنجي اولاد لاءِ ڪو وقت ضرورت ڪڍن ۽ ساڻن ويهي ڪچهريون ڪري کين پنهنجي ماضيءَ کان واقفيت ڪرائين ۽ چڱو برو اسلامي قدرن مطابق سمجهائين. اسان جي موجوده سماج ۾ اولاد ۽ والدين جي رشتي ۾ ڪجهه ٻاهرين ملڪن جي پوئواريءَ جي ڪري فاصلو

Gap اچي رهيو آهي ۽ انهن ۾ غلط فهميون پڻ وڌي رهيون آهن. جنهن جو پورائو خبر ناهي ڪڏهن ٿيندو؟ لڳي ايئن ٿو تہ اسين گمراهيءَ ڏي وڃي رهيا آهيون انهيءَ ۾ اسان جي ماحول سان گڏ تربيت جو قصور بہ شامل آهي. اها بہ حقيقت آهي تہ ”پٽ سپوٽ نہ تہ ڪپوٽ مان ڪڇاڙو جڙي“ اولاد جي فرمانبرداري ئي مائٽن جي زندگيءَ جي ميراث آهي ۽ ٻچڙن لاءِ ماءُ ۽ پيءُ جي دعا ۽ پيار سندن دين ۽ دنيا جي ڀلائي آهي، دنيا ۾ جيڪو بہ ماڻهو باادب هوندو اهو ڀاڳ ڀريو ۽ ڀلارو انسان هوندو ۽ بي ادب نڀاڳو ۽ بي نصيب شمار ڪيو ويندو آهي.

# دوستيءَ جو بنياد خُلوص ۽ صداقت

سماج جي اخلاقي قدرن ۾ دوستيءَ جي رشتي جو قدر اهميت جوڳو ۽ ماڻهوءَ جي اٿيءَ ويٺيءَ ۾ هڪ اهم رشتو آهي روزاني جي اُٿ ويھ ۾ اسان جو ڪيترن ئي ماڻهن سان واسطو پوي ٿو. ڪيترن سان دعا سلام هجي ٿي، پر اهي سڀ دوست نٿا هجن. انهن کي اسين ملڻ جلڻ وارن ۾ شمار ڪنداسين. دوستيءَ جو بي لوث ۽ سچو رشتو هم مزاج ۽ همعصر سان ئي گهڻي پاڻي هوندو آهي. دوستي قرباني، خلوص، محبت ۽ وفاداريءَ سان مشروط آهي. سنگتي معنيٰ ساھ ڏيڻ وارو پر اڄڪلھ اهڙن رشتن جو قدر ڪِري پيو آهي، سچا دوست ڳولهڻ سان بہ ملڻ مشڪل ٿي پيا آهن. پر وري بہ ڪي اڻملھ انسان ڏسجن پيا، جيڪي سچار ۽ پر خلوص آهن. دوستيءَ جي سڃاڻپ آهي سچائي ۽ وفاداري، دوست اهو جو منهن تي چٽي ڏئي ۽ رهنمائي ڪري، مشهور چوڻي آهي تہ **”دشمن جي نڳيندڙ چپن کان دوست جا ڦٽ ڀلا آهن“**. استاد بخاريءَ سچي دوستيءَ کي تمام گهڻي اهميت ڏني آهي.

**دوستيءَ جو دم هڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي،**
**ڪنڌ تي پربت، کڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي،**
**ڪلڪيوليٽر کي ڇڏيو انسان کي،**
**يار جو هڪ ”ڳُڻ“ ڳڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.**

دوستي هڪ اهڙو سمنڊ آهي، جنهن جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ سان محبت جا موتي ملن ٿا. محبت سان پوکيل هيءُ فصل شڪر گذاريءَ سان لڏبو آهي. يعني دوستيءَ ۾ مطلب پرستي نہ هجي، صداقت ۽ خلوص ئي دوستيءَ جا بنياد آهن، جنهن ۾ آزمائش ۽ پرک وقت سان رڪاوٽ اچي ٿي. خوشامدي ۽ چاپلوس دوستن کان بچڻ کپي. هونئن بہ سنگت هڪ جهڙي ۽ هڪ جيڏي سان نهندي آهي. چوڻي آهي تہ **”صحبت رکجي پنهنجي جيس سان بگهڙ جي صحبت بہ ڪا گهيٽي سان سونهي؟“** حقيقت ۾ سٺي دوستيءَ جي پرک اها آهي تہ هُو نيڪ، ذهين، محبتي، پر خلوص، سمجهدار ۽ ڏکن سکن جو

ساٿي ۽ مهل ڪُمهل ڪم ايندڙ ۽ وفادار هجي ۽ دوست کي سنئين رستي ڏي موڙي.

**”ٻانهياريءَ جو ٻُجو بہ سونو“** سو سچي دوست جي هٿ ڦٽ ۽ حق چوڻ تي ڪڏهن بہ رنج نہ ٿيڻ گهرجي. دوستن جي حق چوڻ تي ڏمرجڻ وارن جا دشمن گهڻا هوندا آهن. پر اڄ سچا دوست ملڻ مشڪل ٿي پيا آهن. موجوده دور ۾ ماڻهن جي اندر ۾ آيل اخلاقي ڪمزورين سبب دوستيءَ ۾ پڻ لالچ لوڀ، ريس، ڪِبر، اميري، غريبي ۽ سماجي رتبن جا فرق آهن. ماڻهو دل آزاريءَ جي لاءِ سندرو ٻڌي ويٺا آهن. سچو دوست تہ ڇڻ ڳولهيو ئي نٿو ملي تڏهن تہ احتياط پسند هيءُ ڏاهو چوي ٿو تہ:

I forgive those who have injured me; I declare friendship with all living beings. I have enmity towards none.

**جن مون کي پيڙا ۽ تڪليف پهچائي، آئون انهن کي بہ معاف ٿو ڪريان. سڀني سان منهنجي دوستي آهي ڪو بہ منهنجو دشمن نہ آهي.**

دوستيءَ جي موٽ ۾ مليل پيڙا ۽ ايذاءَ کي سهڻ تمام ڏکيو ٿئي ٿو. ڇو جو دوستي دل جو رشتو آهي. دل جي ٽٽڻ سان دنيا جي هر ماڻهوءَ تان اعتبار کڄي ويندو آهي. پر ٿئي ايئن ٿو تہ اڄ جي مادي دور ۾ فقط ۽ فقط پئسي سان محبت جي ڪري دوستيءَ جا معيار تبديل ٿيندا پيا وڃن. ان ڪري هن دور ۾ دشمنن جي اضافي کان بهتر آهي تہ سڀني سان سنو ميل ميلاپ رکيو وڃي ۽ ڪنهن ۾ بہ توقع نہ رکجي. خليفو مامون رشيد، سچو دوست انهيءَ کي ٿو سڏي، جو دوست جا عيب ڪيس اڪيلائيءَ ۾ ڄاڻائي تہ پرپٺ تعريف ڪري ۽ مشڪل وقت ۾ سندس مدد ڪري جڏهن سچا دوست ڳولهيا نہ ملن تہ شاگردن کي پنهنجي والدين، استادن، ڀائرن ڀينرن ۽ ڪتابن جي عظيم سرمايي سان دوستي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن هو نقصان کان بچي سگهن.

# سادگي جا فائدا ۽ فضول خرچيءَ جا نقصان

پيارا ٻارو! سادگيءَ سان زندگي گذارڻ عملي حياتيءَ جي ڪاميابيءَ جو هڪ اهم حصو آهي، عملي دنيا ۾ انسان سڄو وقت پنهنجي زندگيءَ جي معيار کي بهتر بنائڻ جي لاءِ رزق جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. رزق خدا پاڪ جي هڪ نعمت آهي، جنهن جي لاءِ ڪوششون ۽ ڪشالا لازمي آهن. سڀ کان بهتر رزق ۽ سڀ کان بهتر ڪاڌو اهو آهي، جيڪو ماڻهو پنهنجي محنت جي ڪمائيءَ مان ڪائي. اهو ئي ”رزق حلال“ آهي. هر ماڻهو پنهنجي وس آهر وڏي ڪوشش ڪندو آهي ته هو تمام سهڻي نموني پنهنجي ۽ پنهنجي گهر ڀاتين جي گذران لاءِ محنت ڪري، پر جيئن ته ”داڻي داڻي تي مهر آهي“ تيئن رزق به هر ڪنهن جي نصيب جو آهي. پر بهر حال محنت جو صلو به بلڪل ملي ٿو. چوندا آهن ته، **”ماٺ ڪري ويهڻ سان ڏاڪون ڏڪجي ڪونه ايندا“** سو روزگار لاءِ ڪهي وڃي ڪمائڻ پڻ فائديمند آهي.

موجوده دور مهانگائيءَ جو دور آهي، جنهن ۾ ڏينهون ڏينهن مهانگائي وڌندي ٿي وڃي. اڄ اسان جا وڏا جڏهن ڪنهن شيءِ کي چوٽ چڙهندي ڏسن ٿا، تڏهن حيرت مان اهو اظهار ضرور ڪن ٿا ته، سندن زماني ۾ فلاڻي يا الاڻي شيءِ ته هيتري ارزان اگهه ۾ ملندي هئي. ۽ اها رقم ٻڌي ته وڏيڪ حيرت ٿيندي آهي ۽ ايئن لڳي ٿو ته مهانگائي ڪونه ڏسڻ ۾ اچڻ وارو جڳ آهي يا ديو. جيڪو ڏينهون ڏينهن بغير ڏسڻ جي وڌندو پيو وڃي. اڄ ملڪن جا ملڪ پنهنجي ملڪن جون اقتصادي پاليسيون ناهڻ ۽ انهن کي لاڳو ڪرڻ ۾ پريشان نظر اچن ٿا. اڄ هڪ ننڍو ٻار به سمجهي ٿو ته پيٽرول، گئس ۽ سون جهڙين شين جي عالمي مارڪيٽ ۾ قيمت وڌڻ سان ملڪ ۾ وري مهانگائي ٿيندي ۽ اهڙا ملڪ جيڪي پاڻ پيرا نه آهن ۽ انهن جي معيشت جو دارومدار ٻاهرين ملڪن جي مليل قرضن ۽ انهن جي وڌندڙ وياجن تي آهي سي ته انهيءَ مهانگائيءَ جي ٻار هيٺ وڌيڪ دٻيل آهن.

دنيا ۾ مهانگائيءَ جي وڌڻ جا ڪيترائي سبب ڇو نه هجن، پر به ڳالهيون بلڪل چٽيون ۽ پڌري پٽ پيون آهن، **هڪ ته پوريءَ دنيا ۾ آبادي وڌيڪ ۽**

**وسيلا گھٽجي رهيا آهن ۽ ٻيو تہ دنيا جا تقريبن سڀ ملڪ گھڻي ۾ گھڻو پئسو پنهنجي ملڪ جي دفاعي بجيٽ ۾ لڳائين ٿا. نيوڪليئر توانائيءَ جي هن ڊوڙ ۾ انسانيت جون آهُون ۽ سڏڪا بلند ۽ با آواز ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا. غريب عوام جي ترقيءَ، سڌاري ۽ ڀلائيءَ لاءِ وڏيڪ بجيٽ رکڻ جي بجاءِ اُها ائٽمي توانائيءَ جي نذر ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ سان پوريءَ دنيا جي ملڪن ۾ ساڳيو حال ٿي رهيو آهي سواءِ چند ملڪن جي، جيڪي اڳيئي سپر پاور آهن.**

پاڪستان هڪ غريب ملڪ آهي، پر ڏٺيءَ سڳوري جا لک لک شڪر آهن، تہ ائٽمي توانائيءَ جي طاقت سان واڳيل آهي، هن ملڪ کي الله تعاليٰ پنهنجي مهر جي نظر ۾ رکيو آهي. هتي قدرتي وسيلن جي ڪا بہ ڪمي ڪانهي زراعت ۾ پڻ وڏي ترقي ٿي رهي آهي. پر ان هوندي بہ اسان جو ملڪ مقروض ۽ معاشي بار هيٺ دٻيل آهي. انهيءَ جي چند اهم سببن ۾ ملڪ جون ناقص بجيٽ پاليسيون، عوام ۾ ڪفايت شعاريءَ جي ڪمي، آباديءَ جو وڌڻ، بيروزگاري، فضول خرچي، رشوت خوري ۽ خاص طور حياتيءَ ۾ اسلامي قدرن تي عمل نہ ڪرڻ آهي. اسان جي ملڪ ۾ جديد زراعت ۽ صنعتي ترقيءَ تي توجهہ جي بہ سخت ضرورت آهي، جنهن سان ملڪ پاڻ پرو ٿيندو، ان ڪانسواءِ ملڪي بجيٽ ۾ جوڙيل پلانن تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ گهرجي، ڪيترو ئي ناٽو اڻپورن پراجيڪٽس جي ڪري ضايع ٿي وڃي ٿو.

اسين ملڪ جي بجيٽ پاليسين ۽ حڪومتن جي ڪارڪردگين کي ڪيترو بہ ڏوهہ ڏيون، پر حقيقت ۾ پاڪستاني عوام ۾ ڪفايت شعاريءَ جي گهڻتائي آهي. سادگي هڪ تمام وڏي اخلاقي خوبي آهي. جيڪڏهن ملڪ جو هر ماڻهو ڪپڙي لٽي، کائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ، ڏيڻ وٺڻ، تعميرات، مطلب تہ رهائش جي هر طريقي ۾ سادگي اختيار ڪري تہ هن ملڪ تي اڄ ايترو قرض نہ هجي ها. ڪو وقت هو جو ملڪ جي وڏن شهرن جي روڊن تي چند چڱيون گاڏيون وڏن امير امرائن جون هونديون هيون. اڄ هر ٻئي گهر تي وڏين وڏين ڪمپنين جون ايئر ڪنڊيشن گاڏيون سک ۽ آرام لاءِ موجود آهن. اڳيئي ٻار گهڻي ڀاڱي سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندا هئا، جن جو معيار بہ بهتر هوندو هو.

موجوده دور ۾ شهر جي وچولي طبقي جي ماڻهن کان وٺي تمام مناسب حيثيت جي ماڻهن جا ٻار به انگريزي ميڊيم اسڪولن جي ڳاتي پڳين فيسن جي خرچن جو پورائو ڪن ٿا. ته گڏ ٽيوشن پڻ وٺن ٿا، ٽيليفون، موبائل، ايئر ڪنڊيشنڊ، گاڏين جي پيٽرول ۾ بين انيڪ خرچن ماڻهن جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي. ڪيترو لتو رسمون رواج، مطلب ته ڄمڻ کان مرڻ تائين هر موقعي مهل تي نه فقط گهڻو خرچ ڪيو ٿو وڃي پر فضول خرچي ڪري ان کي ڪوڙيءَ عزت ۽ مان جي لاءِ لازمي قرار ڏنو ٿو وڃي.

اهي اسان جا هٿ ٺوڪيا معاشي قدر، جيڪي ڪنهن به ريت ڪنهن مسلمان کي نٿا سونهن، سي ڏينهون ڏينهن وڌندا ٿا وڃن. ٻار جو ڄمڻ، ڇٽي، طهر، سالگرهه، مڱڻو، شادي ۾ مختلف قسمن جون پارٽيون، مطلب ته خرچ ئي خرچ آهن ۽ ڪمائڻ جا وسيلا گهٽ آهن. انهيءَ ڪري ڪمائيندڙ پاتي ذهني پريشانين سبب بلڊپريشر، شگر ۽ هارٽ جي تڪليفن ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا. اهو سڀ غلط رسمن رواجن ۾ معاشري جي غلط سماجي قدرن جو نتيجو آهي، جڏهن اسلام ۾ سادگيءَ کي حياتيءَ جو معيار ۽ وچٿرو هلندڙ کي گمراهيءَ کان بچندڙ ڄاڻايو ويو آهي ته پوءِ آخر اسين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون؟ هڪ حديث آهي ته "مَا عَالَ مَنِ اقْتَصِدَ **ترجمو: جيڪو وچولي هلت هليو، سو ڪڏهن به گمراهه نه ٿيو.**

پئسو نڪو آسمان مان لهي ٿو اچي ۽ نه ئي زمين تي وڻن جي ٽارين ۾ ميوي وانگر لٽڪيل آهي.هن اڻمُلهه خزاني جي حفاظت ڪرڻ جي عادت اسان کي پنهنجي ايندڙ نسل ۾ بلڪل وجهڻ گهرجي.زماني مان سبق سکڻ ضروري آهي. ايندڙ وقت اجان به ڏکيو اچڻو آهي.مهانگائيءَ جي هن عفريت کي منهن ڏيڻ لاءِ اها وڏي گهرج آهي ته اسين گهرن ۾، اسڪولن ۾، ڪاليجن ۾ ۽ آس پاس بچت جي لاڙي کي عام ڪريون، ايندڙ نسل کي مستقبل جي ان مايوسيءَ کان بچايون، جيڪا فضول خرچن ۾ اسراف ڪندڙن جي لاءِ يقيني هجي ٿي.

چوندا آهن ته **"سوڙ آهر پير ڊگهيڙجي"** سو پهچ مطابق خرچ ڪرڻ ۽ ڪجهه پاڇي رکڻ سان ماڻهو ڪڏهن به ڪنهن جي اڳيان هٿ ڪونه ٽنگيندو.

حقيقت ۾ غريب اهو نہ آهي، جنهن وٽ گهٽ آهي، بلڪ غريب اهو آهي، جنهن کي گهڻي جي هوَس هجي ٿي. وڏيڪ خرچ ڪري ڪنهن غيبي مدد ۽ معجزي جي اميد رکڻ وارا خوابن جي دنيا جا رهاڪو آهن. درمياني رستو هلندڙ ڪڏهن بہ ڪنهن جي اڳيان محتاج ڪونہ ٿيندو. قناعت اهو مقام آهي، جتي پهچي غريبي، اميريءَ ۾ بدلجي ويندي آهي. سهڻي سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ، **”ڪڏهن مَٽ ماٽيءَ تي آهي تہ ڪڏهن ماٽي مٽ تي“** سو ڏکيو ۽ سکيو وقت پڇي ڪونہ ايندا آهن. پلي ماڻهو باحيثيت بہ هجي، تہ بہ اهو ٺٺ ٺانگر، تڪبر، فضول خرچيءَ ۽ شوبازيءَ کان پاسو ڪري سادگيءَ جو معيار قائم رکي. آبادين جي وڌڻ سان پڻ ڪيترائي مسئلامنهن ڪڍين ٿا. باقي اجائي لالچ رکي گهڻو بچائڻ، نفس کي گهڻو تڪليف ۾ وجهڻ، يا بخل ڪرڻ، ضروري خرچن کان لنوائڻ ڪنجوسي آهي. ڪفايت ۽ ڪنجوسيءَ جامعيار الڳ آهن. بخل ۽ بچت ۾ پڻ وڏو فرق آهي. هر عمل جي پرک لاءِ بچت جي معيار کي سمجهڻ ضروري آهي.

هتي شاگردن کي بچت ڏي موڙڻ مان مراد اها نہ آهي تہ هُو پنهنجي تعليم جي خرچ ۾ بچت ڪن. دنيا جو اهم ترين خرچ جنهن مان ڪجهہ حاصل ٿي سگهي ٿو سو تعليم، هنر ۽ فن جي سکيا آهي. ذاتي خرچ ۾ سڀ کان ضروري خرچ صحت ۽ تعليم جو آهي. جيڪڏهن ”جيءُ خوش هوندو، تڏهن ئي جهان خوش ڏسڻ ۾ ايندو“ انهيءَ ڪري بچت مان مراد اها آهي تہ ضروري خرچن کي اهميت ڏيئي، باقي خرچن ۾ حياتيءَ جو معيار ٺٺ ٺانگر جي بجاءِ سادگيءَ وارو هئڻ گهرجي. انساني اخلاقن، عادتن جي طور طريقن ۾ سادگيءَ کي افضل حيثيت حاصل آهي، جنهن ۾ صحت جي اصولن مطابق سادو کاڌو کائڻ، سادو پائڻ، برين عادتن جيئن پان، سگريٽ ۽ ٻين نشي وارين شين کان بچڻ جيڪي نہ فقط پئسي، پر صحت جو بہ زيان آهن. آرام واري حياتيءَ گذارڻ جي بدران خود کي محنت ۽ مشقت جو عادي بنائڻ گهرجي تہ جيئن زندگيءَ جي ڪنهن بہ موڙ تي ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ٿئي سهڻو سخن آهي تہ، دنيا دار جو اُبتن رستن تي هلي، تنهن کان اهو غريب ڀلو جنهن جي سادگيءَ جي هلت آهي. زيب دار لباس خود آرائيءَ ۾ مبتلا رکي ٿو. چمڪ ڏمڪ وارو لباس

۽ تيارين ۾ محو انسان نہ تہ قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪري سگهندا ۽ نہ ئي پنهنجي آس پاس جي. اهي فقط خودنمائيءَ ۽ خود ثنائيءَ ۾ پورا هوندا.

پيار ٻارو! گهڻو خرچ ڪرڻ وارا جيڪڏهن ڪنهن مشڪل ۾ ڦاسندا آهن تہ عمومن قرضي ٿي ويندا آهن.چوندا آهن تہ **"قرض مرض آهي"** ڇو جو قرض حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين جي خوشامد ۽ چاپلوسي ڪرڻي ٿي پوي. ماڻهوءَ جي انا ۽ خودداري تہ مجروح ٿين ٿيون، پر هُو ٻي ماناڻتو ٿي ذلت جي کڏ ۾ ڪرندو ٿو وڃي. ظاهر آهي تہ گهڻي خرچ ڪرڻ وارو ماڻهو قرض کڻڻ کانپوءِ ان کي واپس ڪرڻ ۾ ڏکيو ٿيندو آهي ۽ ٻيو تہ هُو ڪوڙ ڳالهائيندو ويندو ۽ وعدي خلافي بہ ڪندو ويندو. حديث پاڪ آهي تہ، **"جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي قرض ادا ڪرڻو آهي، تہ ان کي اها ڳالهہ زيب نٿي ڏئي ت هو معمولي تيل بہ مٿي کي لڳائي"**.

يعني قرض ادا ڪرڻ تائين، معمولي سينگارڪرڻ بہ جائز نہ آهي. انهيءَ مان اسين اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ قرض وٺڻ ڪيڏي وڏي لعنت آهي ۽ ان جو ادا نہ ڪرڻ ان کان بہ وڏي لعنت آهي. قرض کڻڻ معنيٰ "پنڻ" يا "خيرات گهرڻ" ٻئي جي اڳيان هٿ ٽنگڻ ۽ اهو فقط اهي ماڻهو ڪندا آهن، جن ۾ سادگي ڪونہ هوندي آهي يا اتفاقن وڏي مجبوريءَ ۾ اچي ويندا آهن. انهيءَ ڪري گهڻي ناهہ ٺوهہ کان پاسو ڪري، خود کي قرض جهڙي مرض کان بچائجي.وڏا چوندا آهن تہ، **"شاهوڪار سان صحبت نہ رک، ڪُنو (مٽيءَ جو) ۽ ديڳڙو (لوهہ جو) بہ ڪڏهن پاڻ ۾ نهيا آهن؟ جي هڪڙو ٻئي کي لڳو تہ بہ ڀُڳو وري بہ ڪُنو"**. يعني غريب مٽيءَ جي ڪُني جيان آهي، جنهن کي جهورڻ ۽ ڀڃڻ سولو آهي، پراڃ جي دور ۾ ڏسندا سين تہ ماڻهو احساسِ ڪمتريءَ ۾ پڻ مبتلا آهن. هو باحيثيت ماڻهن سان دوستي ۽ پوءِ ان جهڙي معيار جاخرچ ڪري پاڻ کي زوريءَ وڏو ماڻهو سمجهندا آهن. حقيقت ۾ جيڪو فخر ڪجي، سو پنهنجي شخصيت کي اخلاقي طور مڪمل سڌاري، محنت ذريعي مقام حاصل ڪري پنهنجي علم ۽ هنر تي ڪجي. ٻانهن جي ٻَلَ تي ڪجي، نہ حسب نسب ۽ نہ مٽي مائٽيءَ ۽ دوستيءَ ۽ وڏماڻهپي تي ٽِڪجي.

پيارا شاگردو! هڪ اهم ڳالهه توهان کي اها به ٻڌايان ته، اسلام ۾ مالي نظامِ تي ضابطو ئي ڪنهن ملڪ جي انتظامي ڍانچي ۾ اهم قرار ڏنل آهي، جنهن ۾ محصول جي اڳاڙڻ جو انتظام پڻ شامل آهي، پر هتي اسين ڪنهن به قسم جو ملڪي ٽيڪس ڀرڻ ۾ جڻ عار ٿا سمجهون. نوڪري ڪندڙ ۾ ڪجهه پيا ماڻهو ته اجان ئي ڪجهه ٽيڪسز ڏين ٿا، پر ٻين ڪيترن معاملن ۾ وڏا ماڻهو چند پئسا ڏيئي تمام مناسب ۽ ٿورو پئسو ٽيڪس جي مَدَ ۾ جمع ڪرائين ٿا ته گهٽا پرائيويٽ ادارا پڻ اهڙي نموني ڪن ٿا.ٻاهرين ملڪن ۾ جيڪڏهن عوام کي سهولتون آهن ته اُتي هر ماڻهو ايمانداريءَ سان ٽيڪس ڏئي ٿو. جڏهن حب الوطنيءَ جو معيار ڪرندو ويندو آهي. ذاتي فائدن کي قومي فائدن تي مٿانهين حاصل ٿي ويندي آهي. تڏهن ئي ته ملڪ مقروض ٿيندا آهن. ڇا اسان جي وڏن ڪڏهن ايئن ڪيو هو؟ جيڪڏهن اسين هن اسلامي رياست جي حفاظت لاءِ دل سان ٽيڪس ادا ڪريون. ملڪ جي پئسي پئسي جي سنڀال ڪريون ۽ پنهنجي ذاتي پئسي کي فضول اڏائڻ جي بجاءِ قومي سيڙپڪاريءَ جي سٺين اسڪيمن ۾ لڳايون ته يقينن اسين پاڻ پيرا تي ويندا سين.

فضول خرچيءَ جا وڏا نقصان آهن. فضول خرچيءَ مان مراد آهي ته بي سبب ۽ فالتو طريقي سان ناڻي جو ضايع ڪرڻ، فضول خرچي يا اسراف هڪ لعنتي عادت آهي. فضول خرچن جي لاءِ قرآن پاڪ ۾ فرمايل آهي ته:
**"بيشڪ فضول خرچ شيطان جا ڀائر آهن"**

فضول خرچ انسان پنهنجي ذات لاءِ ۽ آل و عيال سان گڏ سماج لاءِ به هاڃيڪار آهي. ڪردار طور هو حريص،بي همٿ، بزدل، ڪوڙو، نڱ ۽ بداخلاق هوندو. خود غرضي ۽ لالچ سندس وطيرو هوندي ناجائز خرچ ڪيس ناجائز نموني پئسي حاصل ڪرڻ لاءِ آڀاريندو. ڪوڙي شان ۽ ڏيک ڀوپان هو ڪڏا ڪم ڪندو. چوڻي آهي ته: **"جتي ڪلدار رهي اُتي ڪرتار نه رهي"**

پئسي جي لالچ سان ڏٺيءَ جو خوف ختم ٿي وڃي ٿو ۽ جنهن کي خدا جو خوف نه آهي اهو ئي شيطان آهي. اعتدال جو رستو خدا ۽ خدا جي رسول کي هر عمل

۾ پسند آهي. انهيءَ ڪري پئسي جهڙي املهه شيءِ جو اسراف ته ڪنهن به ريت جائزنه آهي. چوندا آهن ته **"ڪاڏي ڪوهه به ڪٽيو وڃن"** وقت هميشه ساڳيو نه هوندو آهي. **"ماڻهو ڪڏهن پريءَ ۾ ته ڪڏهن پاڪر ۾"** ڪڏهن حيثيت آهي ته ڪڏهن ڪونهي. ان ڪري نندپڻ لاڪون. پئسي کي سوچي سمجهي خرچ ڪرڻ جي عادت پاڻ ۾ وجهڻ گهرجي. هوند سارو خرچ ڪرڻ وارو ڪڏهن به محتاج نه ٿيندو آهي. هميشه **" سوڙ آهر پير ڊگهيڙڻ گهرجي" "قرض مرض آهي"**.پنهنجي مان پورت ڪرڻ وارا ۽ پاڇي بچائي رکڻ وارا آخرڪار پيرن تي بيهي ويندا آهن.

"اسراف" جو عمل ناجائز پئسي سان مشروط ٿيندو ٿو نظر اچي جيڪو لالچ،خود غرضي، بي ايماني ۽ ٺڳيءَ جو ناهه آهي. لالچي ۽ ٺڳ شخص ته هر وقت پيو گهاٽ گهڙيندو آهي. ته ڪٿان پئسا ڪيان؟. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته فضول خرچيءَ کان بچجي بلڪ فضول خرچن کان به بچجي ڇو جو اهڙن جي اک ٻئي جي کيسي تي هوندي ۽ هو غلط ڪم ڏي مائل ڪندا آهن. هر وقت نيون نيون ترڪيبون پيا گهڙيندا آهن ۽ انسان تي دوستيءَ جو اثر اَوَس ٿيندو آهي. چوند اا آهن **"ڪارو وسي ڪيري سان رنگ نه مٽائي اوساڻ ضرور مٽائي"**

ضروري آهي ته بنيادي خرچ،جيئن اجهو لٽوڪاڏو، تعليم، صحت، خير خيرات (جيڪي ڪجهه ممڪن ٿي سگهي) پنهنجيحساب سان جائز نموني ڪرڻ گهرجن. غير ضروري ڏيکاءُ جي خرچن کان پاسو ڪري، پنهنجي ڪمائيءَ جو حساب ڪتاب رکي، ملڪي بچت اسڪيمن ۽ بين ڪارائتين سيڙپن ۾ پئسا استعمال ڪيا وڃن. حڪومت طرفان ملڪ جي پاليسين ٺاهڻ مهل به عام ماڻهوءَ جي ڀلائيءَ لاءِ سٺا بچت پلان پيش ڪيا وڃن ته بچت ترغيب عمل ۾ اچي حڪومت ۽ عوام ۾ سهڪار جي به گهڻي ضرورت آهي.فضول خرچيءَ کي ٻنجو ڏيئي اسين هڪ ترقي يافته ملڪ جو حصو ٿي سگهون ٿا.

# وطن جي حُب

محبت هڪ اهڙو جادو آهي، جنهن سان دنيا جي ادنيٰ کان ادنيٰ شيءِ پڻ بلند بنجيو وڃي، حقيقت ۾ اهو پيار جو جذبو شمار ئي نٿو ٿي. جو انسانيت جا قدر نہ سيکاري دنيا جو ڪو بہ مذهب پيار جي پرچار کان خالي نہ آهي، دنيا جي ڪنهن بہ عالمي برادريءَ جي ليڪڪ، شاعر ۾ ڏاهي جو پيغام ڏسنداسين تہ پيار ۾ محبت جو پيام نظر ايندو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، انسانذات جي لاءِ پيار ۾ محبت جي جذبي جي اهميت کي هن ريت ڄاڻايو آهي. فرمائي ٿو.

**وڳر ڪِيو وَتَن، پِرتِ نہ ڇنن پاڻ ۾،**
**پسو پکيئڙڻ ماڻهوئان ميث گهڻو.**
(سر ڏهر، 4_5)

پرت ۾ پيار ضروري نہ آهي تہ اسين فقط پنهنجي والدين، استادن، دوستن يا پسنديده شخص سان رکون، بلڪ هتي مراد آهي ڪل عالم جي لاءِ پيار، پنهنجي وطن سان پيار آهي تڏهن تہ شاهہ سائين سنڌ ۾ پوريءَ دنيا لاءِ دُعاڳو آهي.

**سائينمر! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار**
**دوست مٺا دلدار، عالَم سڀ آباد ڪرين**

پيار هڪ شخصي مذهب جو نمونو آهي، جيڪو ماڻهوءَ ۾ شخصي طور ڏيڻ جي قوت وڌائي ٿو. تڏهن ونڻ ۾ دليون رنجائڻ بجاءِ هُو فقط ۾ فقط دليون خوش ڪرڻ ۾ ڏيڻ ڄاڻي ٿو. اهڙو ماڻهو هر دلعزيز تہ ٿئي ٿو پر منجهس سهپ جي قوت بہ وڌي ٿي. حقيقت ۾ دنيا جو سڀ کان بدنصيب ماڻهو اهو آهي، جيڪو ڪنهن دل ۾ پنهنجي لاءِ جڳهہ ٺاهي نہ سگهي. شاندار دِلين وارا نہ ڪڏهن حاسد هوندا آهن ۾ نہ ٻڇٽا، ڇاڪاڻ تہ حسد هتي ڏئي ٿو شڪ کي ۾ خوف همٿائي ٿو براين کي. انهيءَ ڪري دل جي مضبوطي محبتن جي پروان چڙهائڻ ۾ آهي. محبتين جا ميڙا ڪل عالم ۾ خوشبو ٿا پکيڙين ۾ انهن سان ئي ڀائيچاري ۾ امن جي پيغام کي واڌارو ٿو حاصل ٿئي. سچي محبت ۾ پيار

جو جذبو انسان کي پاڪيزگي، عظمت، انسان دوستي، خوشحالي ۽ امن جو درس ڏئي ٿو. **”محبت روح جو گلاب آهي، جيڪو گناهن جي تپش سان ڪومائجي ويجي ٿو“**(شيخ عبدالقادر جيلاني) پيار جو هڪ اعليٰ درجو وطن سان محبت آهي.

اسان جي وطن جي ٻچي ٻچي تي اهو فرض آهي تہ هو وطن جي محبت جي جذبي سان واڳيل ٿي،دل ۽ جان سان ملڪ جي خدمت جو عهد ڪن. علم حاصل ڪرڻ سان گڏ ملڪ جي هر هڪ ننڍيءَ شيءِکي بہ قومي ملڪيت ۽ هڪ اهم اثاثو ڪري سمجهن، تڏهن ئي اسين صحيح معنيٰ ۾ آزاديءَ جي نعمت کان لطف اندوز ٿيندا سين. جڏهن بہ ڪو ملڪ مڪمل طور آزاد ۽ خودمختيار آهي ۽ ان جا وطن واسي آزاديءَ جي نعمت جي قدر کان چڱيءَ ريت واقف آهن ۽ هو ملڪ ۽ قوم جي فائدن کي عزيز رکڻ کي حياتيءَ جو اصول بنائين ٿا، تڏهن ان ملڪ ۾ سياٽپ، صلح، عدل ۽ انصاف ۽ بهادريءَ جو راڄ قائم ٿيندو آهي. نہ ڪہ ظلم زور آوريءَ ۽ ناانصافيءَ جو. وطن جي محبت کي سيني اخلاقي قدرن تي اهميت ڏيندي ڊاڪٽر تنوير عباسي چوي ٿو تہ،

**رات مون کي خواب ۾ هوشوءَ ڏنو هڪڙو پيام،**
**سنڌ وارن کي ڏجان، منهنجا ڳڻي سئو سئو سلام،**
**نوجوانن کي وچي، شاعر اهو پيغام ڏئي،**
**ڪين پيارو ڪن وطن کان پنهنجي ساهہ کي.**

ساهہ کان پياري وطن کي شاهہ، پٽائيءَ تہ مرڻ کان پوءِ بہ اهميت جوڳو قرار ڏنو آهي. مارئيءَ جي واتان چوائين ٿا تہ، **”مُيائي جياس، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي“**

وطن جي حب انساني اخلاق جو چوٽ چڙهيل جذبو ۽ وڏي خوبي آهي. انهيءَ خوبيءَ واري قوم ڪڏهن بہ پنهنجي ملڪ جو مدو نہ چاهيندي ۽ بلڪل پليءَ پٽ پنهنجي ملڪ جي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ اڳيان اڳيان هوندي. اهائي ان قوم ۽ ملڪ جي ترقي آهي. انهيءَ سان فرض شناسيءَ ۽ پيار جو جذبو پروان چڙهي ٿو. قوم جي هر ماڻهوءَ ۾ خوداعتمادي وڌي ٿي. عملي قوتن ۾ اضافو ٿئي

ٿو. جو جو ماڻهوءَ جو عمل سندس سوچ جو ئي ترجمان آهي ۽ سندس ترقيءَ جو راز فقط ۽ فقط لڳاتار عمل ۾ آهي. موجوده وقت اسان جي چئوطرف ماڻهن ۾ پئسي ڪمائڻ ۽ خرچ ڪرڻ جا قدر پراڻي وقت کان مختلف ۽ غير معياري ٿي رهيا آهن. ملڪي ناتي کي مضبوط ڪرڻ جا احساس ختم ٿيندا پيا نظر اچن. ذاتي ملڪيتن کي وڌائڻ ۽ اسراف ۽ ڏيکاءُ واري حياتي گذارڻ جا نوان غير معياري قدر وڌي رهيا اهن. جن سبب ايمانداري ۽ وطن جي محبت ختم ٿيندي پئي وڃي. اڄ ذخيره اندوزي، چور بازاري ۽ ننڍيءَ جي ناهن سان هڪٻئي جو خون چوسيو پيو وڃي. پر اهو ياد رکڻ گهرجي ته ٻين جو رت چوسيل ناجائز پسئو بي بقا آهي. جنهن کي نه جڻاءُ آهي. نه ئي اڳيان ان ۾ ڪو به فائدو ٿيندو. تاريخ شاهد آهي ته غير اخلاقي ڪمن ۽ غير معياري عملن سبب هميشه انسانيت نقصان ۾ آئي آهي. سماج ۾ برابري ۽ انصاف سان هلڻ سان ئي ماڻهو چڱائي حاصل ڪري سگهندا. اهڙو جذبو فقط ۽ فقط وطن ۽ قوم سان سچي محبت ۾ پسي سگهجي ٿو.

# عدل ۽ انصاف جي سماج ۾ ضرورت ۽ امن جي اهميت

عدل ۽ انصاف/ بي انصافي انهن ٻنهي لفظن جي مختصر هئڻ جي باوجود سماج جي سڄيءَ اڏاوت جو دارومدار انهن ٻنهي لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم تي آهي. عدل يعني برابري ۽ انصاف معنيٰ ”حق پلئہ پوڻ“ بظاهر تہ عام ڳالهہ ٿي لڳي پر اڄ جي دور ۾ بي انصافيءَ جو راڄ قائم آهي. عدل ڇڻ موڪلائي ويو آهي. ظالم ڪير اهي؟ ۽ مظلوم ڪير آهي؟ انصاف جون تقاضائون ڇا آهن؟ ان ڪي ڪهڙيءَ ريت هڪ مسلمان سماج ۾ قائم ڪجي؟ تمام بحث طلب مسئلا آهن. پر هتي فقط پياري رسول جي پاڪ فرمانن معرفت موضوع سمجهائيندس. حديث آهي تہ **”عدل ۽ انصاف جي هڪ گهڙي سئو سالن جي عبادت کان بهتر آهي“.**

**هڪ ٻي حديث آهي تہ ”مظلوم جي آهہ کان بچ، ڇاڪاڻ تہ ان جي وچ ۾ ۽ رب جي وچ ۾ ڪا بہ اوٽ ناهي“**

رسول پاڪ اهو بہ فرمايو آهي تہ **”مسافر، مظلوم ۽ ماءُ جي دعا قبول ٿيندي آهي“**. قدرت جو اهو قانون آهي تہ حق جي آواز کي جيترو بہ دٻائبو اهو ايترو ئي سختيءَ سان ايرڻ جي طاقت رکندو آهي. مظلوميت، ظلم جي انتها سان انتقام ۾ تبديل ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري جيترو ٿي سگهي، ڪنهن سان بہ انياءُ ۽ ظلم ڪرڻ کان بچجي. بي انصافي ظلم آهي ۽ انصاف حق جو آواز آهي. ناانصافي، ڏاڍائي، افراتفري، ڀوسٽ ۽ غير برابريءَ کي روڪڻ لاءِ قانون سان گڏ اخلاقي گڻن جي قدر کي وڌائڻ سان روڪي سگهجي ٿو نہ تہ ظلم جي اونداهيءَ ۾ روشني ڦُٽڻ ناممڪن آهي. حقيقي آزادي ۽ عدل انصاف وارو سماج اهو آهي، جنهن ۾ ظلم جو خاتمو ٿي وڃي. قرآن پاڪ ۾ آهي تہ **”عدل ۽ توازن جو پورو پورو خيال رکو ۽ تارازيءَ کي هڪڙي پاسي نمڻ نہ ڏيو“.**

ملڪ جي حاڪم جو اهو فرض آهي تہ هُو پنهنجي ماڻهن سان ويجهو رهي. قائداعظم محمد علي جناح فرمايو آهي تہ، **”منهنجي دعويٰ آهي تہ جيڪڏهن اوهين عوام جي راءِ ۽ سندن خواهش جو احترام نہ ڪندا تہ اوهين جيترا بہ وڏيو اوترا قانون ڪٽي بنايو مگر اوهين انهن جي وسيلي بدامني ڦهلائيندڙ سيني عناصرن جو خاتمو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهندا“**. سو بي انصافيءَ جو خوف ئي آهي جو ماڻهن ۾ انصاف جي لاءِ محبت پيدا ڪري ٿو. ظلم، تشدد ۽ بي انصافيءَ سان ڪڏهن بہ دنيا ۾ روحاني، اخلاقي يا مادي خوشحالي آڻي نٿي سگهجي. سُک جو رستو امن، پيار، محبت، فرض شناسيءَ سان گڏ نفاق ۽ بدامنيءَ کي ٻُنجو ڏيڻ جو آهي.

**ڪيڏو نہ امن لاءِ جڳ منتظر بہ آهي؟ ڇا ڪار ساز ڦهرن کان بيخبر آهي؟ ڪو آسمان تان ڳائي، بارود ڏوڙ ٿي ويا، ان ڪان وڏيڪ نغمو ڪو معتبر بہ آهي.**
”امن“ ظاهري طور تہ مختصر لفظ آهي، پر معنيٰ جي لحاظ کان وسيع ترين ۽ انساني اندر جو سڪون آهي. امن ئي آهي جنهن سان ڪنهن ملڪ ۽ قوم جي ترقي ممڪن ٿي سگهي ٿي. امن قومن جي ترقيءَ جو اهڃاڻ آهي تہ سندن ترقيءَ جو راز پڻ. امن ضمير جي سجاڳي تہ امن عدل ۽ انصاف بہ آهي اڄ جي ائٽمي پاور واري دور ۾ هر ملڪ نہ فقط پنهنجي سرحدن جي بچاءَ لاءِ پريشان آهي، پر ملڪ جي اندروني حالتن کي منهن ڏيڻ ۾ پڻ گهڻو فڪرمند آهي، موجوده وقت جيڪڏهن ڪنهن بہ گهر جو ڪو بہ ڀاتي گهر کان ٻاهر آهي تہ دير ٿي وڃڻ تي گهر ۾ موجود هر هڪ پريشان هجي ٿو تہ ”شل خدا خير ڪري“. ان جو سبب فقط ۽ فقط قتل، خودڪش حملا، چوريون، ڦر، اغوا وغيره آهن. عدل انصاف ۽ امن جي ماحول کي وڌائڻ ۾ انساني اخلاقي قدرن جو وڏو ڪمال آهي. اهڙين خوبين جيئن سچ، لالچ ۽ حرص و هَوَس کان بچاءُ، انسانيت جي لاءِ پيار ۽ محبت، فرض شناسي، بهادري ۽ همت، محنت، اميد جو جذبو، خوداعتمادي، شيرين زباني، وعده وفائي، صبر ۽ شڪر، حسد کان بچاءُ، نوڙت ۽ ٻيا نيڪ عمل ۽ چڱا اخلاق آهن، جن کي پنهنجو ڪرڻ سان هڪ سڌريل سماج جو بنياد پوندو. ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ذاتي چڱين خوبين جو سماج تي تمام وڏو اثر پوي ٿو. فقط هڪ انسان جي سڌرڻ سان هڪ

مڪمل خاندان سڌري ٿو ۽ اهڙيءَ ريت ان خاندان جي ٻين ڀاتين جي سڌرڻ سان ڪيترائي خاندان سڌرن ٿا ۽ مڪمل طور هڪ مهذب قوم جي اوسر عمل ۾ اچي ٿي. گوتم ٻڌ چوي ٿو تہ.

**”غصي ۾ ڳالهايل هڪ لفظ بہ سڀ کان تکي تلوار آهي. لالچ سڀ کان خوفناڪ زهر تہ حرص و هوس سڀ کان تيز باهہ آهي. جهالت سڀ کان وڏيڪ اوندهہ تہ سڀ کان خوفناڪ چور آهن خراب خيال ۽ سڀ کان دردناڪ بيماري آهي دل جي پليتي، سڀ کان تيز بخار آهي نفرت. سڀ کان وڏيڪ نقصان ڏيندڙ اهو شخص آهي، جو ٻين کي فائدي پهچائڻ بنا پاڻ کي فائدو رسائي ٿو. سڀ کان سٺو حڪيم آهي پروڙ ۽ سڀ کان وڏيڪ فائدي ۾ اهو رهي ٿو جو ٻين کي ڏئي ٿو ۽ سڀ کان قيمتي خزانو آهي نيڪي“.**

اهڙيءَ ريت امن، عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ ۽ اهو شعور ڏيڻ لاءِ چڱن اخلاقي گڻن جو پکيڙڻ وڏي نيڪي آهي، جا ڪنهن سٺي سماج جي وڌڻ ويجهڻ جي اهم ضرورت پڻ آهي.

# سچ جي طاقت لالچ کي روڪي ٿي

پيارا ٻارو! سچ انساني گڻن جو سرتاج آهي اهو سچ ئي آهي، جيڪو ماڻهوءَ جو مانُ ۾ شان هر هنڌ وڌائي، ڪيس دين ۽ دنيا ۾ سوپارو ڪري ٿو. سچارن تي ته مالڪ جون اڪيون آهن ته سندس ڳڻَ انهن سچن سوالين جي سوالن ڏي جن ٻه ڪوڙ ڳالهايو ۽ برائيون اختيار ڪيون. مالڪ تن کان مَن موڙيو ۽ انهن جو جڙ ته نانءُ ۾ نشان ئي دنيا مان ختم ٿي ويو. سچ قائم ۽ دائم ۽ ڪوڙ بي بقا. سچ نور جو سوجهرو ته ڪوڙ باهه جو آڙاهه. تڏهن ئي ته سچ ۽ ڪوڙ هڪ ٻئي جي ابتڙ ۽ تصوير جا ٻه الڳ رخ آهن. سچ سونهن آهي ۽ سونهن ئي فطرت آهي، جنهن کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ سورهيه سوريءَ سزا وار ٿيا آهن.

**سچ سوريءَ کي سونهن ڏئي ٿو سوري سچ جو زيب،**

**هر ڪو عيسيٰ ڪٺي، ڪلهن تي پنهنجو پاڻ صليب.**

سچ ئي آهي، جنهن لاءِ امام حسين عليه السلام سجدي ۾ سَر ڪٽايو.

**سچ چالاءِ ڪوڙ جي بيعت مڃي، حق چو ناحق جي بيعت مڃي،**

**هڪ طرف جنت، جهنم ٻئي طرف، نور ڪيئن ٿو نارجي سنگت مڃي.**

واعدو پاڙڻ ۽ عهد پورو ڪرڻ سچ جي بدولت ئي ممڪن آهي. وعده وفائيءَ جي خوبيءَ سان ماڻهن ۾ اعتبار ۽ اعتماد وڌي ٿو. سچ ۽ ڪوڙ مختلف ۽ متضاد رويا آهن. سچ دين جو بنياد ته ڪوڙ منافقي ۽ ڪفر. سچ انساني شخصيت جي تعمير جو اهم ٿنڀو ته ڪوڙ ماڻهوءَ جي شخصيت جي لاءِ ڦينچي آهي. شيخ سعدي چوي ٿو ته **"سڀ کان وڏي خيانت اها آهي ته تو پنهنجي ڀاءُ سان ڪوڙ ڳالهايو، جنهن کي هُو سچ سمجهي وڃي"**. ڪوڙ ماڻهوءَ جي عزت گهٽائي، ڪيس دين دنيا ۾ خوار ۽ خراب ڪندڙ آهي. ڪوڙي جي عزت ڪنهن جاءِ تي نه ٿي هجي. آخرڪار سندس ڪارستانيون سيني کي معلوم ٿي وينديون آهن. موجوده دور ۾ ڪوڙ کي مختلف طريقن ۽ نمونن سان رائج ڪيو وڃي ٿو ۽ ان کي وقت جي ضرورت قرار ڏيندي، ڳالهه کي بدلائي ۽

ٺاهي پيش نہ ڪرڻ واري کي سادو ۽ بيوقوف سمجهيو ٿو وڃي پر ڏٺو وڃي تہ اهو وقتي ۽ دنياداريءَ جو رستو آهي. جنهن کي بقا ڪونهي، ڪوڙي ماڻهوءَ جو نسل بہ اڳيان هلي ڪوڙو ٿو ٿئي. اهڙيءَ ريت ڪيترائي خاندان هن قبيح عادت جو شڪار ٿا ٿين. جڏهن تہ سچ جو مقام تمام بلند آهي ۽ آخر سچ جي ئي فتح ٿئي ٿي.

**سدائين ٿو سَرَ هو، گذاري سچار،**
**سدا آهي، ڪوڙ خراب ۽ خوار.**

سهڻو سخن آهي تہ **"جي سُکيا ڏينهن ڪاٽڻ ٿو چاهين تہ زبان کي برائيءَ کان ۽ چپن کي ڪوڙ کان پري رک. بچڙائيءَ کان باز ٿي نيڪي اختيار ڪر"**.اسلام ۾ سچ ڳالهائڻ جي تمام گهڻي هدايت ٿيل آهي تہ صدين کان پوريءَ دنيا ۾ نيڪن، ڏاهن، ولين ۽ پيغمبرن سچ جي اهميت ڄاڻائي آهي. سماج جي اهم برائين ۾ ڪوڙ هڪ وڏي لعنت آهي. سچ جي نعمت جو قدر ڪري ان جو ماڻُ مٿانهون ڪرڻ سان اخلاقي قدرن ۾ واڌارو ٿيندو.

لالچ ۽ حرص کان بچاءُ سان انسان سچار ٿيئي ٿو. اسان جي گهڻين پريشانين جو سبب اسان جون غلط خواهشون، هبچ ۽ لالچ آهن. پُرسڪون زندگيءَ جو هڪ اصول قناعت پڻ آهي. خدا تعاليٰ خوشحالي بخشي تہ بہ پنهنجين تمنائن کي گهڻو وسيع نہ رکڻ گهرجي. خواهشون ۽ دنياوي لالچن جا انبار نہ فقط شخصي طور ماڻهوءَ کي جهوري پوري ٿا ڇڏين، پر انهن جو پورائو نہ ٿيڻ ڪيس نااميديءَ جي ڏٻڻ ۾ وجهي ٿو ڇڏي. جتان ئي هن جي اصل ناڪامي شروع ٿئي ٿي. ڇو جو جنهن ڊگهيون اميدون رکيون، تنهن پنهنجا عمل بگاڙي ڇڏيا. لاحاصل خواهشن جي پٺيان ڊوڙڻ ايئن آهي، جيئن سُج ۾ پاڻي ڳولهڻ سو گهڻيون خواهشون، حرص، هوس ۽ لالچ ۾ شمار ٿين ٿيون. هڪ ڏاهي جو قول آهي تہ **"شين جي محبت، دل ۾ دائمي طور داخل ٿي وڃي تہ اتان دلين جو مالڪ لڏي ويندو آهي"**.

خواهشن ۽ اميدن جا پڻ معيار مقرر ٿيل آهن. اهڙيون خراب خواهشون جن سان انسان ٻئي جا حق تلف ڪري ۽ فقط سندس ذاتي خوشيءَ لاءِ غلط طريقن

سان لاڳاپيل هجن. سي لالچ ۽ حرص جو حصو آهن. باقي نيڪ اميدون ۽ نيڪ تمنائون ۽ نيڪ خواهشون ضرور رکڻ گهرجن. جيئن ديني دنياوي علم حاصل ڪرڻ جي خواهش، دنيا ۾ سرخرو ٿيڻ ۽ ڪاميابيون ماڻڻ جي خواهش يا ڪي ڪارائتا ڪم ڪرڻ جي خواهش لالچ کان مختلف آهن. لالچ معنيٰ تہ ٻئي جي شيءِ ۾ اک رکڻ ۽ هٻچ سان پنهنجو ڏن ناجائز طريقن سان وڌائڻ، ٻئي جو حق غصب ڪري پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ، ٻئي سان حسد ڪري سندس جان ۽ مال کي نقصان ڏيڻ وغيره. انسانيت جي خدمت خدا پاڪ جي خدمت آهي ۽ انسانيت جي لاءِ پيار ۽ محبت جي جذبي جي تمام گهڻي اهميت آهي. محبت ۽ پيار جا جذبا روحاني جذبا آهن. هن روحاني خزاني مان فيضياب ٿيڻ سان اسان انسانيت جي تعمير بهترين نموني ڪري سگهون ٿا. هي ء دنيا انسانن لاءِ آهي ۽ انسان دنيا لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن، پر هتي اچڻ ڪانپوءِ هر ماڻهو ذاتي طور ايئن سمجهي ٿو تہ هتي موجود هر شيءِ صرف هن جي لاءِ آهي ۽ هُو خود غرض بڻجي ٿو. جنهن سان منجهس لالچ پيدا ٿيئي ٿي ۽ هو سچ جي رستي کان پري ٿي وڃي ٿو جو ذاتي ۽ قومي نقصان آهي.

# فرض شناس باهمت ۽ بهادر آهن

فرض شناسي يعني پنهنجي فرض جي سڃاڻپ هڪ تمام گهڻو ذميداريءَ جو رويو شمار ٿئي ٿو. اڄ هر ڪو پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ بحث ۾ رڌل آهي. حقيقت اها آهي ته جڏهن اسين حق حاصل ڪرڻ لاءِ گوڙ ۽ شور ڪريون ٿا تڏهن اسان کي اهو قطعي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي ته جيترا اسان جا حق مختلف رشتن ۽ لاڳاپيل ماڻهن ڏانهن آهن، ايترائي بلڪ ڪنهن حد تائين ان کان به گهڻا اسان تي فرض پڻ مقرر آهن.

استاد جو فقط اهو فرض ڪونهي ته هو شاگرد کي علم عطا ڪري، بلڪ شاگرد تي پڻ اهو مڪمل طور فرض عائد ٿئي ٿو ته هُو استاد جي حقن جي سُڃاڻپ رکي، نه ته ڪائنس قيامت جي ڏينهن مليل علم جي فضيلت جي پڇا ڪئي ويندي. ساڳيءَ ريت والدين تي ٻارن جي پالنا جا انيڪ فرض آهن، پر اولاد تي به اها جوابداري آهي ته هو والدين جي حقن کي نظر ۾ رکي. فرضن جي ادائگيءَ ۽ حقن جي وصوليءَ جو تفصيل تمام ڊگهو آهي، پر حقيقت صاف ظاهر آهي ته ” هڪ هٿ سان ڏئي ٻئي هٿ سان وٺ“.

فرض شناسيءَ جو اهو محور آهي ته ماڻهو لالچ ۽ هيڇ ڪان ۽ خوف ۽ بي همتيءَ کان پري هجيا هو سوچي  ته کيس حساب ڪتاب ڏيڻو آهي. بيشڪ هُو پٽيوالو آهي يا اعليٰ آفيسر، شاگرد آهي يا استاد، ننڍو آهي يا وڏو سندس حيثيت ۽ مرتبي مطابق مٿس بلڪل ڪي فرض مقرر آهن ۽ ساڳيءَ ريت سندس حق پڻ معاشري جي مختلف ماڻهن ڏانهن موجود آهن، پر ٿئي ايئن ٿو ته هتي حقن جي وٺ پڪڙ گهڻي آهي. فرضن ڏي وڏي ڪوتاهي آهي. انهيءَ ڪري نه آفيسن ۽ ادارن جو ماحول بهتر اهي نه اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جو ۽ نه ئي گهرن جو. پر بهر حال سڀ ماڻهو برابر ڪونه آهن، جيڪي فرض ادائيءَ جي خوبيءَ ۽ حقن جي برابريءَ جي اصولن کان واقف آهن سي عمل به ڪن ٿا ۽ انهن جي حياتي گهڻين مشڪلن کان آجي آهي. فرضن جي ادائيگيءَ لاءِ قرباني ڏيڻي پوندي آهي، جنهن لاءِ وڏي همٿ گهرجي.

همٿ ۽ بهادري ماڻهوءَ جي شخصي خوبين ۾ اهميت واريون خوبيون آهن. شخصي طور جيڪڏهن اهي خوبيون ڪنهن قوم جي ماڻهن ۾ آهن ته اها قوم ڪڏهن به مفتوح ٿي نٿي سگهي. پنهنجي بهادرن ۽ جيالن جي ڪارنامن کان جيڪڏهن نئين نسل کي صحيح نموني سان واقف ڪرايو وڃي ته مان نٿي سمجهان ته ان قوم جا نوجوان پوئتي رهي سگهن ٿا. انسان کي سيني ڪوشش جو حاصل ضرور ملي ٿو. ايئن نه آهي ته ماڻهوءَ جون محنتون رائگان ٿيو ٿيون وڃن. همٿ سان دنيا ۾ هر ناممڪن ڪم ممڪن ٿي وڃي ٿو. همٿ ئي آهي. جيڪا اندر جي قوت ٿي ماڻهوءَ کي ڪوشش ۽ عمل لاءِ وڌائي ٿي ۽ ماڻهو بي خوف و خطر مشڪلن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳيان وڌي ٿو.

ڪنهن به سماج جي نوجوانن ۾ جيڪڏهن بهادري ۽ همٿ جهڙيون خاصيتون نه هونديون ته هُو بزدل ۽ ڪمزور ٿي نه پنهنجي لاءِ ڪجهه ڪري سگهندا ۽ نه گهر ڀاتين لاءِ ۽ نه ئي قوم ۽ ملڪ جي لاءِ. بهادر، باهمت نوجوان هن ڌرتيءَ جو فخر ۽ شان آهن. سنڌ ۾ ”دودو چنيسر“ جو جنگي داستان هر شاگرد ٻُڌو ۽ پڙهيو هوندو. ”چنيسر“ جو نالو اڄ به سنڌ ۾ گار طور استعمال ٿئي ٿو جنهن جو دين ايمان تخت ۽ تاج هو ته ” دودو“ ، بهادر، باهمت سنڌ تي ساهه ڏيڻ وارو فرض شناس حڪمران هو. جنهن سنڌ ڌرتيءَ جي حفاظت لاءِ پنهنجي ۽ پنهنجي ساٿين جي جان قربان ڪئي.

دنيا ۾ اهي قومون ڌرتيءَ جي تختي تان هميشه لاءِ ميسارجي ويون آهن، جن پنهنجي قوم واسين کي ننگ ۽ قوم جي حفاظت ڪرڻ ڪونه سيکاري کين سختيون سهائي، بهادرن جي صف ۾ نه بيهاريو. شيخ اياز ڌرتيءَ جي بهادرن کي ڀيٽا ڏيندي چوي ٿو ته،

**مون ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ڏٺا، مون ساٿا ساٿا سَنڌ ڏٺا،**
**مون چا چا مائيءَ لال ڏٺا، جي لوئي لڄ بچائي ويا،**
**جي جيءَ جيارا ماڻهو هئا، سي سڀ کان پيارا ماڻهو هُئا،**

**جن ساهه ڏيئي ويساهه ڏنو سي دل ۾ درد ڏڪائي ويا.**

بهادري اها ڪانهي تہ هڪبئي کي پٽوڙجي، پر بهادر اهو آهي، جيڪو پنهنجي ملڪ ۾ ننگ و ناموس جي حفاظت ڪري، اوڙي پاڙي، نياڻيءَ سياڻيءَ جو حياءُ ڪري، مهل ڪُمهل ڪم اچي. قومي محبت جي جذبي سان سرشار هجي ۾ وقت تي جان ڏيڻ کان بہ نہ ڪيٻائي. بزدلن ۾ ڪانئرن تي هميشہ هِٽ ڦِٽ ٿيندي آهي. پر بزدلي ۾ شرافت ۾ پڻ چٽو فرق آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو شريف آهي ۾ هُو انتقامي رستن تي نٿو هلي ۾ نہ ئي بدلو ٿو وٺي، بلڪ معاف ٿو ڪري ڇڏي، جو خدا پاڪ ان کي اها خلاقي قوت ڏني آهي ۾ هو معافيءَ کي ئي بهترين انتقام ٿو ڄاڻي تہ اهو اعليٰ انسان آهي، پر ڪي ماڻهو سندن انهيءَ رويي کي بزدليءَ سان ڀيٽيندا آهن ۾ کين وڏيڪ تنگ ڪندا آهن. پوءِ ڄڻ ايئن لڳندو آهي تہ شرافت جو تہ زمانو ئي ڪانهي.

شرافت امن ۾ انصاف جو ليکو
عجب انداز سان اورانگهجي ٿو پيو.
جتان گهڙندي ٻُڌڻ جو ڊپ ٿيڻ گهرجي،
انهن گهيڙن جو پاٽي تانگهجي ٿو پيو.

بهر حال بزدل هئڻ ڪردار جو اَوَگڻ آهي. بهادري مومن جو شان آهي. انهيءَ جذبي هيٺ سئو سالن جي بزدليءَ واري جيون جي بدران مانجهي مڙسن، شينهن جهڙي هڪ ڏينهن جي زندگيءَ کي اهميت ڏيندي، پنهنجي قومن کي حياتيون ۾ بقا جا پروانا عطا ڪيا آهن. بهادر ۾ باهمت ماڻهو بااخلاق، فرض شناس ۾ ذميوار هجن ٿا.

# محنت جي عادت قدرت طرفان عظيم تحفو

محنت انساني فطرت جو عظيم مقصد ۽ اهو ئي هن زمين تي خوشيءَ جو ذريعو آهي، اها به حقيقت آهي ته محنت خوشقسمتيءَ جي ماءُ ۽ انسان جي حياتيءَ جي گذران جو بنيادي ذريعو آهي. هر شخص پنهنجي قسمت جو پاڻ ٺاهيندڙ آهي. قسمت ڪنهن بـِئي هنڌان ڪانه ايندي، بلڪ اها محنتن سان ئي جوڙي ويندي آهي. محنت اسان جي هٿ ۾ ۽ نصيب الله جي هٿ ۾ آهي. اسان کي ان مان ڪم وٺڻو آهي، جيڪو اسان جي هٿ ۾ آهي.

ڏٺو وڃي ته محنت جي عادت ماڻهوءَ ۾ ڪا هڪ اڌ ڏينهن ۾ پيدا ڪونه ٿيندي آهي. هيءَ جسماني ۽ ذهني تڪليف، ذميواري، طاقت، توجهه ۽ وقت جي پابنديءَ جي حامل آهي، جيڪڏهن ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي پنهنجي ڪمن پاڻ ڪرڻ جي عادت هوندي ته هُو اڳيان هلي هڏڏوکي ٿيندا، نه ته منجهن سستي ۽ ڪاهليءَ جي عادت پوندي.

**گوتم ٻڌ**، جان کي جفا ڏيڻ جو قائل هو. هن مهان شخص جي چاٽايل اصولن ۾ محنت کي وڏي اهميت آهي، چوي ٿو ته، **”جو شخص صاف دل آهي، سو پنهنجي ٻانهن جي طاقت ۽ محنت سبب پنهنجو هٿ ٻئي اڳيان نٿو ٽنگي ۽ سستيءَ کان پري رهي ٿو. هو امير هجي، عالم هجي، هاري هجي خواهه ڪاروباري هجي، مطلب ته ڪنهن به حيثيت ۾ سماج جو فرد هجي اهڙي طريقي سان حياتي گذارڻ سان سندس نيڪنامي چوڏاري ڳائڻ ۾ ايندي“.**

پورهئي يا محنت ۽ ڪم ڪرڻ کي ڪڏهن به عذاب نه، بلڪ دلچسپ وندر ۽ مشغولي سمجهندڙ ماڻهو ڪنهن به وقت محنت کان باز ڪونه رهندا آهن. محنت نه ڪندڙ ماڻهو نه فقط پنهنجي لاءِ پر انسانيت جي لاءِ به ملامت ۽ بار آهن. چو جو اهڙيءَ ريت سجو سماج سُست ۽ ٽوٽي ٿي ويندو. سستي ۽ ڪاهلي هن قيمتي حياتيءَ جو وڃاڻ آهي. هٿ هٿ تي رکي ويهڻ سان ڪو آسمان مان من وسلويٰ ماڻهوءَ کي ڪونه ملندا، بلڪ هو بُک مرندو. رزق ڪمائڻ لاءِ به هر انسان کي محنت تي ڪرٽي پوي ته دنيا جو هر هڪ ڪم

محنت سان مشروط آهي، چاهي اهو علم هجي يا عبادت، ادب هجي يا آرٽ، هارپو هجي يا سائنس ۽ ٽيڪنالاجي. مطلب ته محنت کان سواءِ ڪجهه به ممڪن نه آهي.

انساني عقل هڪ اهم سوغات آهي. عقل ۽ محنت جي ميلاپ سان ڪاميابي مڪمل يقيني آهي. حضرت علي رضي الله موجب ته **”ڪوبه ڏلاسو عقل جي ڏلاسي کان بهتر ڪونهي“** سو عقل ئي آهي جو محنت ۾ مددگار ۽ مشورا نواز آهي ۽ علامه اقبال به ساڳيءَ ريت عقل ۽ علم کي فوقيت ڏني آهي. فرمائي ٿو ته **”عقل جهڙي دولت ڪونهي ۽ جهالت جهڙي ڪا غربت ڪونهي“** سو عقلمند ماڻهو جيڪڏهن محنت ٿو ڪري ته ڪاميابي ٿو ماڻي ۽ جيڪڏهن تعليم يافته آهي ته هيڪاري وڏيڪ ڪامياب ۽ ڪامران آهي. معنيٰ ته محنت ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي ۽ محنت سان گڏ وقت تي هر ڪم ڪرڻ ۽ وقت جو قدر ڪرڻ هيڪاري اتم آهي.

وقت جي اهميت محنت جي معاملي ۾ تمام اهم آهي. عام طور چوندا آهن ته ”وقت انهن کي ضايع ڪندو آهي، جيڪي وقت کي ضايع ڪندا آهن. دنيا ۾ توهان جي لاءِ سڀ کان وڏيڪ تڪليف ده اهو شخص هئڻ گهرجي جيڪو توهان جو قيمتي وقت برباد ڪندڙ آهي. هن تيز رفتار دور ۾ انساني ڪمن ۽ ڪوششن ۾ وقت جي تمام اهميت آهي، هتي اهو بلڪل صحيح سمجهه ۾ ٿو اچي ته، ” هن دور ۾ وقت گهٽ آهي ۽ مقابلو سخت آهي“ هيءُ مقابلي (Competition) جو دور آهي. جنهن ۾ ڪنهن به ڪم کي دل ۽ جان سان گڏ مڪمل چاهه ۽ محنت سان مقرر وقت تي جيڪڏهن ڪبو، تڏهن ئي اهو مانُ ماڻيندو. وقت جهڙي اهم ترين ۽ ناياب شيءِ محنت سان مشروط آهي. زندگي فقط ۽ فقط وقت جو قدر آهي. وقت کي ضايع ڪرڻ معنيٰ ته حياتيءَ کي ضايع ڪرڻ. ڪنهن شاعر چواڻي ته،

**محبت سان ڀرپور محنت ڪنداسين، ۽ محنت جي هر ريت عزت ڪنداسين،**

**۽ عزت اسان جي انهيءَ ۾ ئي آهي، ته پيارن، ڀنهوارن جي خدمت ڪنداسين.**

سُقراط چوي ٿو تہ "وقت جو هر ذرو سون جي ذري وانگر قيمتي آهي ۽ عقلمند وقت جو قدر ان جي موجودگيءَ ۾ ڪندا آهن، جڏهن تہ نادان وقت وڃائي پڇتائيندا آهن".

# اُميد جي قوت ڇا آهي؟

اميد حياتيءَ جي ڏکن ۽ سکن ۾ هڪ وڏي آٿت آهي. لاھا چاڙھا ۽ ڏک سک حياتيءَ جي هن سفر ۾ هر ڪنهن کي پيش اچن ٿا. پر مايوس ۽ نااميد ٿيڻ سان ماڻهو وڏيڪ مشڪلاتن ۾ ڦاسي، زنده رهڻ جي خوشيءَ کان ته محروم ٿئي ٿو پر ڪڏهن ته ڪي نااميد ماڻهو پنهنجي پاڻ جو به انت آڻين ٿا، جيڪا حرام موت آهي. حقيقت ۾ تڪليفون ۽ پريشانيون انسان کي سوچن تي مجبور ڪنديون آهن ۽ سوچڻ سان ئي انسان داناءُ ٿئي ٿو ۽ دانائي زندگيءَ کي جيئڻ جي قابل بنائي ٿي. هونئن به ڪجهه وڃائي ئي پوءِ سکبو آهي. ان ڪري بهتريءَ جي اميد رکجي. پر بدحاليءَ لاءِ به تيار رهجي. زندگيءَ جي ڪاميابيءَ جو راز اهو آهي ته پريشانين جي باوجود به پريشان نه ٿجي ۽ اميد جو ساٿ ڪڏهن به نه ڇڏجي. زندگي مسلسل جدوجهد ۽ اميد ان جدوجهد جو بنياد آهي. نااميدي ۽ مايوسيءَ جو ڪارڻ عمومن خوف پڻ آهي. خوف سان وحشت، دهشت ۽ پريشاني پيدا ٿي، يقين جي قوت ختم ٿي ويندي آهي ۽ خوداعتماديءَ جي ڪمي ٿيڻ سبب بي همتيءَ سان ناڪامي ملي ٿي. يعني پنهنجي ئي پيدا ڪيل خوف مان پريشاني اچي ٿي ۽ اها به سچائي آهي ته پريشانيون خود تي حاوي ڪرڻ سان اهي وڏيڪ وڌنديون آهن.

اسان جي مذهب ۾ تڪليفن ۽ پريشانين ۾ صبر، همت، توڪل ۽ دعا جي هدايت ڪيل آهي. ايتر قدر جو امام ابوحنيفه ته اهو ٿو چوي ته **”مصيبتون گناهن جو نتيجو هونديون آهن ۽ گنهگار کي اهو حق نٿو پهچي ته هو مصيبتن تي واويلا ڪري“**. پر مولانا رومي چوي ٿو ته **”مصيبتون گناهن سبب به آهن ته اهي آزمائش طور پڻ اچن ٿيون، پر ٻنهي حالتن ۾ صبر، همت ۽ دعا وسيلو آهن“**. جن سيني جي سهارو اصل ۾ اميد آهي. اميد سان حياتي باعمل ۽ سوادي آهي. اميد جيئڻ جو آسرو ۽ يقين جي قوت آهي.

خوداعتمادي پڻ اميد سان ئي قائم ٿئي ٿي. دعا جي قبوليت جو يقين، محنت جي صلي ملڻ جو يقين ۽ ٻين ڪيترن ئي معاملن ۾ انسان جي يقين جي قوت هُن کي خوداعتمادي تي ڏئي انهيءَ سان هُو پراميد ٿي ڏکيا ڪم پڻ خوش

اسلوبيءَ سان سرانجام ٿو ڏئي حضرت علي رضي الله فرمائي ٿو تہ **”فتح جو دارومدار خوداعتماديءَ تي آهي ۽ خوداعتماديءَ جو مدار باربار سوچڻ تي آهي ۽ سوچڻ جو مدار راز جي حفاظت ڪرڻ تي آهي“.** معنيٰ تہ سمجهہ، همٿ، يقين ۽ اميد سان گڏ رازداري ڪاميابيءَ جو دليل آهي.

**هيٺن جي طاقت ۽ قلب جي قوت اميد آهي،**
**خوشيءَ جو آڌار ۽ ڪاميابيءَ جو دارومدار اميد آهي.**

هن دنيا ۾ جيترو اسين سچ ڳالهائڻ، پيار ۽ محبت سان حياتي ڪٽڻ، لالچ کان بچڻ ۽ فرض شناسيءَ سان ڪار وهنوار نپائڻ، محنت، همٿ، بهادري، وقت جي پابندي ۽ اميد جي جذبي کي اهميت ڏيون ٿا، ايترو ئي اهم اسان جي رويي ۽ سوچ ۾ ڳالهائڻ جي قوت آهي. انسان ۽ جانور ۾ فرق فقط ۽ فقط عقل، سمجهہ، ڳالهائڻ ۽ مهذب هئڻ جي وڃ جو آهي، تڏهن ڪيس ” ناطق الحيوان“، يعني ڳالهائيندڙ جانور بہ سڏيو ويو آهي، زبان جي مٺاس جي طاقت سان دشمن کي دوست ڪري سگهجي ٿو.

# شيرين زباني ۽ بدزبانيءَ ۾ فرق

شيرين زباني/بدزباني اسان جي وَس ۽ اختيار ۾ آيل طاقتون آهن. زبان هڪ اهڙي قوت آهي، جنهن کي عقلمندي ۽ مناسب سان استعمال ڪرڻ سان ماڻهو دشمنن کي دوست ڪري ٿو ۽ سندس دنيا جا سڀ ڪم ڪاريون به سولي نموني ٿين ٿا. **”اها ئي زبان آهي جا ماڻهوءَ کي ڪٽ تي ويهاري، اهائي زبان آهي، جا ماڻهوءَ کي پٽ تي ويهاري“**. شيرين زباني انساني شخصيت جي تمام وڏي خوبي آهي. بدزبانيءَ جهڙو ڪو بيو عذاب ڪونهي. جنهن ۾ گارگند، پِٽ پاراتو، کهرو ڳالهائڻ اچي وڃي ٿو. عام طور اسين ڏسنداسين ته اڪثر ماڻهو مزاج ۾ ڪاوڙيلا ۽ بدمزاج هجن ٿا. ڪو به ماڻهو جڏهن ڪاوڙ ڪري ٿو تڏهن سندس عقل ڇڏائجي وڃي ٿو. ڪاوڙ عقل جي قينچي آهي. هلڪي طبيعت جا ماڻهو ٿوري تي چڙي پوندا اهن. جنهن سان سندن شخصيت جو خراب اثر بين تي ٿيندو آهي، پر هُو پاڻ به هر وقت ناخوش لڳندا آهن. شاهه لطيف ڪاوڙ کي وڏو نقصان ڄاڻايو آهي.

نمي کمي نهار تون، ڏمر ڏولائو،
ٿيئي ساجائو، جي ايپين انهين پير تي.

ڪاوڙ خود ڪاوڙ ڪندڙ لاءِ وڏو نقصان ڪٺي ايندي آهي. هڪ ڏاهي ته ايتريقدر چيو آهي ته **”آئون ٿانڊبن تي به هليو آهيان ۽ گرم واريءَ کي به پيرن سان لتاڙيو اٿم، پر مون غصي کان وڏيڪ گرم چيز ڪا به ڪانه ڏٺي“**.

ڪاوڙ جي ابتدا جنون ۽ انتها هميشه پشيماني ٿيندي آهي. انتقام جي قوت هوندي به ڪاوڙ ڪائي وڃڻ افضل ترين عبادت آهي. ڪاوڙ نسوري باهه آهي، جنهن کي روڪڻ جو حڪم قرآن ۽ حديثن ۾ آهي. حديث نبوي آهي ته، **”توهان کي ڪاوڙ اچي ته بيٺل هجو ته ويهي رهو. ويٺل هجو ته ليٽي پئو“**. عام طور تي ڪاوڙ واري کي ٺڏو ڪرڻ لاءِ يڪدم پاڻي پيئاريندا آهن ته سندس دل جي باهه ٺڏي ٿئي. جڏهن ڪو ماڻهو ڪاوڙ ۾ پرجي بدشد ڳالهائي ٿو تڏهن هُو نه نياڻيءَ سياڻيءَ جو حيا رکندو آهي، نه وڏي ننڍي جي ساڃهه. نه ئي سندس ڳالهايل لفظ هُن جو ساٿ ڏيندا آهن. خبر ناهي ڇاجو ڇا هُو چئي

ويندو آهي، جو جوش ۾ هوش تہ هوندو ڪونہ اٿس. چڙ ۾ بيهودن لفظن، غلط ۽ غير معقول جملن سان پيو واڪا ڪندو آهي. هو نہ فقط بيوقوف پر چريو معلوم ٿيندو آهي. انهيءَ وقت ڪيس سامهون ٿيڻ جڻ پنهنجي بيوقوفيءَ جو اعلان ڪرڻ آهي. ڪاوڙ جهالت جي نشاني آهي. چوڻي آهي تہ، ”پٿر پاري ٿو ٽٽي ۽ واري ڳري، پر جاهل جي ڪاوڙ ٻنهي کان ڳري“.

بدزباني ۾ فقط سخت ڪلامي شمار نٿي ٿئي، پر گار گند، فالتو بحث مباحثو تلخي، ڪوڙ، چاپلوسي، منافقت، بيهودگي، بيوقوفي، غيبت، چغلي، زبان درازي، لعنت، ملامت ۽ ٻيون خاميون آهن. حديث پاڪ آهي تہ، **”مومن ڪڏهن بہ طعنا ڏيندڙ، لعنت ڪندڙ، بدگو ۽ زبان دراز نہ ٿيندو آهي“.**

زبان مان نڪتل لفظ ڪمان مان نڪتل تير جيان آهن، جيڪي واپس نٿا اچن. اخلاق جي اها تقاضا آهي تہ هميشہ سوچي سمجهي ڳالهائڻ گهرجي تہ جيئن دليون رنج نہ ٿين. ڳالهائڻ ۾ بيپرواهي کان بچجي. عقلمنديءَ جو اهو بہ تقاضو آهي تہ مناسب، شيرين، نرم ۽ پُراثر نموني ڳالهايو وڃي. لفظن سان گڏلهجي جي نرميءَ جو اثر وڌيڪ اثرائتو هجي ٿو.

”انسان جي قابليت سندس زبان هيٺ لڪيل آهي“. حضرت علي رضہ الله جي انهيءَ قول تي غور ڪبو تہ سئو سيڪڙو سچ لڳندو. انسان امن ۾ تڏهن رهي سگهي ٿو جڏهن گهٽ ڳالهائي، عام طور، گهڻو ڳالهائيندڙ ماڻهو بنا غور ۽ فڪر جي ڳالهائيندو، جنهن ۾ مقصديت گهٽ ۽ غير ضروري ڳالهيون وڌيڪ هونديون آهن. انهيءَ ڪري زبان کي درست نموني ۽ موقعي مطلب مطابق استعمال ڪجي تہ جيئن ذهني پختگي ۽ اخلاقي بلندي پيدا ٿئي. حڪيم لقمان چوي ٿو تہ. . **”جسم جو آرام گهٽ کائڻ تي، نفس جي راحت گهٽ گناهہ ڪرڻ تي، دل جي خوشي گهٽ ڳڻتي ڪرڻ تي ۽ زبان جي راحت ٿوري ڳالهائڻ تي آهي“.**

زبان جي استعمال ۾ نرمي، اثر، شائستگي ۽ اختصار اهم آهن. گهڻو ڳالهائڻ گناهہ جو سبب بنجي ٿو ۽ ان سان دليون، بہ سخت ٿين ٿيون. دانشمندي

خاموشيءَ ۾ گهڻ ڳالهائڻ ۾ آهي. حضرت علي رضي الله جو قول آهي ته، **”عقل جڏهن ڪمال تي پهچي ٿو تڏهن زبان گونگي ٿي وڃي ٿي“**، هتي ”گونگيءَ“ مان مراد ٿورو ڳالهائڻ ۽ گهڻو غور فڪر ڪرڻ ۽ سمجهڻ آهي. ماڻهن سان بي رُخيءَ ۽ رکي منهن ڳالهائڻ جو پڻ مذهب ۾ منع آهي، **”قدرت انسان کي زبان هڪ ڏني آهي ته ڪنَ ٻه ڏنا آهن ته جيئن اسين ٻين سان ڳالهائڻ جي ڀيٽ ۾ ٻه دفعا وڌيڪ ٻڌون“**. نوجوانن کي مٿين قرآني آيتن، حديثن ۽ چوڻين مان اهو بلڪل چڱيءَ ريت معلوم ٿيو هوندو ته سندن زندگيءَ ۾ زبان جي استعمال جي اهميت ڇا آهي؟ جيڪڏهن هو ننڍيءَ عمر کان ئي احسن نموني ڳالهائڻ ۽ اٿڻ ويهڻ سڪندا ته سندن حياتي خوبين جو مجموعو ٿيندي، حاصل مطلب ته شيرين زباني انساني اخلاق جو اهم عملي پهلو آهي، جنهن جو دارومدار ماڻهوءَ جي ماحول، وراثت، تعليم ۽ تربيت تي آهي، پر اها عادت پنهنجو پاڻ ۾ وقت سان گڏ پيدا ڪري، ڪو به ماڻهو بهترين انسان ٿي سگهي ٿو.

سهڻي سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته، **”صبر جن جو سِير، تير نه کُسي تن جو“** صبر جي اعليٰ وصف کي پنهنجو ڪرڻ وارن ۾ سَهپ/برداشت جي قوت وڌي ٿي. هو لالچ، رياڪاري، منافقت، خود غرضي، ڪاوڙ، ڪوڙ ۽ ٻين انيڪ براين کي شڪست ڏئي ٿو. برداشت ڪرڻ ولين ۽ پيغمبرن جي خوبي آهي. هر ماڻهوءَ کي اها صفت مليل نه آهي، پر گهڻا ماڻهو پاڻ ۾ اخلاقي قوتن جي مضبوطيءَ سان اها طاقت پيدا ڪندا آهن. جيڪڏهن سَهپ جي خوبي هر ماڻهوءَ ۾ پيدا ٿي وڃي ته هيءَ قوم هڪ بهترين ترقي يافته قوم ٿي سگهي ٿي. ظاهري طور ته سَهپ لفظ چوڻ سولو آهي ۽ هر ڪو هڪ ٻئي کي نصيحت ڪندو وتندو آهي ته” توهان پاڻ ۾ برداشت پيدا ڪريو. پر ڏٺو وڃي ته چوڻ آسان آهي ۽ عمل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو. برداشت معنيٰ صبر، ۽ صبر وارو ئي شڪر ڪندڙ هوندو آهي شڪر جي نعمت رکندڙن کي جنت جي خوشخبري ڏني وئي آهي. هڪ چوڻي موجب ته، ”سورهيه کان صابر وڌيڪ ۽ شهر فتح ڪندڙ کان اهو ڀلو جو پاڻ جيتي“. ”پاڻ جيتڻ“ يعني پنهنجي نفس تي ضابطو رکڻ. نفس

جو جهاد هڪ اعليٰ قسم جو جهاد شمار ٿيئي ٿو. عبادتون ۽ رياضتون به اهي ڪري سگهندا. جن نفس کي مطيع ڪيو هوندو.

ڪم ڪمندن ڪتيو، هارايو هوڙن،
چڪيو نہ ڇُوَندن، هو جو ساءُ صبر جو.
(يمن ڪلياڻ، 5-8)

شاهہ لطيف سائينءَ جي مٿئين بيت ۾ اها سمجهاڻي آهي تہ جي چپ رهيا، ڪڏهن بہ ترت بدلو نہ ورتائون. جهيڙي ۽ گرميءَ جو جواب جهيڙي سان نہ ڏنائون، زبان تي ضابطو رکيائون، اهي ئي ڪٽندڙ آهن تہ بي صبرا، بدزبان ۽ ڪاوڙ ڪندڙ ۽ وراڻي ڏيندڙ اهي هجن ٿا، جن ڪڏهن ماٺ نعمت جو مزو ئي ڪين چکيو آهي. ڪين خبر ئي ڪانهي تہ مٺي زبان جا ڪيترا فائدا آهن.

# رحمدلي، عظيم پغمبري صفت

**جيڪي منجهہ جهان، سو تايءَ تڳي تنهنجي،**
**لطف جي لطيف چي، تو وٽ ڪمي ڪان،**
**عدل ڇٽان، آنءُ نہ، ڪو ڦيرو ڪڄ فضل جو.**
(2_1، سريراڳ)

رحمدلي، ڪرم، پيار ۽ محبت آفاقي جذبا آهن. خدا پاڪ انساني جبلت ۾ اهي خوبيون قائم رکيون اهن. الله تعاليٰ انهن تي رحم نٿو ڪري، جيڪو مخلوق تي رحم نٿو ڪري، پيار ڪرڻ وارو، مهربان ۽ رحم دل هوندو آهي. رحم دلي هڪ بهترين انساني وصف آهي، جنهن سان دشمن دوست ۽ پراوا پنهنجا ٿي وجن ٿا. معافي يا درگذر ڪان ڪم وٺڻ، سهپ ۽ برداشت جو عملي مظاهرو ڪرڻ سان نہ فقط قلب جو اطمينان حاصل ٿئي ٿو. بلڪ ماڻهو بدلي جي باهہ ۾ سڙڻ ڪان بچي ٿو.

رحمدلي عظيم پيغمبري صفت آهي. جهالت جي دور ۾ خدا پاڪ جو پيارو رسول ﷺ جڏهن سڀ قوت هوندي بہ دشمن معاف ٿو ڪري تڏهن عرب قوم جي سردارن جا مٿا شرم وچان هيٺ ٿا وڃن. پاڻ ڪريم جن هر وقت محبت، پيار ۽ رحم جي هدايت ڪئي ۽ ڄاڻايو اٿن تہ زمين وارن کي تڪليف نہ ڏيو. خدا پاڪ وڏو رحيم ۽ ڪريم آهي پر انسانن جا هڪٻئي تي ڪيل ظلم معاف نہ ڪندو. اسلام ۾ حقوق العباد جي اهميت ڇا آهي؟ ٻين جا حق ڦٻائڻ وارا، زمين تي فساد ڪرڻ وارا ظالم انسان ڪڏهن اهو سوچيندا آهن تہ اسان ڇا ڪري رهيا آهيون؟ خدا پاڪ جو انسان کي ستر مائرن جي محبت ڪان وڌيڪ چاهي ٿو. جنهن جي رحمت ۽ بخشش جي پڪيڙ جو اندازو لڳائڻ ئي انساني وس ڪان مٿي آهي. سو بہ ان انسان تي رحم نٿو ڪري جيڪو دنيا ۾ بي رحميءَ جي هلت ٿو هلي.

رحم دلي، درگذر يا معاف ڪرڻ ۽ بزدلي ۽ بي سمجهيءَ سان معاملي کي ختم ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي. ڪڏهن ڪڏهن معاف ڪرڻ ۾ پنهنجن حقن ۽ فرضن ڪان غفلت بہ ٿي ويندي آهي جا غلط آهي پنهنجي ذات ۽ قوم جي نفي بہ

مذهب جي نفي آهي. دنيا جي هر مذهب رحم جي هدايت ضرور ڪئي آهي. پر گڏوگڏ بُري تي ٻچ کي لازمي قرار ڏنو آهي، جيڪڏهن قاتلن، سفاڪن، ظالمن ۽ بي رحمن کي معاف ڪيو ويندو تہ تاريخ جي ڪنهن موڙ تي ايئن ٿيندو جو چڱايون برائين ۾، نيڪيون بدين ۾ ميسارجي وينديون ۽ قومون فنا ٿي وينديون، انهيءَ ڪري، پنهنجي بچاءُ ۾ غفلت نہ ڪرڻ گهرجي. سوچي سمجهي ڪنهن کي بہ تڪليف ڏيڻ يا طاقت جي نشي ۾ بدلو وٺڻ غلط هلت آهي. باقي مجموعي طور معافي بهترين انتقام آهي. انهيءَ جي لاءِ دل ۾ رحم جو جذبو ئي اهم ذريعو آهي. نيڪ وصفن ۾ محبت ۽ پيار جي سبب ”رحمدلي“ جو جذبو پروان چڙهي ٿو جنهن سان ماڻهوءَ ۾ ٻين جي ڪم اچڻ جي قوت وڌي ٿي ۽ ٻين جي ڪم اهي ايندا آهن، جن جي دل ۾ انسانيت جو درد هجي ٿو ۽ منجهن ”ماڻهپي“ جون خاصيتون اُتم هونديون آهن. محبت جو ضد ”نفرت“ شيطاني صفت آهي. ڪڏهن ڪڏهن محبت حد کان وڌيڪ وڌي بہ نفرت ۾ بدلجي ويندي آهي. گهٽي محبت بہ نقصانڪار آهي. پر وري بہ ايئن چونديس تہ وچولي راهہ اختيار ڪرڻ گهرجي ڪنهن بہ انسان سان نفرت جو سلوڪ نہ ڪجي محبت جي الهاميءَ ۽ آفاقي جذبي سان هن ڌرتيءَ تي انسان ذات جي وجود جي تڪميل آهي. رحم دلي هڪ عظيم پغيمبري صفت ۽ انسانيت جي معراج آهي.

# حسد ۽ ساڙ کان بچڻ گهرجي

حسد ۽ ساڙ کان بچاءُ جهڙي سوچ ۽ عمل سان ماڻهوءَ جي ذات پرسڪون رهي ٿي. حديث مبارڪ آهي ته، **”حسد انسان جي نيڪين کي ايئن ضايع ڪندو آهي، جيئن باهه سڪل ڪاٺين کي ساڙي ڇڏيندي آهي“**(سنن ابودائود- ڪتاب الادب حديث نمبر 4257)

حاسد جو حسد، محسود (جنهن تي حسد ڪيو وڃي) کي ته نقصان ضرور پهچائيندو آهي. پر هُو پاڻ پڻ انهيءَ ساڙ ۽ حسد ۾ سڙڻ سبب ڪڏهن سائو (سکيو ستابو) نه ٿيندو آهي. حسد، امير، غريب، ننڍي، وڏي ڪنهن ۾ به ٿي سگهي ٿو، بلڪه گهڻي ڀاڱي اهو فطرت جو حصو ۽ خانداني عادت پڻ آهي ته بي علمي ۽ بي سمجهيءَ جي نشاني پڻ. ڪيترن ماڻهن جي طبيعت فخر ۽ غرور واري هجي ٿي. حسد ۽ ساڙ جي لعنت پڻ اهڙن ئي وڏائيءَ وارن ۾ پيدا ٿيندي آهي. هُو چاهيندا آهن ته ڪائنات مٿي ڪو به نه هجي. حالانڪه ٻين جي ترقيءَ تي حسد ڪرڻ وارن کي حسد جي بدران انهيءَ مان سبق پرائي خود ترقي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، نيڪ نيتيءَ ۽محنت سان ڪيس به وارو ضرور ملندو. حسد ۽ ڪيني مان ڪجهه به نٿو وري. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته،

هُو چَوَنئي تون مَ چئو، واتان ورائي ويڻ،
سيني سين سَيَدُ چي، مَن ماري ڪَر ميڻُ،
ڪاندِ وَڏائي، ڪيڻ، ڪيني منجهان ڪينَ ٿئي.
(سريمن ڪلياڻ، 8-18)

مٿئين بيت ۾ شاهه صاحب بدزبانيءَ کي ننديو آهي. فرمائين ٿا ته اڳيون جيڪڏهن توکي ڪجهه چوي ته به تون ڪو به وات مان ويڻ (بد لفظ) نه ڪَڍُ. سيني سان سٺي هلت ڪر ۽ پنهنجي اندر کي ماري ميڻ جهڙو نرم ڪر، ڪاوڙ کي گهٽائي ختم ڪري ڇڏ. حسد ۽ ساڙ مان ڪي به ڪين ورنديئي.

هٺ، فخر، غرور، تڪبر، وڏائو مطلب تہ سڀ ناڪاري روين جا نالا آهن، جن مان مراد آهي پاڻ کي مٿي ٻين کي هيٺ سمجهڻ. جنهن جي ڪري لاڳيتو ساڙ ۾ رهڻ ۾ ذهن ۽ دل جون پاڪايون ۽ خوبصورتيون ختم ٿي ٿيون وڃن. حسد جو جذبو آهي تہ ناڪاري، پر جيڪڏهن انهيءَ جو ڪجھ حصو انسان ۾ هجي ٿو، جيڪو هو مثبت ڪمن لاءِ دل ۾ رکي ٿو تہ اهو ڪجھ حالتن ۾ فائديمند پڻ ٿئي ٿو، جنهن ۾ علم جي چاھ لاءِ ريس، ڪنهن جي عبادت، خير خيرات، صفائي، سترائي نرمي، خوش اخلاقي، سخاوت ۽ ٻين خوبين سان ريس ڪرڻ، جيڪو حسد جي بجاءِ ريس ۽ برابري ڪرڻ جي ڪوشش ۾ شمار ٿيندو. حسد جي وضاحت هِن حديث مان صاف ظاهر ٿئي ٿي. خدا پاڪ جو رسول فرمائي ٿو تہ، **”خدا جي ويجهو سڀ کان وڏيڪ حسد، ان شخص جي دل ۾ آهي، جيڪو نهايت جهڳڙا جهيڙا ۽ (نفرت ويهاريندڙ) بحث مباحثا ڪندو وتي“** ۽ اهو بہ فرمايل آهي تہ ”حسد ۽ ايمان گڏ رهي نٿا سگهن“. غرور ۽ تڪبر خودپسنديءَ جي نشاني آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي پنهنجو پاڻ ڪانسواءِ ڪجھ بہ نظر نہ اچي. خود پسند ماڻهو هميشہ هر موقعي محل تي پاڻ کي مٿي ڪرڻ پسند ڪندا آهن ۽ هُو چاهيندا آهن تہ هر ڪو کين واکاڻي. ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ، **”غرور، حرص ۽ خودپسنديءَ جي حالتن ۾ خدا کان ڊڄو ۽ ڪاوڙ ٿوري دير لاءِ پر غرور ۽ فخر هميشہ لاءِ چرپائپ آهي“**. هٺ ۽ فخر گهٽين براين جو بنياد آهي. حضرت لقمان جو قول آهي تہ، **” ماڻهوءَ ۾ هٺ جاڳيو تہ اول اول پنهنجي پالڻهار کان منهن موڙيندو. هٺ ۽ فخر سڀ گناهن جو بنياد آهي ۽ اهو آخرڪار ماڻهوءَ جي ستياناس ڪندو“** ۽ اهو بہ چيل آهي تہ، **”غرور ستر سالن جي عبادت کي ضايع ڪري ڇڏي ٿو“**. فخر ۽ غرور کان خود کي بچائي نياز ۽ نئڙت کي پنهنجو ڪرڻ سان ٻين جي دلين ۾ محبت پيدا ٿيندي.

# سماج جا تهذيبي ۽ ثقافتي قدر

هر ملڪ ۽ قوم جي سماجن جي الڳ تهذيب ۽ ثقافت هوندي آهي، جنهن مطابق سندن اخلاق ۽ ڪردار مڪمل ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري اچو ته ڏسون ته ”تهذيبي ۽ ثقافتي قدر“ ڇا آهن؟ لفظ ”تهذيب“ جي تفصيلي معنيٰ جي بدران شاگردن جي سمجهاڻيءَ لاءِ ايترو چونديس ته ”هذب“ مان نڪتل هن لفظ جي معنيٰ سڌريل هئڻ جي آهي ۽ **”ثقافت، لفظ جي به تمام وسيع معنيٰ آهي. پر هتي مختصر طور اها وضاحت ڪجي ٿي ته ”ثقافت انسان جي شخصي توڙي اجتماعي، ذهني توڙي جسماني عمل جو اهو جملي ثمر آهي جنهن سان زندگي آسان، پاڪيزه ۽ بهتر بنجي، جنهن جي روحاني ۽ مادي خزانن ۾ لباس، آرائش، صنعت، زراعت، هنر، تعميرات، رسمون رواج، علم ادب، موسيقي، مصوري وغيره شامل آهن“.** مختلف تهذيبن جا بنياد مختلف اصولن تي ٻڌل آهن. پر مقصد سڀني جو هڪجهڙو آهي. يعني انسانذات جي ڀلائي ۽ ترقي، جنهن جي ذريعي سماجي زندگين جي معيار ۾ آهستي آهستي هر وقت ۽ هر روز ترقي ٿيندي رهندي آهي ۽ اها ترقي نه بيهندڙ آهي، ڇو جو زمانو صدين کان تبديلي پسند ۽ جدت پسند رهيو آهي. صديون اڳي جيڪي ملڪن ۽ قومن جون حالتون هيون، سي اڄ نه آهن ۽ ايندڙ چند صدين کان پوءِ دنيا جي ترقي ان کان به وڌيڪ هوندي، انهيءَ تيز رفتار ترقيءَ انسان جي زندگيءَ جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ سوچ ۾ وڏيون تبديليون آنديون آهن. اهو غور جو مقام آهي ته وڻن جي پنن ۽ جانورن جي کلن سان پنهنجي اوگهڙ ڍڪيندڙ انسان اڄ خلائن ۾ نه فقط پهتو آهي، پر چنڊ تائين به سندس قدم پُڳا آهن.

**انسان کي الله ڏني آهي فضيلت،**
**تسخير قمر ۾ به ڪا موليٰ جي مشيت،**
**تحقيق جي آئيني ۾، جي گهوري ڏٺوسين،**
**ٿي وهم ويو وهم، حقيقت ٿي حقيقت.**

اڄ جو انسان گهڻ ماڙ عمارتن جو ناهيندڙ ۽ نت نين ايجادن جو مالڪ آهي. **هُو تهذيب يافته ۽ سڌريل ٿو سڏجي. ظاهري طرح ته هن پنهنجي حياتيءَ لاءِ**

**سئو سهوليتون پيدا ڪيون آهن پر ڏٺو وڃي تہ هُن پنهنجي لاءِ انيڪ مشڪلاتون پڻ پيدا ڪيون آهن. مهذب ۽ ترقي يافتہ تهذيب جي حوالي سان جيڪڏهن اسين هن سماج ۾ آيل اخلاقي ڪمزورين ۽ پنهنجي ثقافتي ۽ تهذيبي قدرن ڪي ڏسنداسين تہ اسان ڪي ڪافي فرق ڏسڻ ۾ ايندا.** حقيقت ۾ موجوده وقت ۾ اهو فڪر جو مقام آهي تہ اسين غور ڪريون تہ اسان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون؟ علامہ اقبال چوي ٿو تہ **"فڪر کان محروم قومون تباهہ ٿي وينديون آهن"** غور ۽ فڪر ئي اها طاقت آهي. جنهن سان اسين پوريءَ ڪائنات تي سوچ ڪري چڱائي. برائي، خير ۽ شر، سونهن ۽ ڪوجهائي، مذهب ۽ اخلاق، فن ۽ آرٽ ۽ ٻين شين جي پرک ڪري سگهون ٿا. **معنيٰ تہ دنيا جون تهذيبون ۽ انهن ۾ وڌندڙ ثقافتون ۽ متجندڙ انساني اخلاقيات جا ماپا ڪي هڪ ڏينهن ۾ مقرر ڪونہ ٿيا آهن ۽ اهو ڪو هڪ ڏينهن ۽ پَلَ جو جادو ڪونهي، پر اهو صدين جي ارتقا جو عمل آهي، جنهن ۾ فقط ۽ فقط "صالح عمل" کي دائمي حيثيت مليل آهي.**

تهذيب ۽ ثقافت ۾ تبديلي آهستي آهستي ٿير ڦار اَڻيندڙ قانونن، رسمن رواجن ۽ ماڻهن جي گڏيل معاملن سان ايندي آهي. پاڪستان اسلامي ملڪ آهي، جنهن جي هر هڪ صوبي کي پنهنجي مڪمل سڃاڻپ، تهذيبي ۽ ثقافتي قدر آهن. هر علائقي کي پنهنجو لوڪ ادب، روايتون، ريتون رسمون ۽ رواج آهن تہ گڏيل طور سڄي پاڪستاني قوم جو اسلام جي حوالي سان **"مسلمان"** هئڻ سڃاڻپ آهي ۽اسين اسلام جي نالي تي حاصل ڪيل هن آزاد اسلامي رياست ۾ خودمختياريءَ سان پنهنجي حياتي گذاري رهيا آهيون. جتي اسان جي لاءِ ديني توڙي دنياوي علم جا رستا کليل آهن، مٿي ڄاڻايل انساني اخلاقي خوبين جو مجموعو علم آهي ۽ علم ئي اها طاقت آهي جنهن سان انسان سينگارجي ماڻهپو حاصل ڪري ٿو. علم تاحيات عمل **"Life ending process"** آهي، جنهن جي لاءِ هر ملڪ پنهنجي پنهنجي تهذيب، تمدن، معاشي وسيلن، ضرورتن، نظرين ۽ مذهب مطابق حڪمت عملي ناهي ٿو. انهيءَ علم ۽ ادب جي عام ٿيڻ وسيلي هر قوم ۽ ملڪ جا تهذيبي ۽ ثقافتي قدر دائمي صورت اختيار ڪندا آهن.

# ”روحانيت“، اخلاقي قدرن جو اعليٰ درجو

روحانيت عبادتن ۽ رياضتن کان وڌيڪ اندر جي پاڪائي ۽ ضمير جو آواز آهي. اخلاقي طور روحانيت سان چڱو فڪر پيدا ٿئي ٿو ۽ صالح عمل وڌي ٿو. علامہ اقبال صاحب چوي ٿو تہ **”اسان وسيلن ۽ ذريعن يعني عبادتن ۽ ارڪانن کي اهميت ڏني آهي، پر مقصدِ اعليٰ کان منهن موڙيو آهي“.**

هتي شاعرِ مشرق جو مقصد انسان جي تخليق جي بنيادي سبب يعني ڪائنات جي مطالعي کي اهميت ڏيڻ جو آهي. حقيقت ۾ انهيءَ سان ئي روحانيت جو درجو وڌندو ۽ مذهب جو مطلب مڪمل ٿيندو. **اخلاقيات جو فلسفو ۽ عمل انساني ڪردار ۽ چڱائيءَ جي چئوگرد گهمي ٿو.**

“Ethics is a moral philosophy which deals with moral values and theories of conduct and goodness”.

”goodness“ يعني نيڪيءَ ۽ چڱائيءَ جي قوت جي سڃاڻپ اها آهي تہ اهو ڪم جنهن کي ڪرڻ کان پوءِ ضمير ۽ روح مطمئن هجن. هڪ پل بہ پڇتاءَ جو احساس نہ ٿئي.

انسان هن زمين تي ڪائنات جي باشعور ۽ جوابدار هستي آهي. ڪيس ئي خبر آهي تہ موجوده وقت هُو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟ دنيا ۾ هو نمايان حيثيت رکي ٿو ۽ پنهنجي ذهانت ۽ محنت سان نين نين ايجادن کي دنيا ۾ آڻي ٿو ۽ سندس ترقي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ ۽ حيران ڪُن آهن تہ ٻئي طرف هو تمام هيٺانهين طرف وڃي رهيو آهي. ذليل ۽ پست خيالن ۾ مبتلا آهي. پنهنجي رب طرفان مليل ”شرف“ ۽ لقب جي انحرافي ڪري رهيو آهي، سندس اخلاقي ڪمزورين ۽ قانونن ٽوڙڻ سبب هو زوال پذير آهي، جنهن جو حل آهي ” علم جي حڪومت“ پر اُهو علم جو ماديت کان وڌيڪ ”روحانيت“ جي ترقيءَ ۾ وڌو ساٿ ڏئي. جنهن سان خودشناسيءَ جي ڄاڻ پوي ۽ ماڻهو نيڪ نيت ۽ نيڪ دل ٿئي ۽ مڪمل طور ڪيس هڪ رب ۾ يقين قائم هجي. ۽ ڪيس اهو بہ يقين هجي تہ موت اَوَس اچڻو آهي ۽ موت جو ڪارائتو هجڻ

انهيءَ صورت ۾ ممڪن آهي، جڏهن حياتيءَ کي ڪارگر ڪتيو وڃي ۽ اهو فقط نيڪ عمل ۽ نيڪ نيتن سان ٿي سگهي ٿو. هيءَ دنيا فاني آهي، پر چڱن جون چڱايون لافاني آهن ۽ چڱائيءَ جو معيار ذات پات ۽ حسب نسب تي ڪانهي، بلڪ اهو اندر جو اخلاق آهي، هتي ته **"جيڪو وهي سو لهي"**.

سو علم ۽ عمل ۾ مضبوط ٿيڻ سان اخلاق جي عمارت روحاني ۽ عملي طور مضبوط ٿيندي. ٿيو ايئن آهي ته اسان وٽ نماز پڙهي وڃي ٿي، پر ان جي روح کي نٿو سمجهيو وڃي. نماز پڙهڻ مهل ان جي معنىٰ تي غور ۽ فڪر، خشوع ۽ توجهه سان پڙهڻ تي ڌيان نٿو ڏنو وڃي ته ساڳيءَ ريت مذهب جي بين رڪنن، نماز، روزي، زڪوات ۽ حج جي اصل مقصد ۽ روح کان ڪيترا ماڻهو بي خبر آهن ۽ جيڪڏهن دنياوي علم آهي ته ان ۾ فقط ڪاغذي ڊگريون ۽ نوڪري حاصل ڪرڻ جو پروانو سمجهي علم حاصل ڪيو ٿو وڃي. حالانڪ ان جي مقصديت تي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. اخلاقي تعليم ۽ روحانيت جي پڪيڙڻ سان اسين نه فقط پنهنجي قوم ۽ ملڪ ۾ پر، پوريءَ دنيا ۾ پڻ مانائتا ٿي سگهون ٿا.

ڏٺو وڃي ته اڄ انسانذات جديد ترقيءَ جي اثر هيٺ دٻيل آهي، سندس روح رڙيون ٿو ڪري پر ڪير آئيندي جو ڪوبه اونو ڪونهي، هُو اندر جي آواز کي دٻائيندو مَنِ ماني ڪندو اڳيان وڌندو ٿو رهي. حالانڪ تقدير سندس ئي هٿن ۾ آهي، هو دائمي حاصلات کان غافل ۽ اڻ ڄاڻ ٿيندو پيو وڃي. اڄ ڪيترائي ملڪ هڪ ٻئي جون سرحدون ڦٻائڻ، نيوڪليئر توانائيءَ جي ذخيرن کي وڌائڻ ۽ طاقتور ٿيڻ جي شوق ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽي وڃڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. مهلڪ ۽ موتمار هٿيارن جي ڊوڙ ۾ تيز تر ڊوڙي رهيا آهن. توانائين جي استعمال تي لاڳو قائدا قانون انسانيت جي قتل کي روڪڻ ۾ ناڪام ٿيندا نظر پيا اچن. پوريءَ دنيا جي آباديءَ جي واڌاري سبب مهانگائيءَ کي منهن ڏيڻ مشڪل ٿي پيو آهي، گهُٽ ۽ ٻوسٽ جو راڄ آهي. انهيءَ سڄيءَ تڪليف ۽ مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ فقط هڪ ئي حل آهي. اهو آهي ايندڙ نسل جي اخلاقي مذهبي ۽ علمي طور اعلىٰ تربيت ٿئي ته جيئن هو روحاني

طور مضبوط ٿين. اهو مسئلو نه فقط غور جوڳو آهي، پر گهڻي دلي جذبي سان انهيءَ تي عملي اپاءَ وٺڻ گهرجن. ڇو ته جڏهن انسانيت ليڪو لتاڙي بدامني ۽ بداخلاقيءَ جون حدون پار ڪندي آهي، تڏهن مٿس الاهي ڏمر سان مصيبتون ۽ آفتون نازل ٿينديون آهن.

ڪنور انسان اهو نٿو سوچي ته اهو وقت ڪڏهن به ڪنهن به وقت ۾ ڪيڏيءَ مهل مٿس اچي سگهي ٿو. جزا سزا ۽ قيامت جو ڏينهن بلڪل موجود آهي، پر اهو به ڏنو ويو آهي ته آخرت کان اڳ بداخلاقين ۽ برائين جي سزا هِن دنيا ۾ پڻ ملي ٿي. اڄ جي غير محفوظ دور ۾ اسين جوهري هٿيارن سان ته ڀلي ليس آهيون، پر اخلاقي طور چامڙا آهيون. ڪو وقت هو جو ماڻهو جهنگلي جانورن، جنن ۽ ڀوتن کان ڊڄندو هو. پر اڄ جو ماڻهو ته ماڻهوءَ کان ٿو ڪنبي ۽ لرزي، استاد بخاريءَ چواڻيءَ ته،

**هن دور ۾ کهڙو رهيو حيوان جو ڊپ،**
**ڪنهن جِنَ، مَلَڪَ، ديو ۽ شيطانَ جو ڊپ،**
**الله کان انسان نه ٿو پيو لرزي،**
**انسان کي ڪائي ويو انسان جو ڊَپ.**

دنيا جي اهڙين ڏکين حالتن ۾ اچو ته اسان اهڙي حڪمت عملي تيار ڪريون، جنهن ۾ محبت جو ڦهلاءُ ۽ امن جي ترغيب هجي. ويڇن لاءِ ڏڪار ۽ ڏاڍائيءَ ۽ افراتفريءَ خلاف سڏ هجي. اچو ته سڀ گڏجي انساني بنيادي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪريون. سڀني انسانن کي برابر سمجهون. حقن جي ڇڪڻ کان اڳ پنهنجي فرضن جي پورائيءَ تي توجهه ڏيون.

**سوين منزلن وارين عمارتون ڪڙيون ڪرڻ سان اسين آسمانن جي بلندين کي ڇُهي نه سگهنداسين، بلڪ آسمانن جي وسعتن ۾ اسان جي جڳهه تڏهن پيدا ٿيندي، جڏهن اسين هن زمين جي ذري ذري سان پيار ڪنداسين. هن ڌرتيءَ تي اسان جي حياتي رب جي ڏنل امانت آهي، جيڪا هو پنهنجي مرضيءَ ۽ مختياريءَ سان ڪڏهن به واپس ڪٺي سگهي ٿو. پوءِ جڏهن اسان کي خود جي حياتيءَ جي هڪ پَلَ جي به پڪ ڪونهي، ته هيڏا نٽ ٽانگر ڇو؟ هيڏيون**

**ڪلفتون ۽ ويڇا ڇو؟ هيترين بي حيائين ۽ بداخلاقين ڇو؟ فقط ۽ فقط ان ڪري جو اسين علمي ۽ روحاني طور مضبوط نہ آهيون.** جهالت جو انڌيرو، مايوسي، برائي، نيستي، ناڪامي ۽ نامرادي آهي. علم جي روشني اندر جو سوجهرو ۽ نور آهي. هتي علم مان مراد فقط ڪاغذي ڊگريون ڪونهي، بلڪ باقاعده طور شعور، سمجهہ، ايمانداري ۽ حب الوطني آهي. اهڙو علم جنهن ۾ هر ننڍو يا وڏو شخصي فائدي ڪان قومي فائدي کي اهميت ڏيندڙ هجي. اهڙو علم، جيڪو خدا جي معرفت جو ذريعو هجي. اهڙو علم جو انساني اخلاق جو بنياد ۽ روحانيت جي اعليٰ درجي جو پورائو ڪري.

# علم ڇا آهي؟

**علم ڇا آهي؟ موجوده وقت پاڪستان ۾ تعليم جو معيار ڪهڙو آهي؟ ايندڙ نسل جي تعليم ۽ تربيت ۾ والدين، استادن ۽ خود شاگردن جي ڪهڙي جوابداري آهي؟ ڇا سان وٽ علم حاصل ڪرڻ يا تعليم يافته ٿيڻ جا اهي قدر آهن، جيڪي اڳئين وقت ۾ هئا؟ يا اسان جا وڏا اسان کان صحيح معنيٰ ۾ تعليم يافته هئا ۽ اسين فقط ڊگري هولڊر آهيون. اچو ته اها ڇنڊ ڇاڻ ڪريون ته تعليم جو مقصد ۽ اڄ جي نسل وٽ انهيءَ مقصد جي اهميت ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جا ڪهڙا اپاءَ آهن؟ ڪتابن مان ڪهڙا فائدا آهن؟ ۽ معياري مطالعو ڪهڙيءَ ريت شخصيت کي اُجاري انساني اخلاقي قدرن جي واڌاري جو باعث بڻجي ٿو.** علم جي فضيلت قرآن پاڪ جي پهرين لفظ ”اقرا“ يعني ”پڙهه“ مان صاف ظاهر آهي ۽ خدا پاڪ جي موڪليل آخري رسول ڪيترن هنڌن تي علم جي اهميت ۽ فضيلت ڄاڻائي آهي. فرمائين ٿا ته، **”علم عبادت کان افضل آهي“** (حديث پاڪ)

علم انساني آزادي ۽ پيار جو واحد سرچشمو آهي، جنهن مان عالم ۽ علم حاصل ڪندڙ مستقبل جا پانڌيئڙا فيضياب ته ٿيندا آهن، پر پوري سماج ۾ نور جي سوجهري جيان علم جي بدولت روشني ٿيندي آهي. موجوده تعليم جي معيار جي جڏهن ڳالهه ڪريون ٿا ته هڪ نظر اسان کي پويان ڏسڻو به ضروري پوندو. انگريز دور کان اڳ اسان وٽ عربي، فارسي ۽ ٻيون علائقائي ٻوليون هلندڙ هيون، جن ۾ مختلف فنن ۽ علمن جي ڄاڻ شاگردن کي ڏني ويندي هئي.

موجوده تعليم جي نظريي ۽ ان جي اصولن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي جديد تعليم جو سرشتو سمجهڻو پوندو. جيڪو هن نئين دور جي پيداوار آهي. انگريزن جي دور کان ئي انگريزي تعليم اسان وٽ رائج ٿي آهي. انهيءَ نئين تعليمي سلسلي ۾ انگريزي ٻوليءَ جي اهميت اُتم آهي، انهيءَ کانپوءِ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جا مضمون آهن ته گڏوگڏ شاگردن کي اردو، سنڌي، اسلاميات، تاريخ، جاگرافي ۽ ٻيا مضمون پڙهايا وڃن ٿا، جيڪي سڀ

پنهنجي پنهنجي طور تي اهم آهن. پر پوءِ بہ ڏنو وڃي تہ اڄ اسان تعليم جي معيار کي انهيءَ بلنديءَ تائين پهچائي نہ سگهيا آهيون. جتي ان کي هئڻ کپي. آخر انهيءَ جو ڪهڙو سبب آهي؟ حقيقت ۾ تہ انهيءَ مسئلي جي هئڻ جا ڪيترائي سبب آهن، پر مختصر طور ايئن چوندا سين تہ آزادي حاصل ڪرڻ کانپوءِ بہ پاڪستان جي تاريخ ۾ سياسي بيچيني ۽ غير موافق علمي حالتون رهيون آهن، جن جو اثر نئين نسل تي پيو آهي. نہ فقط علمي طور پر سندن تربيت ۾ پڻ اسان کان ڪوتاهيون ٿيون آهن. **تعليم ۽ تربيت بہ الڳ لفظ هوندي بہ هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. تعليم بغير تربيت ۽ تربيت بغير تعليم اڌوري آهي. اڄ تعليمي نظام جي تبديليءَ جي اشد ضرورت آهي. پراڻا نصابي ڪتاب، ناقص امتحاني سرشتو، استادن ۽ شاگردن جي وچ ۾ ويڇا، والدين جو اولاد سان رويو، مهانگائي ۽ ٻيا مسئلا گڏجي هن نظام کي متاثر ڪري رهيا آهن.** اسان جي وڏن تمام مشڪل حالتن ۾ علم حاصل ڪيو. هو علم جا مينار هئا. اسان جي نئين نسل کي اڄ علم جي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيڪ سهولتون ميسر آهن. قدرت کين اعليٰ ۽ روشن دماغ عطا ڪيا آهن، سو انشاءَ الله هو ضرور اڳيان ايندا ۽ اڃي رهيا آهن. پر اها بہ حقيقت آهي تہ هيءُ مقابلي جو دور آهي. ڪالهہ ملڪ جي آبادي ايتري نہ هُئي جيتري اڄ آهي. موجوده وقت جي شاگرد کي، نرسري ڪلاس کان پوسٽ گريجوئيشن تائين وڏين مشڪل حالتن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي. تہ بہ هو محنت ڪري رهيو آهي. اهڙين ڏکين حالتن ۾ پنهنجي ايندڙ نسل جي حوصلي ۽ همٿ لاءِ ۽ کين غلط رستي کان بچائڻ لاءِ، مائيٽن ۽ استادن کي گهُرجي تہ هُو کين سهڻي نموني سان همٿائين ۽ سندن مڪمل طور مدد ڪن. پنهنجي قابليت ۽ تجربي جي قوت جي بنياد تي ايندڙ نسل کي عقلمنديءَ سان پنهنجي ويجهو ڪن. انساني عقل الاهي تحفو آهي. عقل ۽ علم جي ميلاپ سان عملي قوت پيدا ٿئي ٿي ۽ انهن ٻنهي جي گڏجڻ سان ڪاميابي حاصل ٿيڻ ناممڪن نہ آهي. انهيءَ ڪري حياتيءَ ۾ اصل ڪمال عقل سان علم ۽ عمل کي جمع ڪرڻ آهي. حضرت علي رضي الله جو قول آهي تہ **”اي نوجوانو! ادب جي ذريعي پنهنجي عزت ۽ علم جي ذريعي پنهنجي دين جي حفاظت ڪريو“.**

انساني ترقيءَ جو راز لڳاتار عمل ۾ وري وري عمل ڪرڻ ۾ لڪيل آهي ڪم ڪرڻ سان غلطي ۾ غلطيءَ سان تجربو ۾ تجربي سان عقل ايندو آهي هڪ عالم جي چوڻ مطابق ته، "**بلند مرتبو حاصل ڪرڻ لاءِ فڪرمند نه ٿيءُ البت صحيح ڪم ڪرڻ جو فڪر ڪر. انهيءَ تي به پريشان نه ٿي ته ڪو توکي سڃاڻي ڪونه ٿو پر پاڻ کي لائق بنائڻ جي جستجو ۾ لڳو رهه**".

حقيقت ۾ اها ئي تعليم جي مقصديت آهي. جيستائين علم جي مقصد يعني "ڄاڻ" کي وڏائڻ جي سگهه پاڻ ۾ پيدا ڪونه ڪبي، تيستائين ماڻهو اهو مرتبو حاصل نه ڪري سگهندو. جيڪا هن جي خواهش هوندي يا جيڪو کيس ڪو باعزت مقام عطا ڪري ۾ اهڙي اعليٰ رتبي ۾ منصب کي حاصل ڪرڻ لاءِ نئيپڻ کان ئي ٻار جي صحيح تعليم ۾ تربيت تي توجهه ڏيڻ ضروري آهي. قديم يونان جو ڏاهو فلسفي، ارسطو (ارسطاطاليس) ننڍپڻ جي علم جي اهميت تي لکي ٿو ته، "**جو شخص علم حاصل ڪرڻ ۾ ننڍپڻ جا ٿورا ورهيه خرچ نٿو ڪري، ان کي سڄي عمر جي جهل جون سختيون برداشت ڪرڻيون پون ٿيون**".

اهو علم ۾ عقل ئي آهي، جنهن جي ڪري انسان کي "اشرف المخلوقات" جو لقب مليو ۾ هُو ڪماليت جي انتهائي درجي تي پهتو ۾ اهو علم ئي آهي جنهن جي وسيلي ماڻهو فراخ دل ۾ روشن خيال ٿو ٿئي ۾ ان جي ٿورائي جهالت سان گڏ ذهني تعصب ٿي پيدا ڪري. **اڄ اسان جي دنيا ته علم جي دنيا آهي، پر اسين ڏاهپ کان محروم آهيون. اسين علم ۾ امن کان وڌيڪ جنگ جو علم ڄاڻون ٿا.** سچو علم اهو آهي، جنهن مان ماڻهو پنهنجي پاڻ کي سڃاڻي ۾ انسان کي پنهنجي منزل مقصود جي ڄاڻ پوي، علامه آءِ آءِ قاضيءَ چواڻي ته" هيءُ سڄاڳيءَ جو زمانو آهي"، اڳي چوندا هئا ته "**تن درست ته من درست**"، پر هاڻي چون ٿا ته "**من درست ته تن درست**" سو صحيح حاصل ڪيل علم مان ئي سُٺا انسان اسان اڳيان ايندا".

**صدين ۾ ٿيو به هڪڙو ديده ور پيدا ته ڇا ٿي پيو؟**
**اسان جي ڏيهه کي، ذهن هزارن جي ضرورت آ.**

**نوان سقراط، افلاطون پيو استاد پيدا ڪر،**
**زماني کي نڪورن شاهڪارن جي ضرورت آ.**
(استاد بخاري)

ملڪ ۽ قوم ۾ سڌارو تڏهن ايندو جڏهن علم جي نور کي عام ڪيو ويندو. علم کي خرچ ڪرڻ سان ئي علم وڌي ٿو ۽ علم زندگيءَ جي علامت ۽ ان جي دلڪشي سيني انسانن جي گڏيل ميراث آهي. نہ ان جي ڪا حد مقرر آهي ۽ نہ ئي اها ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي جاگير آهي. علم وارو سنڌ ۾ سالم تہ عالم جي اعليٰ مقام تائين پهتل هجي ٿو علم لاءِ دين ۾ دُعائون گهرڻ ۽ عمل ڪرڻ جي تلقين ڪيل آهي.

علم عمل کان سواءِ بيڪار آهي ۽ عمل کي هٿي ڏيڻ ۾ وري ڪارگر قوت مطالعي جي آهي. مطالعو صرف پڙهڻ جو نالو نہ آهي، پر سمجهڻ، پرکڻ، پروڙڻ ۽ عمل جو نالو آهي، دنيا جي وڏن وڏن ماڻهن مطالعي جي قوت سان پنهنجي عزت ۽ شان، عقل ۽ سمجهہ، علم ۽ عمل ۾ نہ فقط واڌارو ڪيو، پر سندن ذات مان پڻ ڪيترائي ماڻهو فيضياب ٿيا. چوندا آهن تہ **"پڙهڻ آهي رُڪ جا چڻا چبڻ"** سو پڙهڻ لکڻ تمام محنت جو ڪم آهي. ان جي اهميت ۽ ڄاڻ پڻ انهن ڪامياب ماڻهن کي آهي، جن اهي محنتون ڪيون. دنيا ترقي پسند ۽ عملي تبديليءَ جي آهي. مٿي بہ شاگردن کي آئون اهو ڄاڻائي آئي آهيان تہ اڄ جيڪي دنيا جون حالتون آهن، سي ڪالهہ ڪونہ هيون ۽ سڀاڻي جيڪي تبديليون اينديون. اهي اسان جي اڄ واري دنيا کان مختلف هونديون، هيءَ دنيا بلڪل عملي ڪار گذاري آهي ۽ ماڻهوءَ جو اعتبار لفظن ۾ نہ، پر عمل ۾ قائم ٿيندو آهي. هر عمدو ڪم پهرين شروع ۾ ناممڪن ڏسڻ ۾ ايندو آهي پر ڪم ۾ گهڙڻ ۽ محنت ڪرڻ سان اهو آسان ٿي وڃي ٿو. سو شاگردن لاءِ اها ڳالهہ اهم آهي تہ هو ڄاڻ حاصل ڪري ان تي عمل ڪن. علم ڏيڻ، پکيڙڻ، وڌائڻ ۽ ويجهائڻ لاءِ آهي. شاگرد ۽ استاد جهاد جي رتبي تي آهن. جهڙيءَ ريت شاگرد جي لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ محنت ۽ استاد جي عزت، علم تي توجهہ ڏيڻ ضروري آهي، تهڙيءَ ئي ريت عالم ۽ استاد لاءِ علم ڏيڻ جو شوق، پنهنجي شاگردن سان محبت ۽ خدمت جو جذبو اهم آهي.

جنهن ۾ ڪنهن به ريت غرور ۽ فخر ڪي جاءِ حاصل ڪونهي، امام غزاليءَ موجب ته، **”علم وارو ماڻهو جڏهن پاڻ کي ”پڙهيل“ سمجهندو آهي، تڏهن ايئن پائيندو آهي ته ”اڻپڙهيل“ جانورن وانگر آهن. انهيءَ ڪري تڪبر مٿس حاوي ٿي ويندو آهي. تڪبر جي غالب پوڻ جي نشاني هيءَ آهي جو مُتڪبر علم وارو عوام مان خدمت، ادب، مانَ ۽ وڏائي ملڻ جي اميد رکندو آهي“.**

انساني شخصيت جي سڌرڻ ۽ ڪامل ٿيڻ ۾ سٺي ۽ معياري مطالعي جو وڏو حصو آهي، مطالعو ڪتابي هجي يا ڪائناتي، سمجهه، ساڃاهه، ادراڪ ۽ شعور سان گڏ انسان کي مڪمل بنائڻ جو وسيلو آهي. پر هتي آئون ڪتابي مطالعي جو ذڪر ڪنديس، خاص طور ادب جي وسيلي شاگردن جي لاءِ معياري مطالعي جو ذڪر ڪنديس، ادب جي اهميت وڌائڻ لاءِ اڄ جي موثر ذريعي يعني ميڊيا معرفت مهم هلائي وڃي ته جيئن ادب جي افاديت ۽ اهميت هن ڪمپيوٽر دور ۾ پڻ زور شور سان قائم رهي. جيستائين چڱو ادب ڇپبو رهبو. تيستائين انسانيت جو مستقبل اونداهو نه رهندو. سو سهل پسنديءَ مان ٻارن کي ڪڍي، زندگيءَ جي حاصلات جو معيار مطالعي ۽ محنت کي مقرر ڪرڻ گهرجي.

# علم لازوال دولت آهي

ربِ العالمين ڪائنات تخليق ڪرڻ ڪانپوءِ انسان ذات کي پنهنجي پياري مخلوق ڪري پيدا ڪيو ۽ کين علم، شعور ۽ سمجهه جو علمبردار ڪيو. ان ڪري ئي الله تعاليٰ مٺي محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن کي پهريون لفظ ”اقراءَ“ يعني ”پڙهہ“ سيکاريو.

ترجمو: ”پڙهہ پنهنجي رب جي نالي سان جنهن انسان کي خلقيو ۽ خلقيو انسان کي رت جي دڳ مان ۽ پڙهہ پنهنجي رب جي نالي سان جيڪو پاڪ آ جنهن علم سيکاريو قلم سان“. رب پاڪ علم ۽ قلم جو ساٿ واضح بيان ڪيو آهي ۽ انسان کي هدايت ڪئي آهي تہ علم حاصل ڪر. پاڻ ڪريم جن کان ڪنهن پڇيو تہ **”علم وڏيڪ آهي يا دولت؟“** فرمايائون ” **علم**“، علم اها چاڻ آهي جنهن جو درجو بلند آهي ۽ هيءُ پيغمبري ورثو آهي. حضرت علي رضہ فرمائين ٿا. **”دولت جي اوهين حفاظت ڪريو ٿا ۽ علم اوهان جي حفاظت ڪري ٿو“** علم نہ چورائجي ٿو سگهجي نہ ئي استعمال سان گهٽجي ٿو. جيئن تہ انسان حيوان ناطق آهي پر ڪيس صرف سمجهہ ۽ عقل جي ڪري اشرف المخلوقات جو درجو مليو آهي، علم انسان کي شعور ڏيئي سندس لاءِ بهتر هٿيار ٿي ويو. علم عطا ٿيڻ وڏي نعمت آهي هيءُ نعمت ڪيس فرش کان عرش تي پهچائي ٿي. علم لاءِ سفر ڪرڻ عبادت ۽ علم لاءِ دعا گهرڻ ثواب آهي.

حديث پاڪ آهي تہ **”علم حاصل ڪرڻ وارو شاگرد مجاهد آهي هو علم جي لاءِ جيڪي ڪوششون عمل ۾ آڻي ٿو انهن جو درجو جهاد جي برابر آهي“** علم ۽ چاڻ جي اٿاهہ سمنڊ کي حاصل ڪرڻ لاءِ همت، محنت ۽ جدوجهد لازم آهي. وقت جو قدر بہ سيني کان اهم آهي. شاگردن لاءِ ضروري آهي تہ هو هن سونهري دور ۾ دل سان علم حاصل ڪن پنهنجو وقت ضايع نہ ڪن ڇو جو وقت ۽ وير ڪنهن جي لاءِ بہ نہ بيهندا. سستيءَ ۽ ڪاهليءَ کي ڇڏي مقصد جي وات تي هلڻ جي ڪوشش ڪن. سڄيءَ دنيا جي ترقي جو دارومدار علم تي آهي. علم جي ئي ڪري انسان پُر آسائش عمارتون، ۽ بيون انيڪ

ايجادون حاصل ڪيون آهن. تمام دنيا جو ڪارخانو بجليءَ تي هلي ٿو جيڪا انسان ايجاد ڪري بهترين ترين ترقي حاصل ڪئي آهي. اها علم جي قوت آهي جنهن تي اسين باوقار، باعزت ۽ بلنديءَ واري زندگي گذاريون ٿا. جيڪي بہ دنيا ۾ وڏا ماڻهو ٿي گذريا آهن ۽ جيڪي بہ ملڪ ترقي يافتہ آهن. اهي بہ صرف علمي ۽ سائنسي ترقيءَ جي ڪري، علم جي لازوال قُوت عمل سان مشروط آهي. علم حاصل ڪرڻ احسن عمل آهي تہ ان جي حاصل ٿيڻ کان پوءِ ان تي عمل ڪرڻ وڏيڪ ستو عمل آهي. شاگردن کي هدايت ڏيندي قائد اعظم محمد علي جناح فرمايو آهي تہ.

Bookish education in not sufficient for students education should be a total education for the development of career, character, health and knowledge.

علم جي معنيٰ آهي "ڄاڻ" علم جي روشني جڏهن انساني دل ۽ دماغ کي روشن ڪندي آهي تہ هو " فوق البشر" جو رتبو حاصل ڪندو آهي. علم جو زيور انسان کي سڏاري ۽ سنواري ٿو. سالڪن جو چوڻ آهي تہ **"علم" اهڙي شيءِ آهي جنهن جي اهميت ڪڏهن بہ ختم نٿي ٿئي ۽ علم جو واپار نہ ڪٽندو نہ پراڻو ٿيندو. علم هڪ اهڙي شڪتي ۽ طاقت آهي جنهن جي کپائڻ سان ان ۾ اضافو ٿئي ٿو. هڪ اهڙو اڻ کٽ خزانو آهي جنهن ۾ ڪڏهن بہ کوٽ نٿي ٿئي".**

قوم تڏهن سڌرندي جڏهن اسين علم کي عام ڪنداسين. هنر ۽ حڪمت علم جو ئي حصو آهن. علم جي الاهي نور سان انساني ڪردار جا گل ڦل کُلي انسانيت جي تعمير ڪن ٿا ۽ قومن جون تقديرون جاڳي اٿن ٿيون. علم جي الاهي ادراڪ جو قدر ڪري. جهالت خلاف سجاڳي آڻڻ گهرجي انهي جي لاءِ تعليم کي عام ڪيو وڃي. پاڪستان ۾ هر پاڪستانيءَ جو فرض هئڻ گهرجي تہ هو علم جي راهہ م اجتماعي مدد ڪري، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون قائم ڪيون وڃن. تعليمي ادارن کي سياست ۽ ڪلاشنڪوف ڪلچر ۽ ڪاپي ڪلچر کان پاڪ ڪيو وڃي شاگردن جي لاءِ ضروري آهي

تہ هو محنت سان علم حاصل ڪن ۽ استاد پنهنجا فرض صحيح ادا ڪن. حڪومت کي تعليم جي بجٽ کي وڌائڻ گهرجي. ڪتابن کي عام ڪري، ڪاغذ ۽ اسٽيشنري کي سستو ڪرڻ گهرجي تہ جيئن هر شخص ڪتاب خريد ڪري سگهي. پبلڪ لائبريرين کي قائم ڪرڻ گهرجي. ڪتابن جي ڇپائي عام ۽ سستي ٿيڻ گهرجي. علمي ۽ ادبي ڪانفرنسون ڪوٺايون وڃن. هر پڙهيل شخص تي اهو فرض ٿو ٿئي، تہ هو علم جي خرچ ڪرڻ ۾ بخل نہ ڪري بلڪہ علم جي خدمت ڪندڙن جي حڪومت ۽ عام طبقي طرفان پذيرائي ٿيڻ کپي، جيڪا هڪ زنده ۽ باشعور قوم جي سڃاڻپ آهي پنهنجن عالمن، اڪابرن، استادن، سالڪن، سائنسدانن، ڊاڪٽرن، انجنيئرن ۽ مذهبي اڳواڻن کي نہ فقط مان ۽ شان ڏنو وڃي پر سندن مشن ۾ ساٿن ساٿ ڏنو وڃي. انهيءَ ساٿ سان ئي علم عام ٿيندو ۽ وڌندو ويجهندو ڇو تہ علم کان محرومي وڏي بدبختي آهي، جيڪا قوم جاهل آهي سان ڪڏهن بہ سرخرو ٿي نٿي سگهي. اسان کي گهرجي تہ پاڻ علم حاصل ڪري ان کي پکيڙيون. ايندڙ نسل لاءِ هاڻي ئي سوچڻ جو وقت آهي. ڪين تعليم يافتہ بنائڻ سان گڏ سُٺي تربيت ڪرڻ، نيڪيءَ ۽ بديءَ جو فرق، چڱي ۽ بري جي تميز سيکارڻ اسان جو ئي ڪم آهي تہ جيئن هن ڌرتيءَ تي امن، پيار ۽ انصاف جي فضا هميشہ لاءِ قائم ٿي وڃي.

# تعليم سڀن لاءِ

**پڇائي پهاڻ، جن رَساڻيو رُڪ کي!**
**تنين سندو چاڻ، آهي آڳڙين کي.**
(3-20، يمن ڪلياڻ)

اسين نعرو ته هڻون ٿا ته، **"تعليم سڀن لاءِ"** ڇا اسين ان تي عمل ڪري رهيا آهيون؟ علم جڏهن ڪوڙ ۽ سچ، نيڪي ۽ بدي، گناهه ۽ ثواب، سونهن ۽ ڪوجهائپ، ترقي ۽ تنزلي، حيوانيت ۽ انسانيت جا فرق سمجهائي ٿو ته ڇا اهو علم اسان سڀني کي حاصل ٿئي ٿو؟

علم وارو ستڙ ۽ سالم آهي، انهيءَ علم جي روشن واٽ جي روشنيءَ کي عام تائين پهچائڻ ڏاهن، دانشورن ۽ عالمن سان گڏ اسان سڀني جو گڏيل فڪر هئڻ گهرجي. علم جي سونهن ۽ سوڀيا، ذات، ذاتُ ۽ ادراڪ ۽ يقين جي سچي قوت هر هڪ جو حق آهي، علم شائستگيءَ جي علامت ۽ زندگيءَ جي دلڪشيءَ جو راز هئڻ سان گڏ انساني ذهن کي سوچ ويچار ۽ غور و فڪر ٿو عطا ڪري، جيتري قدر وسيع علم هوندو انسان ايترو ئي سنوارجي ويندو.

تهذيب جو دارو مدار تربيت ۽ اعليٰ تعليم تي آهي. مردن ۽ عورتن کي اسلام ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي هڪجهڙي هدايت ڪيل آهي. نبيءَ سڳوري جي حديث مطابق علم لاءِ سفر ڪرڻ نيڪ عمل ۽ علم جي رتبي کي جهاد جو درجو حاصل ٿيل آهي، جيئن ته علم انسان کي بصيرت ٿو عطا ڪري ۽ انسان جي ٿئين اک آهي جيڪا سندس اندر کي اجاري ٿي، تيئن جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته علم ئي ڇوٽڪارو آهي. علم حاصل ڪرڻ عبادت سان گڏ هڪ اهڙي واٽ آهي جا انسان کي پنهنجي رب جي نور سان ملائي روشن ڪري ڪيس ممتاز ۽ اعليٰ مقام عطا ڪري ٿي.

ديني تعليم سان گڏ دنياوي تعليم به هن دور جي ضرورت آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ڄاڻ هئڻ سان اسين هن ترقي يافته دور ۾ دنيا سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلنداسين ۽ جيڪڏهن اسين انهيءَ کان واقف نه آهيون ته اسان جو مثال کوهه جي ڏيڏر وانگر آهي، انهي ڪري زماني سان قدم قدم سان ملائي هلڻو آهي. هنري تعليم جي هڪ الڳ خاص اهميت آهي جنهن

۾ هاڻي نئين ٽيڪنالاجيءَ سان گهڻي ترقي اچي وئي آهي. انهيءَ تي عمل ڪرڻ سان ئي اسان ڪامياب ٿي سگهون ٿا. معنيٰ تہ: Knowledge has no boundaries

علم جي ڪا بہ حد مقرر نہ آهي. علم معنيٰ ڄاڻ، معلومات، سگهہ، شعور ۽ اهو شعور فهم جيڪو اسان کي صحيح دڳ لائي، جيئن زمين جي سرسبز ٿيڻ لاءِ آسماني برسات جي ضرورت آهي. تيئن انساني ذهن لاءِ علم جي سوجهري جي ضرورت اهم آهي.

تعليم سڀن لاءِ عام ڪرڻ ۽ ان جي شرح وڌائڻ ۾ حڪومت کي بہ عوام جي سهڪار جي اشد ضرورت آهي. انهيءَ لاءِ اسان استادن ۽ شاگردن تي ٻٽي جوابداري آهي جو اسين پنهنجي آس پاس جي ماڻهن کي تعليم ڏانهن موڙيون. اسان جو ملڪ تيستائين ترقي نہ ڪري سگهندو جيستائين هن ملڪ جو هر شخص تعليم سان نوازيو نہ ويندو. چين، جپان، آسٽريليا، ڪئناڊا، آمريڪا، برطانيا، ويٽنام، ڪوريا، روس ۽ ڪيترائي ملڪ دنيا ۾ ترقي ڪري اڳيان آيا آهن فقط ۽ فقط علم جي ڪري. هڪ شاندار قوم علم جي ڪري ئي مانائتي ٿئي ٿي. جڏهن علم حاصل ڪرڻ اسان جو بنيادي حق آهي ۽ تعليم ڪنهن جي جاگير نہ آهي. تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪنهن جنس، مذهب، طبقي ۽ دين ڌرم جو عمل دخل نہ آهي تہ پوءِ ڇو اسين سجاڳيءَ کان اکيون پوري ويٺا آهيون؟ اسان کي گهرجي تہ دنيا تي گهري نظر رکون ۽ اعليٰ تعليم جو اتساهہ پنهنجي آسپاس پکيڙيون تہ جيئن دنيا ۾ بين الاقوامي سطح تي سڃاتا وڃون اسان کي رب العالمين کان اها دعا گهرڻ گهرجي تہ يا خدا! اسان کي علم عطا ڪر، هن ملڪ جي هر ماڻهو کي علم جي نور سان منور ڪر.

**جانب! تون جيڏو آهين، شان شعورسين،**
**مون تي ڪر منهنجا پرين! ٿُوهہ ٿُسي ٿَيڏو**
**اي ڪامل! ڪَمُ ڪيڏو جيئن نوازينيم نگاهہ سين.**
(برووسنڌي 1_2)

# استاد قوم جا معمار آهن

”استاد“ جو لفظ ذهن ۾ ايندي هڪ مهان، معتبر ۽ ساڃهوند هستيءَ جو تصور اکين اڳيان اچي ٿو. جيڪو ڪامل هئڻ سان گڏ رهبر، رهنما ۽ قوم جو معمار آهي قوم جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ استاد جي حيثيت تمام اُتم آهي. آرٽ هجي يا فلسفو ميڊيڪل سائنس هجي يا جديد ٽيڪنالاجي، استاد جي حيثيت هر هنڌ مڃيل آهي. استاد قوم جو اعليٰ سرمايو ۽ سندن شان ۾ مرتبو عظيم آهي، سٺي استاد جي رهنمائي شاگردن لاءِ خدائي نعمت آهي. جنهن سان سندن نصيب ٿو سنوري ۽ هو زندگيءَ جي صحيح دڳ تي ٽا لڳن. استاد جي عظمت ٻار جي ڪردار ۽ گفتار مان معلوم ٿيندي آهي. سچو استاد پنهنجي سيني ۾ سمايل ڄاڻ ۽ آزمودو پنهنجي شاگرد کي دل سان عطا ڪندو ته يقينن اهو شاگرد سندس نالو مٿانهون ڪندو. جيڪڏهن استاد جي اندر وارو شاگرد مري ويو ته هو هڪ اهڙو انڌارو آڻيندو جنهن سان ڪيترن ئي شاگردن جا نصيب هميشه لاءِ سمهي رهندا.

استاد جا ٻه درجا آهن، هڪ روحاني ۽ ٻيا جسماني، روحاني استاد دين ۽ دنيا جو علم سيکاريندا آهن. جڏهن ته جسماني استاد هنر ۽ ڪاريگريءَ جي ڄاڻ ڏيندا آهن. اڄ هي دنيا جون ايجادون ۽ اعليٰ ترقي صرف سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل سان وجود ۾ آئي آهي. شاگرد استادن کان هنر ۽ علم سکي ان ۾ نواڻ آڻي نوان تجربا ڪري پنهنجي نون شاگردن کي ٻه سچائيءَ سان اها ڄاڻ منتقل ڪئي. جيڪڏهن اها ڄاڻ محدود ۽ مختصر ٿي ختم ٿي وڃي ها ته دنيا جو زوال اچي وڃي ها. پر انهيءَ کي ڪماليت تي پهچائڻ وارو استاد ۽ شاگرد جو رشتو آهي. اڄ هر ڌنڌي سان لاڳاپيل ماڻهو جيئن رازو، لوهار، سونارو، درزي، ڪڙمي ڪاسبي مطلب ته هنر مند کان سرجن، انجنيئر، سائنسدان ۽ تعليم دان تائين جيڪو به پنهنجو عمل پنهنجي شاگرد کي سچائيءَ سان سيکاري ٿو ته خدا جي خدائيءَ جا بهترين دماغ انهيءَ ٽئليٽ کي اڳيان وڏيڪ ڪاريگريءَ سان وڌائين ٿا. معنيٰ ته استاد ۽ شاگرد جي رشتي ۾ محنت، خلوص، عطا ۽ دل جي سچائي اهم آهن.

تعليم جي شعبي ۾ اسان وٽ نوڪرين جي ڀرتين ۾ خاص طور استادن جي ڀرتيءَ ۾ معيار جي بدران سفارش تي توجهه آهي. خاص طور پرائمري استادن جي مقررين ۽ ترقين تي ڌيان ڏيڻ سان اسين پنهنجي تعليم جو بنياد مضبوط ڪنداسين. بنياد ئي سڀ ڪجهه آهي. پرائمري استادن کي سٺا پگهار ۽ ڳوٺن ۾ رهڻ جون سهولتون ڏيڻ حڪومت جو فرض آهي ( ڇو جو ملڪ جي آباديءَ جو وڏو انگ ڳوٺن ۾ رهي ٿو)

استادن تي واجب آهي ته هو پنهنجي اعليٰ مرتبي ۽ مان کي سڃاڻن. شاگردن کي پنهنجي اولاد وانگر ڪري سمجهن ۽ دل ۽ جان سان کين هي علم جو سوجهرو عطا ڪن. پاڻ به وڌيڪ علم حاصل ڪري پنهنجي ڄاڻ وڌائي، پنهنجي رتبي کي بلند ڪن. ذاتي مسئلن ۽ انا کي پاسي رکي خدا پاڪ جي حڪم جي پوئواري ڪندي ضمير جي آواز تي لبيڪ چون. حاصل ٿيل علم کي امانت سمجهي شاگردن کي منتقل ڪري، هو حلال روزي ڪائين. ڏينهن قيامت تي ڪانئن پل پل جو حساب ورتو ويندو.

استادن کي اهو به عرض آهي ته هو پنهنجي ٻڌيءَ ۽ ايڪي جي اظهار لاءِ بيشڪ استاد تنظيمون ٺاهين. پر انهيءَ جا مقصد ۽ عمل هاڪاري هجن جن سان ”شاگرد ڪاز“ کي ڪو به ڇيهو نه رسي. استادن ۽ شاگردن جي رشتي کي مضبوط ڪرڻ ۾ والدين جي وڏي سهڪار جي ضرورت آهي.

استاد ۽ شاگرد جو تعلق مضبوط هوندي به اڄ جي دور ۾ لڳي ٿو ته ايترو اهميت جوڳو نه رهيو آهي. ڪو وقت هو جو شاگرد استادن جي وڏي عزت ڪندا هئا، پر سندن مائيٽ پڻ پنهنجن ٻچن جي استادن جي عزت ڪندا هئا. وقت جي تبديلين ۽ ماڻهن جي مٽيل قدرن مطابق هاڻي اهي محبتون ۽ عزتون ڄڻ ته موڪلائيندي ويون وڃن، پر ته به ”پنج ئي آڱريون برابر ڪينهن“. اڄ به اهڙا فرمانبردار ۽ سمجهدار شاگرد ۽ محنتي ۽ فرض شناس استاد ڪٿي ڪٿي موجود آهن، جيڪي علم ڏيئي ۽ وٺي ڄاڻن ٿا. هلندڙ دور ۾ اهو انگ تمام گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مهانگائي، دين جي ڄاڻ ۽ اخلاقي اصولن جي ڪمي ۽ علمي ڊگرين جي ڊوڙ ۾ تعليم ڪمرشلائيز به ٿي وئي آهي.

اصل ۾ شاگرد آئيندي جا ابا آهن، تہ استاد جي حيثيت مائيت جيان آهي. ڪين "ٽَڪي جو ماستر" ۽ "خصيص ماستر" سمجهڻ جي بدران معزز ۽ قوم جو هڪ تمام معتبر فرد سمجهڻ کپي، استاد جي عزت ڪرائڻ ۾ والدين جو بہ وڏو هٿ هوندو آهي. ڪين گهرجي تہ هو مطلب پرست ٿيڻ جي بدران هن رشتي جي احترام کي سمجهن. اڄ جيڪڏهن اسان اهي ڪوششون عمل ۾ نہ آنديون تہ سماج جا اهي ڪريل قدر وري سنوان ٿي نہ سگهندا. استاد پنهنجي ڪرت جي عظمت ۽ اهميت کان نہ واقف هئڻ سبب ان جي عزت بحال ڪري نہ سگهندو. ان لاءِ حڪومت کي استادن کي وڏي مئرٽ تي چونڊي ۽ کين وڏيون پگهارون ۽ سهولتون ڏيڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ استاد قابل ۽ خود اعتماد هئڻ جي ڪري، بهترين شاگرد پيدا ڪندو آهي. باقي **"جيڪي پاڻ نہ پڙهيا سي ڪهڙا آڪ ڪارا ڪندا"**، وانگر نااهل ۽ سفارشي استاد اهڙي ئي نااهل شاگردن جي فوج تيار ڪندو، پوءِ هن ملڪ ۾ ڪوڙين ڊگرين جو راڄ هوندو، جيڪو ڪنهن حد تائين ٿيندو ڏسڻ ۾ اچي پيو. پر مٿي ڄاڻايل آئي آهيان تہ سڀ ماڻهو برابر ڪونهن، ان ڪري اڄان بہ وقت ڪونہ ويو آهي. اڃا تہ هن پيغمبري پيشي جي عزت ڪريون ۽ پنهنجي ايندڙ نسل کي علم جي عظمت سان مشروط، استادن جي عزت واري رويي جي ڄاڻ ڏيون تہ جيئن هو فرض شناس ۽ محنتي ٿين.

**سياست آ، فضيلت آ، حقيقت آ علم،**
**حڪومت آ، سياست آ، عبادت آ علم.**

# شاگرد استاد جي قدمن مان اُڀري ٿو

شاگرد قوم جو مستقبل آهن. نيڪ، محنتي ۽ هوشيار شاگرد اڳيان هلي سٺو انسان ۽ ڄاڻو استاد ٿئي ٿو. جيڪڏهن سندن استاد قابل ۽ لائق آهي ۽ کيس صحيح دل سان ۽ سچي رهنمائي ڏئي ٿو. تہ پوءِ اهو شاگرد پنهنجن خداداد صلاحيتن سان استاد جي ڏنل علم سان وڏيڪ ڪامياب ۽ ڪامران ٿئي ٿو. يعني شاگرد جيڪي ڪجهہ آهي انهيءَ ۾ سندس استاد جو وڏو هٿ آهي ۽ اها چوڻي سئو سيڪڙو سچ نظر اچي ٿي تہ **"شاگرد استاد جي قدمن مان اڀري ٿو"** هاڻي جيڪڏهن شاگرد ۾ ڪجهہ ڪمزوريون آهن ۽ هو گهٽ محنتي ۽ گهٽ ذهين آهي تہ بہ قابل استاد منجهس صلاحيتون پيدا ڪري ويندو آهي. ان جي بدران جيڪڏهن استاد ۾ سستي، غفلت ۽ اڻ ڄاڻائي آهي يا هو پنهنجي ذمہ داري پابنديءَ سان نٿو ادا ڪري تہ نہ صرف گوسڙو ۽ ڪمزور شاگرد گهٽو وڌيڪ پوئتي ٿيو ٿا وڃن. پر هوشيار ۽ محنتي شاگردن جو بہ ارواح علم تان ڪڇي وڃي ٿو. شاگرد بہ استاد جي پيروي ڪندي نااهل نالائق ۽ نڪمو بنجي ٿو.

استاد شاگرد جو رشتو علم ۽ هنر جي ڄاڻ جي منتقليءَ سان گڏ عزت، احترام، پيار، شفقت ۽ اطاعت جو رشتو آهي. جيڪڏهن شاگرد فرمانبردار نہ آهي تہ هو بي ادب ۽ بي مراد آهي ۽ کيس ڪجهہ حاصل ٿيڻ محال آهي. شاگرد جي لاءِ ضروري آهي تہ وٽس سکڻ جي شوق، محنت ۽ جستجوءَ سان گڏ استاد جي عزت ۽ وقار ڪي سمجهڻ جي ساڃهہ هجي. وڏن جي چوڻين ڪي جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ انهن ۾ ننڍي ٻار جي سڌارڻ ۽ وارڻ لاءِ سختيءَ ڪي بہ پسند ڪيو ويو آهي. چوڻ آهي تہ، "استاد جي مار ٻار جي سنوار" اهو چوڻ وارا ڪجهہ حد تائين حق بجانب آهي. پر اڄ اسين پسند نٿا ڪيون تہ ٻارن تي سختي ڪئي وڃي ۽ چاهيون ٿا تہ استاد ۽ شاگرد جي وچ ۾ دوستيءَ جو رشتو هجي تہ جيئن شاگرد پر اعتماد هجن ۽ بنا حجاب ڪائنڻ سوال جواب ڪري ڄاڻ حاصل ڪن. اهو ڪجهہ حد تائين صحيح بہ آهي پر انهيءَ سسٽم ۾ بہ ڪي خرابيون آهن. ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ سان استاد جي عزت ۾ ڪمي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

ڪجھ هنڌن تي استادن کي گھٽ نظر سان ڏٺو ٿو وڃي ۽ جيڪڏهن استاد مالي ۽ ذهني طور مطمئن ۽ آسوده نہ آهن تہ ڪانئن گھڻين ڪوتاهين جي اميد ڪري سگھجي ٿي. ڪو وقت هو استاد جي عزت جو ڪو حساب نہ هو. والدين پنهنجي اولاد کي تنبيھہ ڪندا هئا تہ پنهنجي استاد جي عزت رکو. سندن ڪيل سختيءَ کي پنهنجي ٻارن جي حق ۾ بهتر سمجھندا هئا ۽ وٽن استاد جو وڏو مان هوندو هو استاد بخاريءَ موجب تہ،

هنن جون چماٽون، اجان ياد آهن،
اکيون ڪول، او قوم، استاد آهن،
هنن جي حقن جو حساب ئي نہ آهي،
سچي قوم سرهي، جي هي شاد آهي.

مٿئين چئو سٽي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اسان جي سماج ۾ هن وقت هڪ منفي تبديليءَ جي ڪري استادن جي عزت ۾ وڏي ڪمي آئي آهي. حالانڪہ استادن جي عزت رکڻ والدين جو بہ فرض آهي. جنهن سان سندن اولاد (شاگرد) بہ ساڳيو رويو اختيار ڪري ڪاميابي ماڻيندو. شاگرد جيستائين جان کي جفو ڏيئي محنت ۽ رياضت نہ ڪندو، ادب ۽ ساڃھہ سان، سچو جوڳ، تن ۽ من جي تياڳ سان حاصل نہ ڪندو. تيستائين هو نہ مقصد حاصل ڪندو ۽ نہ ئي ڪاميابي نصيب ٿينديس. محنتي ۽ ڄاڻو استاد جي سچي رهنمائي ئي. سندس زندگيءَ جو اثاثو ثابت ٿيندي.

”نيم حڪيم خطره جان ۽ نيم ملان خطره ايمان“، وانگر اڌوري ۽ اڻ پوري ڄاڻ وارو شخص فائدي جي بجاءِ مرڳو نقصان جو سبب ٿيندو آهي. قابل استاد پُر اعتماد هُجي ٿو ۽ وري جيڪڏهن منجهس ڏيڻ جو جذبو آهي تہ هو جنتي آهي. (ڄاڻ کي محدود ڪرڻ گناهہ آهي) علم حاصل ٿيڻ جي شڪر ادائي اها آهي تہ ان کي سچيءَ دل سان اڳيان وڌايو وڃي. نااهل استاد، رشوتي، سفارشي ۽ بدمزاج هوندو آهي جيڪو هر وقت پيو شاگردن کي داٻا ڏيندو ۽ لعن طعن ڪندو. چوندا آهن تہ ”ڏڪ رحماني ڏڪ شيطاني“ سو اهڙن بي وس ۽ غير مهذب استادن کان الله بچائي. ”جيڪي پاڻ نہ پڙهيا سي ڪھڙا

اڪ ڪارا ڪندا“. منهنجي نظر ۾ سڀ کان پهرين استادن جي مقررين تي توجهه ڏني وڃي ڪين سخت امتحاني مرحلن مان گذاري ميرٽ تي ڪنيو وڃي ۽ وڏي پگهار ۽ سهوليتن سان رکيو وڃي تہ نہ فقط قوم کي قابل استاد ملندا پر اڳيان هلي، اڻ پڙهيل، ڪاپي ڪندڙ نااهل شاگردن جي فوج مان جان ڇڏائيندي ۽ ڄاڻو استادن جي اطاعت مان اڀريل شاگرد ئي قوم جا بهترين معمار ثابت ٿيندا.

# شاگرد جي زندگيءَ جو مقصد

هر انسان جي زندگيءَ جو ڪو نه ڪو مقصد يا نصب العين ضرور هوندو آهي. ۽ انهيءَ جي لاءِ ئي هو محنت ۽ جدوجهد ڪندو آهي. ڪنهن کي هٿ جي هنر ۾ ماهر ٿيڻو آهي ته ڪنهن کي ڊاڪٽر، انجنيئر يا سائنسدان ته ڪنهن کي ڪلاڪار، فنڪار يا قلمڪار مطلب ته هر ماڻهو پنهنجي ذهني ۽ دلي لاڙي مطابق پنهنجي زندگيءَ جو هڪ رستو چونڊيندو آهي ۽ اڳيان هلي محنت، شوق ۽ مستقل مزاجيءَ سان انهيءَ ۾ ضرور ڪاميابي حاصل ڪندو آهي.

هر هڪ شاگرد لاءِ شاگرديءَ جي عرصي ۾ اهو وقت ايندو آهي جو کيس پنهنجي ڪيريئر لاءِ راهه کي چونڊڻو هوندو آهي. پوءِ جيڪڏهن هو پنهنجي ذاتي لاڙي هيٺ اها چونڊ ڪري ٿو ته سندس لاءِ اها اختياري واٽ سڦل ۽ ڪامياب رهي ٿي. دنياوي طور پنهنجي زندگيءَ جو هڪ مقصد مقرر ڪرڻ ۽ ثابت قدم رهي ان کي حاصل ڪرڻ وارا نيٺ هن دنيا ۾ عزت جو مقام حاصل ڪندا آهن.

شاگردن لاءِ سڀ کان ضروري آهي ته هو پڙهائيءَ سان گڏ پنهنجي ڪردار ۽ مزاج تي خاص ڌيان ڏرين. شاگرد آئيندي جا ابا آهن. قوم جو مستقبل هئڻ سان گڏ سڀاڻي پنهنجي گهر جا سربراهه آهن، کين پنهنجو پاڻ ۾ اڳواڻيءَ واريون صلاحيتون پيدا ڪرڻ کپن. وٽن زندگيءَ جو حاصل زرو دولت جي بجاءِ پاڻ ۾ علمي صلاحيتون وڌائڻ جو هجي. قوم جي لاءِ قربانيءَ جو جذبو هجي. اڄ جون شاگردياڻيون صبح جو قوم جون مائرون ۽ بنيادي درسگاهون آهن. کين زندگيءَ گهارڻ جي طور طريقن سان گڏ زندگيءَ جي مقصد جي مڪمل سمجهه هئڻ کپي ته هو هڪ انقلابي ۽ شعوري طور پروان چڙهيل قوم ٺاهين، جنهن قوم جا نوجوان سمجهدار، باهمت، باشعور، نيڪ دل، محنتي ۽ هڏڏوکي آهن ۽ خلق جي خدمت سندن زندگي جو مقصد آهي ته پوءِ هو

ڪارائتا، ڊاڪٽر وڪيل، جج، انجنيئر ۽ سائنسدان هئڻ سان گڏ اڻملهه انسان آهن.

اڄ جو شاگرد هڪ وڏي مقابلي جي دور مان گذري رهيو آهي. پر هيءُ هڪ اهڙو دور آهي جنهن ۾ ڪردار جي مڪمل تعمير ٿئي ٿي ۽ شاگردن ڪي سوچي سمجهي پنهنجي Career جو فيصلو ڪرڻو آهي. سر سيد احمد خان موجب ”اي نوجوانو! زندگيءَ جي هن پليٽ فارم تي ايندڙ ويندڙ گاڏين ڪي غور سان ڏسو. وقت جي رفتار ڪڏهن به نه بيهندي. گهڙيال ۽ ڪئلينڊر ڪي غور سان ڏسڻو آهي. ڏينهن مهينن، موسمن ۽ سالن جي گذرڻ تي ڌيان ڌرڻو آهي. ايئن نه ٿئي ته وقت توهان جي هٿ مان نڪري وڃي انهيءَ ڪري آئينده زندگيءَ جي رستن مان صحيح رستي جي چونڊ ڪري محنت ڪي شعار بنائي ثابت قدميءَ سان حاصل ڪريو“.

شاگردن جي لاءِ اهو به ضرور آهي ته هو پنهنجي مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ دعائن ڪي وسيلو بنائين. روحانيت جي تربيت ننڍي لاڪون ٻار لاءِ ضروري آهي. عبادت انسان جي اندر ڪي پرسڪون رکي ڪيس حوصلو همت ۽ اميد تي عطا ڪري. ذاتي عبادت سان گڏ والدين، استادن ۽ وڏن جي عزت ۽ فرمانبرداريءَ جي ذريعي عام شاگرد به اوج تي پهچندا آهن. شاگردن ڪي هميشه اهو سوچڻ گهرجي ته هو محنت ڪري پڙهي رهيا آهن. نيڪ نيتي ۽ وقت جي پابنديءَ سان سندن لاءِ رستو آسان ٿيندو پر جيڪڏهن اتفاق سان ڪا به مشڪل اچي ته ڪين همت هارڻي نه آهي.

هيءَ زندگي هڪ امتحان آهي، جنهن ۾ انسان جو ڄمڻ گل جي ٽڙڻ وانگر آهي. موت اَوس اچڻي آهي. مرڻ کان نه ڊڄجي بلڪ اهو سوچجي ته اهڙي حياتي گذارجي جيڪا فنا نه ٿئي ۽ علمي ۽ نيڪ انسان مرڻ کانپوءِ به زنده آهي. موت بيشڪ ڏک جو سبب آهي ۽ جوانيءَ ۾ ته انهيءَ جي سوچ به اڻ وڻندڙ آهي. ڇو جو هيءُ زندگيءَ سان پيار جو وقت آهي. پر زندگيءَ جي فلسفي ڪي سمجهڻ لاءِ موت جي اٽٽر هئڻ جو يقين خود ۾ قائم رکڻو پوندو.

پوءِ ئي آدرشي اصولن واري مقصدي زندگيءَ جو تصور آسان ٿيندو. موت ۽ زندگيءَ جي ازلي ۽ ابدي حقيقت جي لاءِ شيخ اياز چوي ٿو:

**”اهڙي ڪو ڪم ڪر جو ماري وجهي موت کي“**

شاگردن کي گهرجي تہ ننڍپڻ کان ئي سچ، سونهن ۽ نيڪيءَ جي رستي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد مقرر ڪن.

# ڪمپيوٽر سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جا فائدا

موجوده دور ڪمپيوٽر سائنس ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي. جنهن ۾ نين نين ايجادن دنيا کي ڪيترائي سُک عطا ڪيا آهن. هر شيءِ جي هاڪاري ۽ ناڪاري رخن جي جانچ جڏهن ڪئي ويندي اهي تڏهن فائدا ۽ نقصان چٽا ٿي سامهون ايندا آهن. ڪمپيوٽر سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي جائزي ۾ فائدن جو پُڙڪرو آهي.

اڄ جي شاگرد کي هڪ وڏي امتحان کي سر ڪرڻو ٿو پوي، هي ويهڻ جو وقت نہ آهي. بين الاقوامي طور دنيا سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻ لاءِ محنت ضروري آهي. سائنسي تعليم ۽ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ جي پوريءَ دنيا ۾ تمام گهڻي ترقي ٿي آهي. ميڊيڪل سائنس ۽ انجنيئرنگ کان علاوه مختلف ٻين نون شعبن ۾ سائنس نيون نيون راهون ۽ رستا هموار ڪيا آهن. اڄ جي دور ۾ هر شيءِ ۾ روز بروز جلدي تبديلي اچي ٿي. انهيءَ جدت ۽ نواڻ جو ڪارڻ سائنس جي تيز رفتار آهي. جنهن اڄ جي سيپيتا ۽ ماحول کي گرمائي ڇڏيو آهي. مختلف نمونن سان صنعتي، زرعي گهريلو استعمال جي سامانن جي آسائش سان گڏ علم جي ترقي شامل آهي(جنهن ۾ ميڊيڪل سائنس ۽ ٻيا علم اچي وڃن ٿا) ايئن ٿو معلوم ٿئي تہ جديد دور هلڻ جي بجاءِ ڊوڙي رهيو آهي. انهيءَ ۾ ڪمال انساني عقل ۽ سمجهہ جو آهي، جنهن ڏٽيءَ جي ڏنل دماغي قوت ۽ اڻٿڪ محنت سان هن ڪائنات کي هٿ هيٺ ڪيو آهي.

ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعي ايندڙ تبديلين سان سماج جي ثقافت تي بہ وڏو اثر پوندو آهي. هيءُ هڪ اهڙي قسم جو جادو آهي، جيڪڏهن ان کي مثبت نموني انساني ڀلائيءَ لاءِ استعمال ڪيو وڃي تہ تمام واڪاڻ جوڳو آهي. پر جيڪڏهن هن کي ضابطي ۾ نہ رکبو تہ وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو. ساڳيءَ ريت ڪمپيوٽر يعني Information Technology آهي. جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي وڏا فائدا آهن. هن دور جي هيءَ جديد ٽيڪنالاجي پوريءَ دنيا ۾ مڪمل طور رائج آهي. اڄ عام وڏڃ واپار کان وٺي تعليم، بئنڪنگ ۽ ميڊيڪل سائنس

سان گڏ حڪومتي ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪم ۾ ڪمپيوٽر هڪ اهم ضرور تي ويو آهي.

ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال ۾ بہ نيڪ مقصد هئڻ گهرجن، اهڙا ڪم جيڪي انسانيت جي فائدي لاءِ هجن. ٽيڪنالاجيءَ جي منفي استعمال انسانيت لاءِ انتهائي هاڃيڪار ٿي سگهي ٿو.

ڪمپيوٽر هن دور جي هڪ اهڙي جديد ايجاد آهي جنهن زندگيءَ جي ڪاروهنوار ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. انٽرنيٽ جي لحاظ کان پرڏيهہ تعليم حاصل ڪرڻ جي خواهشمند شاگردن لاءِ تہ هڪ وڏو ذريعو آهي. دنيا گلوبل اسٽيج ٿي وئي آهي. ڪمپيوٽر جي سکيا اڄ پاڪستان ۾ عام جام آهي. سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ اعليٰ ڪوالٽيءَ جا ڪمپيوٽر ۽ عملو حڪومت طرفان مهيا ڪيو ويو آهي. شهرن جي تعليمي ادارن ۾ ڪيترائي شاگرد هن ايجاد جو سک ماڻي رهيا آهن ۽ پنهنجن پنهنجن شعبن ۾ ڪارائتو ڪم ڪري رهيا آهن، پر ڳوٺن ۾ اڃا هيءَ ايجاد عام نہ ٿي آهي. ضرورت آهي تہ حڪومتي مدد سان ڳوٺن جي علمي ادارن ۾ بہ ڪمپيوٽر جي سکيا جا جوڳا بندوبست ڪيا وڃن، تہ جيئن ڳوٺن جا شاگرد هن اڻمُلهہ ڄاڻ مان لاڀ حاصل ڪري دنيا جي برابر ٿي سگهن.

# ڪتاب دنيا جي عظيم ترين سوغات آهن

پيارا ٻارو! ”ڪتاب“ لفظ اچارڻ يا ٻُڌڻ سان ماڻهوءَ جي دل تي هڪدم علم ۽ حلم، فڪر ۽ تدبر، تجربي ۽ محنت جو اثر ٿئي ٿو. پروفيسر غلام مصطفيٰ چوي ٿو ته، ”ڪتاب فقط ورقن ۽ پنن جو ميڙ نه آهي، پر اهو انسان جي فڪر و خوض ۽ دل جي احساس جو راز آهي. لفظ مصنف جي روحاني طاقت آهن زباني لفظ ڪان لڪيل لفظ معتبر آهن ۽ سچي دنيا جي ملڪيت آهن“.

جڳ مشهور اديب شيڪسپيئر چوي ٿو ته، ”سٺا ڪتاب سُٺا ماڻهو پيدا ڪن ٿا. برڪت وارا ماڻهو اهي آهن، جن اول ڪتابن جو علم ايجاد ڪيو“ معياري ۽ غير معياري ڪتابن ۾ وڏو فرق آهي. جان ملٽن جهڙو مفڪر هِنَ ڏس ۾ چوي ٿو ته،

”جهڙيءَ ريت دوستن جي چونڊ جو معاملو نهايت اهم آهي، تهڙيءَ ريت ڪتابن جو انتخاب ڪرڻ به ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. هڪڙي مصنف جو املهه خون آهي سندس عمدو ڪتاب“.

هيءَ دنيا ڪيترن ئي مصنفن جي عظيم تصنيفات سان سجيل آهي، جيڪي لکن ۽ ڪروڙن ماڻهن جي حياتين کي سڌارين ٿا ته اها به حقيقت آهي ته ڪيترائي فضول ڪتاب به ڇپجن ٿا. جن جو غير معياري مطالعو وهمن ۽ وسوسن ۽ برن خيالن کي ويجهو آڻي ٿو. سُٺن ڪتابن جي پذيرائي نئينءَ ۽ نڪوريءَ مثبت چاڻ جي وڌائڻ لاءِ ڪوششون مطالعي جي معيار کي بهتر بنائڻ ۾ مددگار آهن.

اڄ جو دور ڪمپيوٽر سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو آهي، جنهن ۾ نئين ۽ پراڻي نصابي تعليم ۾ وڏو فرق آهي. وقت جي رفتار سان گڏ هلڻ ئي هر دور جي اهم ضرورت هجي ٿي، پر ڪتابن جي اهميت هر دور ۾ ساڳي رهي آهي. وقت ثابت ڪيو آهي ته ادب هميشه ماڻهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي، ماڻهن کي شعور بخشڻ سان گڏ انساني تهذيب جي سڌرڻ ۽ معيار ۾ اضافو ڪيو آهي. ڪتابن جا ڪيترائي قسم آهن. پر انهن سڀني قسمن ۾ علمي، ادبي،

سائنسي، تاريخي ۽ ٻين اهم موضوعن جا ڪتاب معياري شامل ٿيندا. ڪتابن کي جمع ڪري، ڪتب خانن/لائبريرين ۾ رکيو ويجي ٿو جتي انهن جي مناسب سار سنڀال ٿيندي آهي. لائبريريون علمي ۽ ادبي گهر آهن، جن جهڙو سڪون آور ۽ لاڀ ڏيندڙ ڪو به هنڌ ٿي نٿو سگهي. جن جي حفاظت ۽ نگهداشت سان علم ۽ ادب کي هٿي ملي ٿي. اڄ ڪتب خانن مان چوريون. انهن کي لڳل باهيون ۽ علم دشمنيون جڏهن پسجن ٿيون، تڏهن دل ڏکي ٿي. جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن بهترين نادر قلمي نسخن ۽ ڪتابن جي وڏي بي قدري ٿي، ڪيترا اهم ڪتاب برٽس لائبريريءَ ۾ اڄ به موجود آهن، جيڪي هتي نه آهن. ساڳيءَ ريت پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به ڪجهه واقعا لائبريرين کي باهه ڏيڻ جا ٿيا آهن. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ ۾ باهه لڳڻ جي واقعي تي " باهه نه ساڙي علم کي" جي غزل ۾ تنوير عباسي لکيو ته،

ويري ماري جک، آڏو منهنجي علم کي،<br>
ساڙن ٿا جيڪي، پوي تن جي منهن ۾ رک،<br>
محبت جن جي مَنَ ۾، تن جا ڳڪ به لَڪَ،<br>
ڪاريءَ وارا ڳڪَ، ويري تنهنجي پاند ۾.

اهڙن ڏکدائڪ واقعن جي باوجود به مبلغن، رهنمائن، اديبن، عالمن ۽ شاعرن جي روشن ڪيل هيءَ علم ۽ ادب جي شمع منور آهي ۽ هن ڪمپيوٽر دور ۾ اڄ به دنيا جي عظيم ترين سوغات يعني ڪتاب مطالعو ڪيا وڃن ٿا ۽ انسان ذات انهيءَ مان فائدو وٺي رهي آهي.

# ليکڪا ۽ سندس ڪتابن جو تعارف

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو جنم 20_11_1958ع تي ڏيپلي شهر ۾ محمد موسيٰ ميمڻ جي گهر ۾ ٿيو سندن تعليم ايم. اي(انگريزي ادب)، ايم. اي (سنڌي ادب)، پي. ايڇ ڊي (سنڌي) آهي، ڪرت طور ايسوسيئيٽ پروفيسر طور ، تعليم کاتي، مان ريٽائر ڪيائين، لکڻ جي شروعات نثر نويسڪا طور 1980ع ۾ ڪندي ادبي تاريخ، ڪالم، تحقيق، تنقيد، لطيف شناسي، ٻاراڻو ادب، افسانا ۽ ٻين موضوعن تي اٽ سئو کن مضمون، مقالا ۽ ڪهاڻيون لکيا اٿن.

سندن **ڇپيل ڪتاب**: 1. سنڌي ادب جو جائزو 2004ع، 2. سنڌي نثر جي صنفن جو اڀياس 2008ع، 3. اٿي رائو ريل،(تنقيد) 2009ع، 4. آديسين ادب آهي اکڙين ۾،(لطيف شناسي) 2008ع، 5. سون ورنيون سوڊيون 2009ع،6. وکر سو وهاءِ 2010ع، 7. اخلاقي قدر(ٻالڪ ادب: مضمون) 2010ع، 8. عالم سڀ آباد ڪرين،(لطيف شناسي) 2015ع، 9. پلئہ پايو سچ،(مضمون) 2015ع، 10. سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو(ادبي تاريخ)2015ع، 11. گلدستو(مضمون) 2017ع، 12. سنڌي ادب (ايم سي کيوز)2018ع، 13. سنڌي نثر جي تاريخ ۾ عورتن جو حصو(پي ايڇ ڊي مقالو)2020ع، 14. ٽي تحفا ا(ٻالڪ ڪهاڻيون) 2021ع، 15. شرارتي جن،(ٻالڪ ڪهاڻيون)2022ع، 16. ”سونيون اشرفيون“ (ٻالڪ ڪهاڻيون) 2023ع، 17. پوپٽ ۽ گلاب(ٻالڪ ڪهاڻيون) 2023ع، 18. شهزادي ماهہ نور(ٻالڪ ڪهاڻيون) 2023ع، 19. ثاقب جي آئيسڪريم(ٻالڪ ڪهاڻيون) 2023ع، 20. سهڻا سخن 2023ع، 21. جديد سنڌي ادب جو بنياد وجهندڙ تاريخ ساز شخصيت شمس العلماء مرزا قليچ بيگ (تحقيق) 2023ع، 22. سنڌي نثر جديد مطالعو (آخوند عزيز الله کان عثمان علي انصاريءَ تائين (تحقيق) 2023ع.

## ڊجيٽل ايڊيشن ڪتاب

23. ماڻڪ موتي لالَ (مضمون ۽ مقالا)، 24. سدا وسين تون 25. جاڪوڙي محققا 26. محبت پائي مَنَ ۾ 27. لطيف شناسي

**اڻ ڇپيل ڪتاب:** 28. پورائيءَ ۾ پال ٿيا(مضمون ۽ تبصرا)،29. اَمر انسان (ٻالڪ ادب)، 30. سماج سڌارڪ انقلابي اديب، محمد عثمان ڏيپلائي،31. معلومات جو خزانو(ٻالڪ ادب)، 32. پاڪستاني ادب ڪي معمار، ڊاڪٽر فهميده حسين شخصيت اور فن، 33. سکن جو سنسار (ڪهاڻيون/افسانا)، 34. ارباب جي هوشياري(ٻالڪ ادب: ڪهاڻيون)، 35. صحت ۽ زندگي، 36. شهر بانو (ترجمو ڪيل افسانا)، 37. جي پارڪو پارس جا (لطيف شناسي)، 38. هلڻ منهنجو هوت ڏي(سفر نامو)، 39. سنڌي نثر جي تاريخ، 40. تو ۾ ديرو دوست جو(لطيف شناسي)، 41. مفتي منجهه ويهار(آتم ڪهاڻي)، 42. جنرل هسٽري (پبي سي ايس)، 43. جديد سنڌي ڪهاڻي (تحقيقي اپياس)، 44. انوکو رازو(ٻالڪ ادب)، 45. اچوڙي ٻارو(ٻالڪ ادب)، 46. سنڌي شاعريءَ جي تاريخ، 47. ٻالڪ ادب جي ليکڪن جا انٽرويو 48. حڪايتون، 49. پکراج پري، 50. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جون علمي ۽ ادبي خدمتون.

# بيڪ ٽائيٽل

- هن ڪتاب ۾ اخلاقيات جي موضوع جي حوالي سان جيترو مواد پيش ڪيو ويو آهي. ان ۾ موضوع جي جيترن پهلوئن جو احاطو ڪيو ويو آهي، اهو پنهنجي جاءِ تي اهميت جو حامل آهي. فاضل ليکڪا، مصنفه جيئن تہ هڪ ذميوار استاد، شفيق والده آهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ هڪ ذميوار شهري آهي، سندس تصنيف ڪيل ڪتابن مان سندس ادب سان لگن، اورچائي ۽ ڪمٽمينٽ بکي رهي آهي، جنهن جو ثبوت اهو آهي جو سندس ڪتاب لاڳيا شايع ٿيندا رهن ٿا.

(ولي رام ولڀ)

- ”اخلاقي قدر“ جي خوبي اها آهي تہ هي بين الاقوامي ٻارن جو ڪتاب آهي، هن کي جنهن بہ زبان ۾ ترجمو ڪيو ويندو تہ ان ملڪ جي ٻارن لاءِ مروج چاڙهہ موضوع اهي ئي ساڳيا هوندا، جن ۾ قرآن ۽ حديث کان وٺي دنيا جي وڏن شاعر، اديبن ۽ دانشورن جا حوالا تمام گهڻو نظر ايندا. شاگرد تہ ٺهيا پر وڏا بہ هن ڪتاب ۾ آيل مختصر مضمونن مان بہ وڏو لاڀ حاصل ڪري سگهن ٿا.

(سليم چنا)

- مون هي ڪتاب ڏاڍي دلچسپيءَ ۽ ڌيان سان پڙهيو ۽ خواهش اٿم تہ سڀ مائرون، پينرون، والدين ۽ استاد بہ غور سان پڙهن تہ جيئن اسان اسان سماجي، معاشي ۽ اخلاقي قدرن جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهون.

(يوسف سنڌي)

- ”اخلاقي قدر“ معرفت انسان، انسانيت ۽ اخلاقيات جي قدرن کي معاشري جي معاشي، سماجي، سياسي، ديني ۽ علمي حالتن جي حوالي سان سمجهايو ويو آهي. اميد تہ شاگردن کي پسند ايندو ۽ هُو پنهنجي مطلب جا موتي هِن مان حاصل ڪري، پنهنجي شخصيت کي سنوارڻ ۾ مدد حاصل ڪندا تہ پوءِ آئون سمجهنديس تہ منهنجو پورهيو صاب پيو.

(ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

**books.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book